
گڏيل شاعري
نئون نئون مذا
مرتب
مرتضيٰ لغاري

# نئون نئون مڌ آ

(گڏيل شاعري)

مرتب:

## مرتضيٰ لغاري

مرڪ پبليڪيشن شهدادڪوٽ

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

**مرڪ** پبليڪيشن شهدادڪوٽ جو ڪتاب (3)

**ڪتاب ـ نالو:** نئون نئون مذ آ

**موضوع:** (گڏيل شاعري)

**مرتب:** مرتضيٰ لغاري

**سال، مهينو:** آڪٽوبر 2014ع

**ڪمپوزنگ:** مرتضيٰ لغاري

**ڇپائيندڙ:** مرڪ پبليڪيشن شهدادڪوٽ

**ملھ:** 300 روپيه

**ڪتاب ملڻ جا هنڌ:**

پٺائي ڪتاب گهر، حيدرآباد. سنڌيڪا ڪتاب گهر، حيدرآباد
ـ ڪانيواڙ شاپ، اردو بزار ڪراچي، ـ ڪنگ پن بڪ هائوس، حيدرآباد،
ـ ڪامريڊ بڪ اسٽال، ڄامشورو ـ رابيل ڪتاب گهر، لاڙڪاڻو
ـ مهراڻ ڪتاب گهر، لاڙڪاڻو ـ وسيم ڪتاب گهر، شڪارپور،
ـ سنڌيڪا ڪتاب گهر، سکر ـ تهذيب بڪ اسٽور، خيرپورميرس،
ـ پريتم قاضي، نواب شاهه ـ الفتح نيوز ايجنسي، سکر،
ـ جاويد بڪ اسٽور شهدادڪوٽ – ڪنول ڪتاب گهر، قنبر،
مرڪ پبليڪيشن شهدادڪوٽ

# ارپنا

نئين ٿهي جي
انهن شاعرن ۽ شاعرائن جي نان ۽
جيڪي
مسلسل لکندا رهن ٿا
۽ سندن
مستقبل جو شاعرائو جهان
روشن روشن نظر اچي ٿو .

مرتضيٰ لغاري

# سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت ڪتاب گهر پاران **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو ڪتاب نمبر (135) اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. هي گڏيل شاعريءَ جو ڪتاب **”نئون نئون مذ آ“** سنڌ جي 16 شاعرن ۽ شاعرائن جي شاعريءَ تي مشتمل آهي، جن ۾ ڊاڪٽر غلام نبي ”صابر“ سڌايو، ڊاڪٽر ”حاذق“ جوٽيجو، ناشاد رشيد ”سنڌي“، اڪبر ڪرل، بشير آچر، شيخ ”فرازي“، وفا ٻرڙو، اشفاق چانڊيو، انجم قاضي ، ضمير ”حيدر“ چانڊيو، علي رضا، خيرل سيلرو، ماريہ ڪنول، ايم يونس جمالي، نادر دايو ۽ ڪريم ”گل“ دايو شامل آهن.

هي ڪتاب **مُرڪ پبليڪيشن شهداد ڪوٽ** پاران 2014ع ۾ ڇپايو ويو. جنهن جو مرتب مرتضيٰ لغاري آهي. اسان ٿورائتا آهيون پياري مرتضيٰ لغاريءَ جا جنهن هن ڪتاب جي سافٽ ڪاپي سنڌ سلامت تي پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.

اوهان سڀني دوستن، پائرن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساڄاهه وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

**محمد سليمان وساڻ**
مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**

# ستاءُ

| | | | |
|---|---|---|---|
| پبلشر نوٽ | | مرتضيٰ لغاري | 08 |
| مهاڳ | پراڻي مڏ جا نوان پياڪ | سعيد سومرو | 09 |

- ڊاڪٽر غلام نبي ”صابر“ سڌايو 34
- ڊاڪٽر ”حاذق“ جوڻيجو 48
- ناشاد رشيد ”سنڌي“ 62
- اڪبر ڪرل 77
- بشير آچو 91
- شيخ ”فرازي“ 103
- وفا پرڙو 117
- اشفاق چانڊيو 131
- انجم قاضي 145
- ضمير ”حيدر“ چانڊيو 155
- علي رضا 169
- خيرل سيلرو 183
- ماريه ڪنول 197
- ايم يونس جمالي 211
- نادر دايو 223
- ڪريم ”گل“ دايو 234

پبلشر نوٽ:

## اندر جا احساس

”**مرڪ پبليڪيشن**“ پاران ڳڏيل شاعري جي پهرين شاندار ڪتاب ”**برڪا بوند بهار جي**“ ڪاميابي ۽ پذيرائي ڪان پوءِ هي پيو سورهن شاعرن جو ڪتاب ”**نئون نئون مڌ آ**“ اوهان پڙهندڙ دوستن جي هٿن تائين پهچائيندي خوشي ٿي رهي آهي. خوشي ان ڳالهه جي نہ ٿي رهي آهي تہ اسان ڪو ايڏو وڏو ڪارنامو انجام ڏنو آهي جيڪو ڪارنامو ٻيو ڪو بہ ماڻهو سرانجام نہ ڏئي سگهندو، پر خوشي ان ڳالهه جي ٿي رهي آهي تہ موجوده دور ۾ سنڌي شاعري جي ڪتابن ڇپجڻ جو سلسلو تمام تيزيءَ سان جاري آهي ۽ ان ۾ ڳڏيل شاعري واري ٽرينڊ تي بہ لا تعداد ڪتاب ايندا رهيا آهن، انهن سڀني ڳڏيل شاعري جي ڪتابن ۾ مرڪ پبليڪيشن پاران شايع ٿيل ڳڏيل شاعري جي ڪتاب ”برڪا بوند بهار جي “ الڳ ٿلڳ سڃاڻپ ماڻي ورتي آهي. جنهن جي نتيجي ۾ هڪڙو ٻيو ڳڏيل شاعري جو شاندار ڪتاب ”**نئون نئون مڌ آ**“ مڪمل ٿي چڪو آهي، جنهن ۾ سينيئر توڙي جونيئر سورهن شاعرن جو ڪلام ترتيب ڏئي شامل ڪيو ويو آهي.

هن ڪتاب ڪان پوءِ بہ ڪم جاري آهي جنهن ۾ سڀ ڪان اول ڳڏيل ڏهن ڪهاڻيڪارن جو ڪتاب هوندو جنهن ۾ سنڌ جي ناميارن ڏهن ڪهاڻيڪارن جون شاندار ڪهاڻيون سهيڙي شامل ڪيون ويون آهن هي ڪتاب بہ آخري مرحلي ۾ آهي تمام جلد شايع ٿي ويندو ،ان ڪان پوءِ ڳڏيل شاعرائن جو ڪتاب پڻ ترتيب هيٺ آهي، جنهن ۾ صرف عورت شاعرائن کي شامل ڪيو ويندو. اهڙي طرح سنڌي ٻوليءَ جي سڀني سينيئر توڙي جونيئر شاعرن ۽ شاعرائن کي شامل ٿيڻ جي دل سن دعوت پڻ ڏجي ٿي اوهان سڀني دوستن جو اهڙو ئي سهڪار جاري رهيو تہ انشاءَالله ڪم اڃان بہ بهتر ٿي سگهي ٿو.

سنڌ سلامت ساٿ سلامت

**مرتضيٰ لغاري**
شهدادڪوٽ
Cell: 0300-5182494
0300-3429326

ائڊريس:
**آفيس نئين آس مئگزين**
**۽ مرڪ پبليڪيشن شهدادڪوٽ**
Murtaza.laghari9@gmail.com

مهاڳ :

# پراڻي مذ جا نوان پياڪ

* **مرتضيٰ لغاري** ـ اُتر سنڌ جي شهر شهدادڪوٽ مان، سموري سنڌ سُون جي، وسيع ادبي منزل گاهہ جو ”نئين آس“ جي ايڊيٽر طور، نـيُـنِ آسُـن سان نئون منتظمين تي اُپري رهيو آهي.

هڪ ايڊيٽر، سموري تڙيل پکڙيل ۽ اُلجهيل شين (تخليقن) کي سنواري صاف ڪري، سَونتَ سان، اهڙي ڊزائين ۽ آرٽيفيشل انداز سان سجائيندو آهي جو نظرانداز ڪري ويندڙ نگاهہَ بہ ڪي پل اچرج منجهان وات تي آڱريون ڏيئي، نهاري، اهڙي املهہ خوبصورتيءَ تي دلي دادُ ڏيندي آهي. پر سنڌ جي ادبي ماحول ۾ چند ڪراڙن هَپچي، نام نهاد ايڊيٽرن جي چامِڙي ڪِرت، نہ رڳو ادب جو پر اديب جو بہ باطني ڪردار ايترو تہ لوئي ڪمتر ۽ ڇُنڊاپَٽ جي ور چاڙهي ڇڏيو آهي، جو نئون پڙهندڙ، نئون لکندڙ پيدا ٿيڻ تہ پري جي ڳالهہ مورئون پراڻي پانڪ/ليڪ جو بہ ادبي ارواح ڪَسارو ڪري، اهڙي طرح ختم ڪري ڇڏيو آهي، جو ڪيرُ سرمائي جي پويان ڊوڙندڙ هِن سماج ۾ اديب ۽ شاعر طور، پنهنجي سڃاڻپ ڪرائيندي شرمنده پيو ٿيئي!

اهڙي ابتڙ ماحول ۾ ”نئين آس“ ميگزين ۽ ”مرڪ پبليڪيشن“ جو باني، هي يارڙو مرتضيٰ لغاري؛ هن ڪتاب ”نئون نئون مذ آ“ جو مرتب، ۽ ان کان اڳ اهڙي ئي سلسلي جي پهرين شهڪار ڪڙي ”برکا بوند بهار“ سهيڙيندڙ، خوبرو جوان ۽ پلو ڪويسر، جنهن هِن بي ترتيب مواد ۽ تڙيل پکڙيل شخصيتن کي نئين ترتيب ڏيڻ جو جيڪو محاذ سنڀاليو آهي، اهڙو پيچيده ۽ صبرآزما مورچو محفوظ رکڻ، ڪنهن هلڪڙي/پاڻ هُرتڙي طبعيت رکندڙ سپهہ سالار جو وسُ/وڙُ ناهي. چو جو سيني طرفن ڏيانَ/گيانَ سان، راتو ڏينهن اوجاڳا ڪٽي، هڪ هڪ شاعرَ دوست جي مزاج پٽاندڙ ماحول جوڙڻ، هڪ ڏاهي ۽ بهادر دل رکندڙ قدر شناس انسانَ جو شيوو آهي. مرتضيٰ لغاريءَ ۾ بہ اهڙيون خوبيون نظر اچن پيون، جيڪو پنهنجي هڙان وڙان ڏيئي بہ ، جنهن اهڙي تخليقي ڪاروان کي سنڀارڻ جو ساهس ڏاريو آهي، شل ان روحاني رنگ کي، ڪنهنجي ڪوڙاڻ پري ڪاراڻ نہ لڳي!

تڪڙي نظرَ ڏرجي تہ شاعر دوستن جو گڏيل شاعراڻو پورهيو گڏ شايع ٿيڻ جو اشاعتي اتهاس بيحد مختصر ۽ سهيڙڻ لائق آهي. ان سڳنڌي سلسلي ۾ بہ انوکو ساءُ ۽ روشني آهي. هر شامل ٿيل ڪلاڪار جي تخيل جو الڳ رنگ، جدارو فن / فڪر ۽ هڪ ٻئي کان هِتي ڪري، پنهنجي پنهنجي دائري ۾، پنهنجي لب و لهجي/ ٻوليءَ سان، پنهنجن اڇن/نيرن ۽ واڱڻائي/ڦڪن ڪلرن جهڙن خيالن سان، هر پڙهندڙ جي روح کي جڻ رنگي ڇڏين ٿا. اهڙا هوليءَ - رنگ ۽ انڊلٺ پيدا ڪرڻ، اهڙن گڏيل شاعريءَ جي ڪتابن جو اولين مقصد آهي.

هي ڪتاب "**نئون نئون مذ آ**" بہ گهڻو تڻو اهڙن رنگن جي آبشارن ۾ وهنجي رهيو آهي. هن ۾ سينيئر شاعرن سان ڪجهہ جونيئر بہ شامل آهن. اُهي ائين آهن، جئين نديءَ ۾ بارش جو تازو پاڪ پاڻي - اُها حسناڪي نئين ٿهيءَ جي نروار ٿيڻ ۾ بہ آهي، تہ هڪ نئين ڪتاب جي جنم وٺڻ ۾ بہ آهي. هلندڙ قافلي ۾ نئون روح ڦوڪڻ جو عمل بہ آهي تہ نئين محاذ تي نئين ڪمڪَ پهچڻ جو اتساهہ ڏيندڙ پيغام بہ -

خبر ناهي تہ هن باغيچي "**نئون نئون مذ آ**" منجهان، ڪيرُ اڳتي هلي اجان وڏيڪ سُرور ۽ سواد ڀريو سمان بخشيندو ۽ ڪيرُ ٿڪجي هارجي، اڌ تخليقي جنگ ۾ ئي ساٿ ڇڏي ويندو! پر پاڻ ڪي، هيءُ دوستَ، جنهن سراءِ تي مليا آهن، اُتي سيني جي هڪ جيتري آجيان آهي الڳ الڳ — ان ڪري، انهن تي پنهنجي گڏيل راءِ بدران فني ۽ فڪري نظر بہ الڳ الڳ ۽ اُنهن جي فن/فڪر جي اُٽت آڌار رهندي.

هن مجموعي جو پهريون شاعرُ، سينيئر ليکاري دوستُ، **ڊاڪٽر غلام نبي "صابر" سڏايو** آهي. سائين "صابر" سڏايو جي بنيادي سڃاڻپ محققَ ۽ نقادَ واري رهي آهي. سموري سنڌ جي ادبي حلقن ۾ سندن تخليقي ڪتابن بدولت، ڪين ڀرپور دادُ ۽ قدرواري نگاهہ سان ڏٺو/پڙهيو ٿو وڃي. پاڻ ايوارڊيافتہ ليکاري ۽ گهڻ پاسائي ادبي شهرتن جي حامل شخصيت آهن. "صابر" سڏايو جي سندس ڀين ادبي خدمتن جي وسعت سبب، شاعراڻي سڃاڻپ محدود هئي، جيڪا "نئون نئون مذ آ" ذريعي، ڀيهر گفتگو هيٺ اچي، آسپاس جي وڏن وٽن ۾ واڪا وجهڻ لاءِ ڪافي آهي. "صابر" سڏايو نہ صرف

## نئون نئون مذا آ (شاعري)

خوبصورت غزل سرجيا آهن پر ان کان بہ بہ رتيون سرس سندس آزاد نظم آهن. جن ۾ بنھہ الڳ ۽ گھڻ ڪتب آيل موضوع، پنھنجي اسٽائيل ۾ لکيا آهن، جن ۾ خاص ڪري سندس نظم ؛ **"سونهن هي ساڳي نہ رهندي"** مون وانگر عام پڙهندڙ وقت جي عاشق کي بہ بيحد پسند ايندو.

**دل ۾ جيڪو پور آ،**
**اڄ تہ ان کي ماڻُ ڏيون،**
**تون سکي کي ساڻ ڪڻ،**
**ميڙي سڀ ارمان ڪڻ،**
**هي جوين ۽ جواني،**
**ٿي ويندي ماضي ڪهاڻي،**
**او سانورا او بانورا!**
**هيءَ گهڙي موٽي نہ ايندي،**
**سونهن هي ساڳي نہ رهندي.**

وقت جي وهڪري جو وٽندڙ قدرُ، زندگيءَ سان پريل پيغام تہ "جوين ماڻ". سونهن جي فنائيت جو مرڪزُ پيار سان ڀريل پيڙاتمڪ خوشي. لمحن جي قدر شناسيءَ ڏانهن ڌيان ڇڪائيندڙ اهڙا خوبرو تصور پين شاعرن بہ جام لکيا آهن پر صابر سڏايو ان ۾ ڪبڙن جي ٽڏڙي ڇانوَ ۾ پکل پيرن ميڙڻ جهڙو پنھنجو الڳ آهنگ اوتيو آهي.

سندس وائي "او سنڌو! توسان منھنجو پيار" پڻ پنھنجي ڌرتيءَ جي ازلي انس جو اظهار آهي تہ "ڪنھن کي ڪيان پرنام، هر صورت ۾ آهي رام" جهڙا نظم ۾ سمايل خيال سنڌ جي صوفياڻي خمير جي نمائندگي ڪندي نظر اچن ٿا. "ڏيري ڏيري آءُ" نظم جيڪو، ڪافي نما رنگ ۾ رنگيل موسيقيت ۽ نظمي سٽاءُ ۾ آهي، تنھن ۾ پڻ پيار پالوت جو بهترين روايتي روح مسڪرائي پيو.

**ڪي مرده ٿي ويا رند هتي،**
**ڪي رند نوان پياري وڃ.**
**(صابر سڏايو)**

نوان ماڻهو، نوان جوش جذبا پيدا ڪرڻ واري پيغام جو اظهار آهي. ڌرتيءَ جي پاڪ دامن تي، پورين مان بي ڏوهہ لاش ملن، تہ گلشن شمشان ئي تہ پاسبو. صابر سڏايو نہ صرف اهڙين سچائين ڪي غزل جهڙي نازڪ صنف ۾ سموئي پيو پر ”سينگار ڪي کهڙي آهي سينگار جي ضرورت“ واري نظرئي تحت پڻ غزل جي عاشقاڻي سرزمين ڪي آباد ڪري پيو. اهڙي خوبي ئي ڪيس غزليہ رنگ ۾ ممتاز رکي سگهي ٿي. وٽس بهترين استعارا آهن: ”چنڊُ ڪوماڻو“، ڳاڙها ڳل ٿيا اڄ ڪارا“، رُڃ ۾ راڙو“، وغيره.

**هڪ شام_ اُداس،**<br>**جڏهن تون ڏيئي جي لاٽ ڪي،**<br>**پنهنجي زلفن جي پاڇولي ۾،**<br>**اوجهل ڪري،**<br>**هوا جي تيز جهوٽن کان بچائيندي،**<br>**منهنجي من مندر ڪي اجالو ڪرڻ لئہ،**<br>**پنهنجي نرم نازڪ هٿن ۾،**<br>**کڻي ايندين ...**

هن آزاد نظم ۾ بوليءَ جي شيرين بياني انداز شاعراڻي عروج طرف روان دوان آهي. ان آزاد نظم جو هيٺيون ڪلائمڪس ٽڪرو تہ ڪنهن شهڪار صوفياڻي ڪهاڻي جو خوبصورت پلاٽ آهي.

**تہ اها ڏيئي جي لاٽ نہ آ،**<br>**پر اهو آئون آهيان،**<br>**جو تنهنجي جدائي ۾ تڙپان ٿو.**

**ڊاڪٽر ”حاذق“ جوڻيجو** - عربي/فارسيءَ جو پارکو، سنڌي فائنل جو استاد آهي. ڊاڪٽر ”حاذق“ جو هِن نئين ٿهيءَ جي سٽ ۾ سموئجڻ سياويڪ عمل آهي. ماضيءَ ۾ شايع ٿيل سنڌس چئن ڪتابن کان، ٿي سگهي ٿو تہ گهڻي نئين ٿهي مڪمل واقفيت نہ رکندي هجي، پر هن محدود صفحن تي پکڙيل سنڌس ڪلاسيڪل ڪلام جو رنگ/آهنگ هن ڪتاب جي پڙهندڙ جي حواسن وٽ ممڪن آهي تہ تادير موجود رهي.

**اوهان تي جا آئي بهار۔ شباب،**
**ڪُلي پيا توهان جي ڳلن جا گلاب.**

ڊاڪٽر ”حاذق“ ڪلاسيڪل غزل گو شاعرن جي پُربهار موضوعن ۽ روايتن جي پاسدارَ ماضيءَ جي مهڪيل محبتن جا مُکيہ معاملا پنهنجي استاد شاعرن جي انداز بيانيہ رنگ ۾ ڪندي، پنهنجي املھ دور جي ترجماني ڪندي ملي ٿو:

- **لعل لَب ڳاڙها گلابي يار تا موهي وجهن،**
- **سيرت سني جي ناهي، سينگار ٿيو تہ ڇا ٿيو.**
- **اڄ زماني جي عجائب چال نياري تو ڏسان**
- **ڪيم دانهون مان اُپ ڦاڙي نہ ٻڌو دلدار منهنجو سڏ**
- **اڄ يار آ اسان کي هڪ هار جي ضرورت**

جهڙا غزل ان ڳالھ جي گواهي ڏين پيا تہ حڪيم لقمان ڪوکر، نواز علي ”نياز، جعفريءَ جهڙن ڪهنہ مشق شاعرن جو تسلسل ڊاڪٽر ”حاذق“ جوڻيجو جي شاعري سماج جي ابتڙ حالتن جي عڪاس، محبوب جي خند خيالن جي پورٽريٽ لفظن ۾ پينٽ ڪرڻ جو زمانو، روشن خيال اسلامي طرز ايمان ۾ يقين وڌائيندڙ جذبن جي چٽسالي آهي.

ڊاڪٽر ”حاذق“ جوڻيجو وٽ نئين دور جي درد ۽ طرز عمل جو بيان بہ ايترو دل نشين ۽ دل سان لکيل آهي، جيترو اڳين تاريخ جي مامرن جو تذڪرو. اها ئي هڪ سچيت ڪوي جي ذميواري آهي تہ هُو پنهنجي وقت جو اتهاس رقم ڪرڻ سان گڏ، اتهاس ۾ موجود املھ گڻن کي بہ ڳُٽي ڳُٽي سنڀاريندو اچي، جن گڻن جي ڪري عالم انسانيت جي نجات ٿيندي اچي ٿي.

**ڳلن تي زلف چميون ڏيندا رهيا،**
**ويا مونکان وسري گناھ ۽ ثواب.**
**هوا ۾ وکري ويا تنهنجا وارَ،**
**اوهان جو تہ مرڪڻ هو سهڻو سراب.**

- **شيشي جي پالڪيءَ ۾ گلفام نام گهرجي**
- **بس تجلو تاب تنهنجو، انت ڪان بي انت آ**

- **سيرت سٺي جي ناهي، سينگار ٿيو تہ ڇا ٿيو.**

ڊاڪٽر حاذق جوڻيجي جي شاعري ۾ اهڙيون ڪيترين ئي معصوم ستون ، پنهنجي اندر ۾ سادگيءَ سان بهترين پيغام رکن ٿيون.

مسلسل غزلن جي پيرائي ۾ ڊاڪٽر حاذق جوڻيجو جا ڪيترائي خيال پنهنجي وقت کان جدا ۽ دلچسپ انداز ۾ لکيل آهن. جئين هيءُ خيال:

**عشق اول ٿو اچي ڪنهن خيال ۽ خمار سان،**
**جاءِ دل ۾ ٿو جمائي ڪنهن وڏي ويچار سان.**

روايتي شاعريءَ ۾ عشق تہ بنا ويچار/بنا پُڇي، روحَ/دل ۾ مَحل اڏيون وجي، پر هي الڳ خيال آهي تہ خيالَ ۽ خمارَ سان عشق اول دل ۾ جاءِ والاري پيو، سا بہ وڏي سوجهہ ٻوجهہ سان.

اهڙن مختلف پاسن ڏانهن نهاري، مخالف خيالن جي پيشڪش ڪرڻ ڊاڪٽر حاذق جوڻيجو جي ٿهيءَ جو بهترين گڻ رهيو آهي. مذهبي شاعري ۽ قصيده گوئي پڻ جديد/قديم شاعريءَ جو اٽوٽ حصو رهي آهي ۽ رهندي. حاذق جوڻيجي بہ ان روايت کي پاڙيو آهي تہ گڏوگڏ سماجي زندگيءَ کي طنز ذريعي سڌارڻ واري شاعراڻي گُر کي بہ ڪتب آندو آهي؛

**سڌ ۾ جو سڌ ”حاذق“ ٿو دل ساڻ ٻڌي، سو يار آ،**
**بي فيض ’جوڻيجا‘ ڪو سردار ٿيو تہ ڇا ٿيو.**

اهو سمورو مسلسل غزل طنزيہ ۽ لاجواب دانهن آهي پر مقطع ۾ سنڌ جي چپي چپي تي نام نهاد گروپ بندي پيدا ڪري سنڌ جي وحدت کي چڙوچڙ ڪندڙ بي فيض سرداري جي دعويٰ تي خوبصورت ٽوڪائتا جملا حاذق جوڻيجي جهڙو ڪو اعليٰ شاعر ئي لکي سگهي ٿو.

**ناشاد رشيد سنڌي** - نڪور شاعراڻي ڪيپ مان، پنهنجي جديد اسلوب ۽ نئين انداز جي تجربن ڪرڻ جي جستجو ۾ اهڙا غزل ۽ خيال سرجي رهيو آهي، جيڪي ضرور ڪيس اڳتي هلي نئين ٿهيءَ جي سرواڻي ڪرڻ جو خطاب ڏيئي سگهن ٿا. هن وٽ بهترين رديف ۽ گهٽ استعمال ڪيل قافين ۾ تخيل جي انوکي پٽي جي سموئڻ جي ڪوشش آهي، جيڪا ڪامياب بہ نظر اچي ٿي.

**ڏکڻ واءَ تي، چندُ ڪکر مان ڪيو،**

**سمونڊن جيان سڪ لهر مان ڪيو.**

واري غزل ۾ رديف ”مان ڪيو“ جي سبب ازخود هڪ خوبصورتي پاڻ مرادو پلتي آئي آهي. اهڙو ئي مذ سندس ٻين اهڙن غزلن ۾ آهي.

- **حال نہ ڇاٽي هيئنڙي جو ڪو**
- **ڇڏ پڪي پڇرو ٻرن جو خير گهر**
- **نہ شڪوه ڪوئي قدرت ڪان**
- **سوچ سرهو سفر، لوچ لهجو تہ ٿيو**

قافيي جي آزادگيءَ سان، حرف جَر ۾ رديف ڪٽي، خيال جي وسعت/اڏام جي انتها ماٽجي ٿي. جيڪڏهن شاعر ۾ اونهي عميق ۾ دير تائين ساهي روڪي، هيرا موتي ميڙڻ جي مُشق ٿيل آهي تہ هُو اهڙا ناياب گوهر پلڪ ۾ ڀڏي اچي سگهي ٿو، جيڪي ٻئي ڪنهن جي خواب ۾ بہ پُلجي نٿا اچي سگهن. هونءَ تہ ساحل تي پيل ڪُوڏ/سڪا سهيڙي، خوش ٿيندڙ سَڌڙيا شاعر تہ عام جام آهن! ليڪن ناشاد رشيد سنڌي وٽ چست رديف ۾ هلڪي سلڪي قافيي ۾ سمويل تخيل جديد سنڌي شاعريءَ جي جاري سفر جي نشاندهي ڪري رهيو آهي.

**مسلسل موت جي ويجهو،**
**ڏُڪيو آهيان قيامت ڪان،**

**سوچ سُرهو سفر لوچ لهجو تہ ٿيو،**
**عشق ارڏو سهي فِڪر ڦتڪو تہ ٿيو.**

**تنهنجي گهر جي پِٽ ڪان بيهي،**
**توکي ڏسان تو چاندوڪيءَ ۾.**

خيال جي معصوميت ۽ ٻوليءَ جي سادگيءَ سان لکيل ناشاد جا غزل پڪي قافيي ۽ روي قافين ٻنهي ۾ ڪامياب آهن. سندس وايون ۽ گيت سان گڏ نظمَ بہ اهڙي ئي جديد رنگ ڍنگ سان سينگاريل آهن.

**هُــو تي مَن ۾ رهي،**
**جي نہ نڪري تہ پو.!**

**ڇا ڪجي ڇا ڪجي؟**
**ڇـــا ڪجي دوستو؟**

وائيءَ ۾ پٽي وراٽي جو ورجاءُ ان کي گيت طرف تڪي ڇڏي ٿو. هن گيت نما وائيءَ جي ان پد ۾ ”هُـو“ لفظ ۾ ڪيتري نـه وسعت آهي! جيڪو لاڦاني لفظيات جي ڦهلاءُ ۾ ائين ڦهجلي وڃي ٿو ، جو سمورن دائرن جي قيد ۾ هوندي بہ آزاد نظر اچي ٿو، پر اها ڳالهہ اڏ اکري چشمي پاتل نقادن کي ان ڪري نظر نٿي اچي جو اُهو رڳو زير زبر جي فرق ۾ غرق آهن!

**نہ محشر جي سُڌ آ نہ محشر تو آٽي،**

**الله پيو تو چاٽي.**

هِـي اُهي وڏا موضوع آهن، ناشاد جي شاعريءَ ۾، جن جي تفصيلي اوک ڊوک ايندڙ دور جا اُهي نقاد ڪندا، جيڪي شاعر جي هڪ سِٽَ ۾ سمايل ڏکهين ڪٿائن نما ديوانَ جِي ناول ڦتوڙي ڪيندا.

**آ لقا عبرت ناڪ،**

**آئيندي ڪي امن جي،**

**پهرايو پوشاڪ.**

جهڙا سريلا سڏ/صدائون سنڌ جي صوفي مزاج شاعرن جو ئي وڙ آهي، جن ۾ ناشاد رشيد سنڌي بہ شامل آهي.

## اکبر ڪرل

**اکبر ڪرل** (جنم :                وفات: 29 نومبر 2013ع) اُنهن ڏاتارن منجهان هيو، جيڪي سِلي مان ڦُٽي وڻُ ٿيڻ ڏانهن سفر ڪندا آهن. شهدادڪوٽ شهر جي ادبي لَڏي ۾ سندس سجاڳ نوجوان شاعر طور اُسري ئي رهي هئي تہ بي ميار موت ڪيس نوجوانيءَ ۾ ئي ڪنيي ويو. هاڻ هُن جي تصوير تي ڪڏهن بہ ”ڪراڙپ“ نـہ ايندي. سنڌ جي سوين ڳيروئن وانگر غربت سان ويڙهہ وڙهندڙ اکبر ڪرل جي گهٽي تٽي ڪويتا اُتساهہ ۽ آئيندي جو اجرائپ جو آهينو آهي. سندس شاعري فڪري ۽ فني پختگي جي نشانبر رتبي تي آهي. هُو نئين ٿهيءَ ڪي پڙهندڙ/سمجهندڙ ۽ اُن تي ڳالهائيندڙ ذهن هيو. سندس ان دلچسپيءَ ئي سندس شاعريءَ ۾ پڻ صبح جو وهنتل نئين ڪنوار جي بدن جي سڳنڌ جهڙا نکار آندا. هُو ڪٿي اداسيءَ جي شام ۾ ويڙهجي، ميري قميص ۾ جذب ٿيندڙ ڳوڙهن جي ڪوساڻ بابت ڳالهائي ٿو تـہ ڪٿي صبح سمي

شهدادڪوٽ جي ويڪرن رستن تي اسڪول ويندڙ معصوم ٻارن جي ڇهرن تي ٽڙيل مرڪ جو گواهه بڻجي ٿو.

اڪبر ڪرل جي شاعري سندس شخصي سڀاءَ وانگي سادي ۽ نئين دور جي شاعراڻن تقاضائن تحت جاري پنڌ ۾ هم قدم هئي. ان شاعريءَ ۾ ايترو دم آهي تہ اُها پڙهي/ڪڙهي ۽ ٻوڳنائن ۾ ٻُري ٻُري نيٺ پچي راس ٿيئي، نوان رُخ رواج ۽ ميار متعين ڪري.

هي بہ جيون عجيب تر آهي،
جو نہ ڪٿجي اهو سفر آهي.

هن ڪي ڪنهن آدميءَ جو سهارو نہ آ،
پوءِ بہ پوڙهو لٺ تي گهمي ٿو پيو.

خط ويجهڙ ۾ تنهنجو جڏهن آ مليو،
سِٽ تنهنجي پڙهي آخري ٿو روئان.

توکي چاهيوسي ڳايو آ شبير،
هي غزل هر پهر روئاري ٿو.

جهڙا ڪوڙ نوان خيال/حوالا اڪبر ڪرل جي شاعريءَ ۾ نفاست سان محسوس ڪرڻ جهڙا آهن.

سندس غزل ۾ رديف جو رچاءُ ۽ نياءُ بہ ڏيان جون دريون کوليندڙ آهي: خاص ڪري "هاڻ ممڪن نہ آ"، "توکي ڏسي" يا "ٿيون هوائون"/"اچانڪ" ڀن الڳ الڳ فني حرفتن جا مثال آهن. "ڪوئلي جهڙي آ منهنجي زندگي" جو احوال لکندي لکندي، دردن جي درياءَ ۾ لڙهندي پار ٿيڻ بدران اچانڪ لڙهي ويندڙ اڪبر ڪرل جي شاعريءَ تي فوتگيءَ جو ڪو ڪتبو نٿو لڳائي سگهجي. وقت هُن جي خوشبوءِ کي تڪڙ ۾ فنا نٿو ڪري سگهي.

**بشير آچو** (جنم 10 جون 1968 ع) جو تعلق قنبر جي سگهاري ادبي حلقي سان آهي. وٽس ذات جي ڏياتيءَ جي رهنما روشنائي رڳو داخلي ئي ناهي بلڪ خارجي بہ آهي. هُو محبوبن جي ماڻن ۾ الجهي، مٽيءَ ۾ پيوت ماروئڙن جي روح کي پهتل گهاون کان مُنهن ڦيرڻ جي ناداني نٿو ڪري - جتي

پوري ديس جي دل کي درد وکوڙيل هجن، اُتي هڪ حساس شاعرَ جو قلمُ رڳو آڪاشي ستارن جي حُسن تائين محدود هجي تہ اها ڪلاڪار جي هڪ اک سان نهاريل اڌوري نهار تصور ڪئي ويندي. بشير آچو، بنيادي طور هڪ سگهارو ڪهاڻيڪارُ آهي. سندس ڪيئي ڪهاڻيون مختلف رسالن ۽ اخبارن ۾ ڇپيئي شايع ٿيون آهن. ”قنبر جا ڪهاڻيڪار“ سلسلي هيٺ شايع ٿيل ڪتاب ”ڪيرٿر تان اڏار“ (2005ع) ۾ پڻ سندس بهترين ڪهاڻيون شامل آهن. ان سان گڏ بشير آچو هڪ پختو نقاد پڻ آهي. ادبي پروگرامن ۾ سندس پيش ڪيل مقالن/مضمونن ۾ تاثرن سندس تيز ڏاهپ ۽ ڏيمي ٻوليءَ جي عڪسن کي نشانبر ڪيو آهي. بشير جون اِهي خاص خوبيون سندس شعري پاڳي تي حاوي آهن. بشير جي شاعريءَ جي اهم خصوصيت استعاراتي تشبيهن سان عام ڳالهہ کي خاص بنائڻ آهي. هو تجنيس حرفي سان ٻوليءَ ۾ ائين حُسناڪي پيرڻ جو ماهر آهي، جئين پيرتُ پريندڙ چوڪريءَ وٽ رنگن ۽ آئينن جي ٽڪرن جي چونڊ ڪري، وڳي کي انوکي ستاءُ ۾ سجائڻ جو گُر هوندو آهي. وٽس ڪيئي خوبصورت ستون آهن، جيڪي سندس ٿڪيءَ جي ڪنهن ڏاتوند وٽ هوند هجن!

**ستارن جان سهٽا، مهڪ موتئي جي،**\
**اکر فيئر بڪ تي نہ کهڙا لکيائين.**

**جت جنمن ڪان ڏيئو نہ جليو،**\
**سا اجڙيل گهرَ جي جاري هان.**

**ڪانبي ۾ هوءَ ڪئين نہ وجهي ٿي پئي سرنهن ۽ چانيي جا پنَ،**\
**سندس گذارو ساڳن تي، آ رات انڌيري چانئجي وئي.**

بشير آچو ٻوليءَ جي معجزاتي ڪرشمن جو گواهہ بہ آهي تہ پاڻ ئي ثبوت بہ آهي. وٽس تشبيهن ۽ استعارن جو اهو شاعراڻو خزانو آهي، جيڪو توٽي جو ٿورو ئي آهي پر آهي بشير آچي جي ملڪيت. ڪينچل جا ڪرٽا، لبڙن تي شبنم جا سجدا، ڏنڊ جي تهن مان جرڪيل نقش، حالتن جا وحشي حاڪم، آزار جي فهرست، ٻي چئي ننڊ جي آغوش، وغيره جهڙا لاجواب ۽ نوان شاعراڻا جز، خدا جي طرفان هڪ ڏاهي ڏاتوند لاءِ خدائي تحفو هوندا آهن.

جُون جي گرمي ۾ نتهڻ اُس ۾،
ڪو ته ٻچڙن لئہ پُسيو پيو پگهر ۾!

جو قرضن مرضن ۾ قاتل،
سو جيل نجيءَ جو هاري هان.

جا پيسن تي آ پيءُ ڏني،
سا نياڻي قسمت ماري هان.

جهڙا تصور سندس خارجي ڪرب کي نمايان ڪن ٿا. ماڳن تي چانيل رات انڌيري ۾ هُن اميدن جا ڏيئا ٻارڻ به نه وساريا آهن، ته المين جي شهر ۾ ڏکن کي گهوٽي دوا وانگي پيئڻ جو سڏ به ڏنو آهي. ڪنهن جي مُک تي مرڪ جا موتي رکڻ واري ارادي اتل ۽ بلند حوصلي واري شاعريءَ جو مالڪ بشير آچو مست ويرن جي ور چڙهڻ کان ٻچي ويل پيڙيءَ تي مسڪرائيندڙ نائڪو آهي، وتس ڏات به آهي ته ڏات کي جلا بخشيندڙ زندگيءَ به آهي.

**شيخ فرازي** - نئين شاعراڻي ڪيپ ۾ پنهنجي دلي لگن ۽ جستجوءَ سان اڳتي وڌي ايندڙ نوجوانن ۾ مثاليہ نانءُ آهي. سندس هڪ شعري مجموعي "سمنڊُ تري آيا" (2008ع) کي ساهت ڪيتر ۾ پنهنجي ادبي مڃتا ۽ حيثيت ماڻيل آهي. سندس غزل جي بهترين فني خوبي جديد رديف ۽ ان جو فڪري رچاءُ آهي. جيڪو هُو پنهنجي ٿهيءَ جي ڪيترن شاعرن کان وڌيڪ سگهاري ريت ڪتب آڻي پيو.

- اوهان جي پار جا سپنا.
- ڪا رات گلابن جهڙي آ.
- وڃي رت پئي روئندي اُتن جي پنيان.
- روز وڌن ٿا پار ڏکن جا.
- پاڻ پنهنجي خوشي لئہ ٿاندا.
- ادائن جو اظهار سمجهي نہ ٿو.
- تو پٺيائون راهہ ۾ گم ٿي وئي.

شيخ فرازيءَ جا نشانبر رديف وارا غزل ۽ بغير رديف وارا قافيي تي ٺئي آڌاريل غزل سندس فني عظمت جي گواهي آهن. جيڪا هُو پاڻ به پنهنجي شعر ۾ خودڪلامي تحت پيش ڪري ٿو:

**مون ڪي پيي آسمان آ پنهنجو،**
**شاعراڻو جهان آ پنهنجو.**

شيخ فرازيءَ جي دعويٰ ۾ ان ڪري به دم آهي جو "**ڪا رات گلابن جهڙي آ**" جهڙا به طرفا اولاڻن وارا فني غزل به پين وانگر وٽس آهن.

**"فرازي" حسن جي اکين جو قسم،**
**سڙي وئي خوشي فاصلن جي پٺيان.**

**تون ٺئي ڪافي آهين "فرازي" هتي،**
**ٽيو ڇا جي سنسار سمجهي نه ٿو.**

جهڙا ڪيترا ئي ڪوٽ ڪري رکڻ جهڙا شعر شيخ فرازيءَ جي شاعراڻي جهان ۾ موجود آهن. هڪ شاعراڻيءَ روح جو ته سونهن آڏو ڪجھ هجڻ به نه هجڻ برابر آهي، بقول شيخ فرازيءَ جي: "سونهن آڏو ڪجھ به ناهيان، دوستو!" پوءِ به شاعريءَ جي روپ ۾ پيار جا محل ٺاهي دوستن ڪي نويدَ موڪلي پيو:

**سونهن جي پاسي وني جيڪا نه وئي،**
**سا "فرازي" آهي ڪهڙي شاعري.!**

شيخ فرازيءَ وٽ شام جي احساس جهڙي شاعري آهي، هو جيڪا رياضت ڪري رهيو آهي، تهڙي ئي شاعري سرجي رهي اٿس.

**جنهن نموني جي رياضت آ ڪندو،**
**سو ڪوي لکندو آ تهڙي شاعري.**

**"وفا" پرڙو ـــ** 'وفا' نالي/تخلص وارا سنڌي شاعريءَ ۾ آڱرين ڪان به وڌيڪ آهن، پر جيڪي "وفا" ڪن، اِهي آڱرين ڪان به گهٽ. وفا پرڙو به ادب جي آبياري سان مسلسل وفا ڪندڙ، زندگيءَ جي پين وهنوارن ۾ هتيڪي هئڻ

باوجود بہ نندي بحر ۾ پنهنجا سھڻا خيالات غزل جي رنگ ۾ پنهنجي ناسي/اڇي ڊائريءَ ۾ اتارڻ واري ڪِرت ڪي وساري نٿو. هُو لکي ٿو ۽ پنهنجي شاعراڻي مشق ڪي معتبري جي مٿاهين مستند تي وٺي وڃي ٿو.

تهمتن جو ڪلي پيو اتهاس،
درد جو انتساب پوڳيان ٿو.

سدا هٿ زخمي ڪري هن جهان ۾،
”وفا“ دل جا شيشا، ڪٽون ڪيستائين.

نيٽن ڪي اوجاڳا تي پيا،
لُڙڪ اکين جا واڪا تي پيا.

جهڙا رنگ برنگي رومال وفا جي شاعريءَ جي ڪلهي تي پيل ملندا. ڪا بہ من موهيندڙ موسيقي محبوبيت جي گم ٿيل/ڏنڏلايل عڪسن ڪي ورائي ذهن ۽ دل جي مڪان ۾ رقصان ڪري ويندي آهي. جو يادگيرين ۾ ساهہ پئجي وڃي ۽ وفا پرڙو وانگر اچانڪ اعتراف ڪري ويهجي ٿو:

جيئڻ جو گيت چپن کو ڳايو،
تنهنجو چهرو اڳيان آيو.

وفا وٽ بہ نندي بحر ۾ وڏي ڳالهہ سموئڻ جو هنر آهي. ”نيٽن جو پنڌ پرينءَ ڏي“ جهڙا ڊگها رديف سو بہ مختصر وزن جي ميدان ۾ فڪري خشڪ ساليءَ جو سبب بڻجن ٿا پر وفا جهڙو کهنہ مشق سينيئر شاعرُ ”رات جڏهن هوءَ آئي، چانڊوڪي شرمائي“ جهڙا خوبصورت غزل لکي، لاجواب ڪري ڇڏي ٿو.

سنڌو لهرون تي ويو،
گونجي شاهہ جي وائي.

لطيف ۽ سنڌوءَ جوسڀنڌي موضوع بہ سنڌي جديد شاعريءَ لاءِ سڳنڌي رهيو آهي. پين ڪيترن ئي ڪويسرن پڻ ان ڪي ڇهيو آهي پر وفا جو انداز سادو ۽ بيان جي گهرائيءَ واري گڏ ان شعر ڪي ان غزل جو شاهہ بند ڪري ڇڏيو آهي.

**اشفاق چانڊيو** - (جنم: 1 آگسٽ 1988ع) بہ راشد بروهي، علي صفدر، ايس سرمد، شاهنواز ڪوسو، عبدالرزاق ڪلهوڙي واري قنبر جي ادبي

شاعراڻي ٿيءَ مان پنهنجي نمايان ادبي جاکوڙ ۾ ٻن شعري مجموعن ”نمائش اسان جي“ (2013ع) ، ”شفق رنگن جي مينهوڳي“ (2014) ذريعي اُڀري ۽ اُسري آيو آهي. سندس شعري مجموعن ۾ سندس مختلف شعري صنفن تي طبع آزمائي ٿيل پرکجي پئي، جيڪا سندس شعر ذاتهن وسيع اُنسيت کي پڌاري پئي. سرمد چانڊيئي جهڙي پارکو نقاد، اشفاق لاءِ لکيو آهي تہ:

(ص: 16 نمائش اسان جي)

اُتي عوامي مقبوليت جي نکور پدن کي ڇُهندڙ ”ع.غ. تبسم“ بہ کيس هنن لفظن ذريعي اُتساهيو آهي.

(ص: 16 نمائش اسان جي)

اِهي سڀُ لقاءَ اشفاق جي ادبي اُڇل/اڏام کي واڪو وائرين ٿا. هُو نہ صرف نواڻ جي پنيوري طرف نگاهہ رکندڙ، بلڪ ڊوڙي کيس حاصل ڪندڙ پارَ مثل آهي، جنهن وٽ پنهنجي خوشبوءِ پنهنجا رنگين احساسَ آهن.

– پپر جي پنن جيئن ڇٽي زندگي تي،
– سرنهن جي ڪڻن جان ڳٽي زندگي تي.

سايبان جي پچر پو پليجان ڪيو،
خواب کي پهريان پسو يارو.

اڙي عيسيٰ، اڙي گوتم، خبر ڏي ڪا خدا ڪارڻ،
عمر ساري حياتيءَ جو زهر ڇا پيئڻو پوندو.

ڏس ٻٽي خوراڪ آ دونهون، مٽي،
روڊُ رستو آهي پنهنجو بسترو،

اشفاق جي موضوعن ۾ وسعت آهي. سندس بيان چٽو ۽ موقف صاف شفاف آهي. هُو نج عوامي ۽ ادبي حوالن کي داخلي ۽ خارجي رنگن جي ميلاپ سان،

عام فهم ٻوليءَ ۾ اهڙي ريت اُتاري پيو جو سادي ڪان سادو ماڻهو بہ سمجهي سگهي تہ ادب ۽ عالمَ کان آشنا انسانُ بہ لطفُ ۽ سُرور سان گڏ اصلاح پرائي.

**ٻار کي مان ٻارُ تو ڪچ ۾ ڏسان،**
**سئو مٽن جو ٻارُ تو ڪچ ۾ ڏسان.**

وارو اشفاق چانڊيو جو مسلسل غزل، ننڍي لاڪون جي شادي ڪرڻ واري غير انساني فعل تي طنز جو شهڪار تخيل آهي. گڏين سان ڪيڏڻ جي وهيءَ ۾ ٻارَ چڙهائڻ، انسان تي قهري وارَ مثل عمل جي بهترين نندا ڪيل آهي.

**بہ تي لُڙڪ اکڙين مان برسي پيا ها،**
**توسان وين وارو سفر ياد آيو.**

”ياد آيو“ جهڙي بار بار استعمال ٿيل رديف ۾ نئين خيال پروئڻ جي اشفاق جي اها ڪوشش بہ پراڻي اڌ پڳل پيالي ۾ نت نئون مَذ اوتي ڏوگهڻ برابر عمل آهي.

**ڪتابن کي هاٽي پڙهي ڪير تو،**
**دريا جي ڪُنن ۾ گهڙي ڪير تو.**

اشفاق مٿئين هڪ شعر ۾ لاجواب تشبيهہ سان پنهنجي نئين دور جي جهالت جو سبب بيان ڪيو آهي. ڪتابن پڙهڻ کان پري ٿهندڙ نسل کي دريا جي ڪُنن ۾ گهڙڻ جو سپاويڪ سڏ بہ ڏنو آهي تہ ڪتابن ۾ موجود علمَ جي گهرائيءَ جو اعتراف بہ دريائي ڪُنن سان پيتي ڪيو آهي.

اشفاق چانڊيو جي نظمن ۾ بہ سهڻي سگهڙائپ سان گڏ، موضوع جي چونڊَ ۽ نباءَ دادُ لائق آهي.

**ضمير ”حيدر“ چانڊيو،** قنبر جي ادبي سنگت جي سڪيا ـ گهرَ جو حصو رهيو آهي. هُو بہ پين ڳيرو ڪويسرن وانگر پنهنجي ڪچي پڪي شعر جي نوڪ پلڪ سنواريندي سينگاريندي، وقت جي وهڪ ۾ وهي اڳتي وڌي آيو آهي. دريا خان چانڊيو ڳوٺ جي فطرتي سٽاءَ ۾ سرها ساهہ کڻندڙ ضمير حيدر فني ۽ فڪري لحاظ کان پاڻ وٽائتو ۽ رس ڀري ٻوليءَ جي چٽائيءَ سبب، پورو ڌيان ڇڪائيندڙ شاعرُ آهي.

توسان جو اڄ پاکر پاتم،
سنڌوءَ مان چڻ وهنجي نڪتم.

جيون اُس جي وَر چڙهي ويو،
پاڇا ڪُل پاسيرا آهــن.

**پورو بخمل بدن ۾ ٻيو ليڙون لٽا،**
**ٻيو ڪفن ڪان سوا لاش لڙهندو اچي.**

ضمير حيدر جي شاعري ننڍي وڏي بحر ۾ رچيل هڪ جيترو ترنم رکندڙ آهي. هُن توڙي جو ٻين صنفن تي بہ طبع آزمائي ڪئي آهي پر هُو بہ ٻين گهڻن شاعر ساٿين وانگر غزل کي ئي پسند ڪندي، غزل ۾ ئي پنهنجن احساسن جي ڀرپور پالوت ڪرڻ چاهي ٿو.

**سپ ڪچا ۽ پڪا ويا متي ٿي متي،**
**وقت ويري ٿو جوڙن کي چنندو اچي.**

ضمير حيدر، توڙي جو اندر جي آهـَ سان گڏ، ديس ۽ قوم جي تذڪري ڪرڻ کي بہ وساري نٿو پر سندس موضوعن تي پيار جي عوامي جذبات نگاريءَ جي حقيقت وڌيڪ حاوي آهي. هو پيار کي اولين ترجيع ڏئي پيو.

نينهن اوهان جي ناچو بڻايو،
ڳليءَ ڳليءَ ۾ تولئہ ڳاتم.

چاهہُ تنهنجي ست رنگي چوليءَ جيان،
چاهَ اهڙي ۾ رنگي ڪيئي چڏيئہ.

ضمير حيدر اڳيان جديد شاعريءَ جو گهڻ پاسائون جهانُ ڦهليل پيو آهي. هُو ان سان سفر ڪندڙ هڪ ڏاهو ڏاتوند آهي، زندگيءَ جي شام کان پهريان، خالي گودڙي کڻي واپس ورڻ بدران ضمير حيدر، ضرور ان شاعريءَ جي جهول ۾ نوان ڪوهہ نورَ ميڙي انوکي مالوند جوهري جو خطاب ماڻيندو.

**علي رضا** - بہ لاڙڪاڻي جي اتهاسي مٽيءَ مان نسريل نئين ادبي لڏي ۾ خوبصورت اضافو آهي. هُن وٽ زندگيءَ جي پراڻي ڪمپيوٽر تي نئين

پروگرامنگ انستال ڪرڻ جو گُر ۽ هنر آهي، جيڪو سندس الهڙ وهيءَ جي بي ڪنار جذبن جي ڀرپور عڪاسي ڪري پيو.

**تنهنجيون اکيون منهنجي مٿان**
**پؤنرن وانگر ڀيرا ٽيون ڏين**
**ڇا انهن کي خبر نہ آهي**
**تہ مان مرجهائجي ويو آهيان.**

هن گڏيل مجموعي ۾ بشير آچي جي ڪجھ نثري نظمن کان پوءِ علي رضا جا سمورا خيال شاعراڻي نثر/نثري نظم جي فارميٽ ۾ پاڻ ڏانهن ڌيان ڇڪائين پيا. شاعراڻو نثر يا نثري نظم ۾ مختصر ترين لفظن ۾ دل جي وسيع خيالي دريا/سمنڊ سموئڻ ڪمال ڪاريگري جي انتها آهي. اُهو پڌُ ڪيترا نام نهاد وڏا ادبي نالا بہ ڇهي نہ سگهيا ۽ "تي نہ سگهيس شاعرُ" چئي، "هوا جي سامهون" ڏات ڏيئا وسائي ويٺا پر علي رضا جي مسلسل محنت ۽ نثري نظم جي شارٽ فارميٽ جي ڄاڻَ، ڪيس گهڻو اڳتي وٺي وڃي، اهڙن شاهڪار نثري نظمن جو وڏو تخليقڪار مڃائي سگهي ٿي، جن نثري ٽڪرن/نظمن کي وقت جي ڪا بہ اڌوهي نہ لڳندي آهي ۽ اُهي خليل جبران جي خوابن وانگر سدا ريشمي اکين جي تَڪيِنَ هيٺان ملندا رهندا آهن.

**تو چيو هو**
**'موتي ايندس'.**
**مان رستن سان**
**تاريون رڪائي ڇڏيون**
**هاڻي انهن کي ماڻهو**
**''سمبارا'' تا سمجهن**
**ڪنهن چيو هو**
**مان موهن جي دڙي جي مٽي آهيان.**

–

**پنهنجي زندگيءَ جو بوڪ،**
**پڙهي، پڙهي**
**ٿڪجي پيو آهيان.**

ڪو نئون نظم
ٻڌاءِ تہ
منڙي ننڊ ڪري وڻان.

بنا هيڊنگ جي ٽڙيل پکڙيل خوشبوءِ جهڙن خيالن سان رچيل انهن ننڍڙن نثري نظمن ۾، دل جي چئي جي آڱر پڪڙي، جن رنگين لفظن جي بارش ڪئي وئي آهي، انهن ۾ معصوميت ۽ پيارُ ئي پنهان آهي. جيڪو علي رضا جي وهيءَ ۾ هلندڙ پيرن جو خواب بہ هوندو آهي تہ ساپيان پيي -

دنيا جي تاريخ جا
اربين صفحا
توتي لڪيل آهن
چو تہ تون
دنيا
تاريخ
انسان
۽ محبت جو
مخالف رهيو آهين.\

**

۽ علي رضا بہ خوبي ڄاڻي ٿو تہ جيترو حق جو هوڪو تيز هوندو آهي، اوترو ناحق بہ اُلري اُلري اُپو ٿيندو آهي ۽ تاريخ جي حرامي عورتَ، پنهي کي هڪ ڪَري پناهہ ڏيندي قطعي شرمنده ناهي ٿيندي.

علي رضا کي تاريخ جي صفحن تي، پنهنجو ذڪر اربين لفظن ۾ آڻائڻو آهي. روايتي ۽ ڏاريي ڪَسي خيال کان بچي، هُن وٽ بہ گهڻ طرفن موضوعن ۾ پوليءَ جي بهارَ سان، نوان جهانَ تخليق ڪرڻ جي سگهہ آهي.

استاد پيرل قنبر جي شعري پوک مان اُسريل عبدالله شاهہ ”اطهر“ جي سريلن شاگردن مان هڪ **خيرل سيلرو** بہ پنهنجي فن ۽ فڪر ۾ پنهنجي استادن جي رنگن ۾ ٽپتار آهي. وٽس نهايت سرل پوليءَ ۾ مقصد جو بيان ڪرڻ جو ڏانءُ پڌري پٽ آهي، جيڪو دل ۾ بنا ڪنهن رنڊَ راهہ جي لهي، پنهنجا رسيلا رستا ڳولي وٺي ٿو.

**گذري ويل صدي جا، تازا زخم رکيا هن،**
**هن نئين صدي اچي اُت، پنهنجا قدم رکيا هن.**

گذريل صديون پنهنجا سمورا زخم ۽ حادثا ميڙي، نئين ايندڙ صديءَ جي آجيان ۾ رکڻ جي روايت پاڙينديون اچن ٿيون. هيءَ صدي به پنهنجي پورين چڱائين/برائين سان ايندڙ صديءَ حوالي ٿيندي. ضرورت ان ۾ پنهنجي حصي جي ڪيل چڱاين جي اکيرڻ جي آهي. خيرل سيلري جي غزل جا مطلع نهايت سگهارا ۽ پنهنجي روح ۾ مڪمل ڪائنات پسائين پيا.

**روز راهون تڪي جهري پئي آ،**
**تنهنجي يادن سان دل پري پئي آ.**

**ڪنهن جو جلوو ٿي زلزلو آيو،**
**منهنجي جذبن ۾ ولولو آيو.**

**خاموش زندگي آ خاموش هر خوشي آ،**
**تنهنجي وئي ڪان پو ٿي بي نور هر گهڙي آ.**

ان جو مثال آهن. سندس غزل ”ڪنهنجو جلوو ٿي زلزلو آيو“ تہ سمورو شهڪار ۽ ڪوٽ ڪرڻ جهڙو آهي. سندس گيتن جي ٻولي توٽي جو شاعراڻي گهٽ آهي پر مونجهاري ڪان هٽيل پنهنجي پيغام ۽ آسان موسيقيت سبب زبان تي ترڪندڙ لفاظي جو نمونو آهن.

**ڏينهن ۾ ڏهہ دفعا هئين ڏسندو،**
**بند هاڻي اها دري پئي آ.**

آن دريءَ جي بند ٿيڻ جو منظرُ تہ خيرل سيلري پنهنجي لفظن ۾ پينٽ ڪيو آهي پر ان دريءَ جي بند ٿيڻ جا سبب ڳوليندي، نيڻن ۾ ڪوسن آبشارن ڪي ميڙڻ جو ساهسُ ناهي ڏاريو. هر ماڻهوءَ کي پنهنجي شهر/ڳوٺ جي قصيده گوئيءَ جو حق آهي. ”شهدادڪوٽ پيارن ماڻهن جو آستانو“ وارو خيرل سيلرو جو گيتُ بہ اهڙي ئي سلسلي جي ڪڙي آهي، پر شاعرُ جيڪڏهن واقعي شاعرُ آهي تہ اهو لطيفي پڙاڏي جو ئي سڏ آهي، جنهن ۾ ”عالمَ سڀُ آبادَ“ ڪرڻ جو عالمي وڙُ آهي. محدوديت ڪنهن بہ وڏي شاعرُ جو ادراڪ ناهي.

**جو وفادار ٿئي يار اهڙو ڪبو،**
**هن صدي ۾ وري پيار اهڙو ڪبو.**

سندس خوبصورت ۽ معصوميت سان ڀريل پيارو گيتُ آهي. يا سندس ٻئي گيت ۾ "تنتي عشق تي سونهن وجَ جيان وسائي" واري تشبيهه ٻه مانُ لهڻي. هن وٽ موضوعن جي ڳولا وارو هنر آهي، جيڪڏهن هُن پنهنجي ذهن جي ڪپاٽن کي اجان کولي مطالعي ۽ مشاهدي آڏار وک سوري تہ ضرور گهڻن شاعرن کان اڳتي سفر ڪرڻ جو مادو رکي ٿو.

**ماريہ ڪنول** - سنڌي عورتزاد شاعراڻي حصو جو نئون آواز، جيڪو "فيس بڪ" بدولت ئي سنڌي ادب ۾ نمايان ٿيڻ بعد، هِن ساهتي سلسلي سان جُڙي پنهنجا معصوم جذبا ۽ مينهن ۾ ڏوڀجي پيل گُلن جهڙا احساس پڙهندڙن سان شايد پهريون ڀيرو شيئر ڪري رهي آهي. "نئون نئون مڏ آ" ۾ ماريہ ڪنول واحد عورت شاعره آهي، جنهن وٽ موضوعن ۽ بيان جو انداز پنهنجو ۽ جديد ادب ٺهيءَ جي هم پلئہ ٿيڻ جوڳو آهي.

**جو پيار بنا هوندو،**
**سو وقت قضا هوندو.**

**تو خريدي ڇڏيو مون کي پيار ۾،**
**واپار کان تون ڊار ناهين او پرين.**

غزل جهڙي عروضي صنف ۾ ماريہ ڪنول جون فني ڪوتاهيون توڙي جو نمايان آهن پر سندس خيال جي خوشبوءِ ۽ ٻوليءَ جي جلترنگ جو جلوو ڪيسُ دادُ بخشڻ تي اتساهي پيو. ان جي بنست سندس آزاد نظم ۽ نظم پنهنجي فني سانچي ۾ ايترا ڀرپور آهن جو بنا شڪ جي جديد آزاد شاعريءَ ۾ پنهنجي جاءِ ناهين ٿا. "پيارُ آ، جارُ آ" ماريہ ڪنول جو سگهارو آزاد نظم آهي، ڪچي ذهن جي عورتزاد جي ڏکدائڪ ڪهاڻي آهي، جنهن ۾ پيار جي انڌ کي وائکو ڪندي، ڪجهہ هوش ڀري نگاهہ وجهڻ جو دعوت نامو آهي.

**پيار ۾ سا ٻُهيلي هئي،**
**نيٺ وئي آ ڪُلي،**

**هن جي نڪ ٿلي،**
**آهي جهنجي وئي،**
**راھ ويندي اها نت لتجي وئي،**
**راه متجي وئي،**
**پيار آ ڇار آ.**

سندس پيو آزاد نظم ”پيارُ“ بہ اهڙي ئي الميي جو تسلسل آهي، جنهن ۾ خوبصورت لفظن جي پالوت نهايت وڻندڙ ۽ شعري ذوق کي پڻ تسڪين ڏيندڙ آهي.

**منهنجي دل جي صحرا ۾،**
**تنهنجي پيار جو ڪو مذهب تہ ڪو نہ هيو..**
**پر تنهنجي اچڻ ڪان پوءِ،**
**مون تنهنجي پيار جو ذڪر،**
**هڪ عبادت وانگر..!**
**بناوضو جي ڪڏهن بہ نا هي ڪيو.**

ان نظم جو ڪلائمڪس شاندار آهي، جڏهن ڪنهن رنگين فلم جي بليڪ اينڊ وائيٽ پڇاڙي، ڪنهن ڏکاري گيت سان ٿيئي هجي.

**هاڻ تنهنجو پيار منهنجي زندگيءَ ۾،**
**سري گهاٽ جي انهن درين جيان،**
**بي رنگ آهي،**
**جتي روح پرواز ڪري ويندو آهي.**
**۽ جسم جلندو آهي.**

”سري گهاٽ جي درين جيان بي رنگ“ واري تشبيهہ تہ جديد سنڌي شاعريءَ جي پلئہ ۾ پڌي جهومڻ جهڙي آهي.

**فقيري رنگ ۾ رگجي.**
**اميري نيٺ وسري وئي.**

**وڏي هئي هوڏ مايا تي،**
**لڏي سين لوڏ مايا تي.**

مئي جا ڪوڙ مايا تي،
اسيري نيٺ وسري وئي.

ماريہ ڪنول جو مٿيون نظم صوفي سنڌ جي فقيري رنگ ۾ رنگجي حقيقي رنگ/سنگ جو دنگُ ڳولي لهڻ برابر آهي. ساميءَ کان شيخ اياز تائين ”مايا“ کي ڳائيندڙ ڪيترا ئي آيا ويا آهن پر ماريہ ڪنول جو لهجو بہ پنهنجي معصوميت سبب وڻندڙ آهي. ماريہ ڪنول وٽ اندر مان اُڀري ايندڙ احساسن ۽ گهڻ طرفي موضوعن کي ڪاغذن تي سموئڻ جو ساهس آهي. ڪيس انهن ئي تخليقي صنفن جو انتخاب جاري رکڻ گهرجي، جن ۾ سندس آواز چٽو ۽ فني فريم ۾ پڻ جائتو محسوس ٿيئي ٿو.

**ايم يونس جمالي:** شهدادڪوٽ جي نئين ادبي لڏي جو حصو، پنهنجي شاعراڻي اڏام جي اجان وڌيڪ پختگيءَ ڏانهن سفر ۾ روان دوان آهي. لڳي ٿو تہ سندس پالنا بنھ سادن ۽ معصوم روحن هٿان ٿيئي آهي، تڏهن تہ هن جي تصوراتي دنيا شاعريءَ ۾ بہ اِهي گڻ اتم انداز ۾ اظهاريل آهن.

بي دنيا مون کان ڪسي ڇڏجو يلي،
بس پرين جو پار مون لئہ ڪافي آ.

سمنڊ جيڏي سورن ڪيو ساھ ساٽو،
ٻڏان ۽ تران ٿو ڪنارو ڪپي ٿو.

پنهنجا راز تہ پاڻ ٿو جاڻي،
ماڻهن ۾ وڏا ڊنگ ڏناسين.

رنگيءَ جا رنگَ ايم يونس جماليءَ نہ صرف ڏنا آهن پر لفظن جي صورتگريءَ سان پنهنجي پڙهندڙ کي ڊيڪارڻ ۾ ڪامياب وڃي ٿو.

مان مسجد ۽ مندر وڃان ڪو نہ ٿو،
قلب جي ڪعبي مان نڪران ڪو نہ ٿو.

پائي جيءَ ۾ جهاتيون ٿو سجدا ڪيان،
تڏهن ڪاٿي سجدا ڪيان ڪونہ ٿو.

ڏسي ۽ پسي تو جوڙيو جنهن جهان،
اکيون بند ڪري مان ڏسان ڪوڙ تو.

پتائيءَ جي پونءِ تي "سچل" جي هاڪ/ساک ڏيڻ ڪنهن ڪم عقل لاهوتيءَ جي رڳو خالي رڙين ۾ ناهي پر جنهن جهانَ کي، جنهن ڏسي، پرکي ۽ پروڙي پوءِ ناهيو آهي، ان کي بند اکين سان ڏسڻ بدران اندر جي پليتائي پري ڪري عملي سُکَ جو سلامي ٿيڻ ئي اصل ڪاميابي آهي

**نادر دايو**. بہ شهدادڪوٽيءَ مٽيءَ سان لاڳاپيل ادبي ڪيتر جو تازو گُل آهي. نادر دايو جي آسپاس جهڙو فطرتي ماحول آهي، اهڙو ئي رنگُ سندس شعر ۾ آهي. هُو پوليءَ جي مونجهاري کان پاڪ، پار جي معصوميت رکندڙ لهجي ۾، اندر جي آسمان تي ڪڙيل سوچ جي ستارن ڏانهن آڱرُ کڻي جيڪو ڪجھ ڳالهائي ٿو، اُها شاعري بڻجي پئي ٿي.

هونئن تہ جيون سچو لَٽي ڌرتي،
تنهنجي سامهون هي پل بهاري آ.

ڪو نہ اونچو مَقام آ ڪنهن جو،
هر بشر کي مُقام ساري تو.

وفائن جي بدلي جفا تي ملي،
عجب عشق ۾ هي سزا تي ملي

"مَقام" ۽ "مُقام" ۾ رڳو زير ۽ پيش جو فرق آهي. بشر کي خدا ڪيتري نہ ڏاهپ جي مٺيا عطا ڪئي آهي، مگر اُهو ان فرق کي سمجهڻ ۾ اڌ صدي جيتري عمر لڳائي ڇڏي ٿو، اهڙي انسان جي سمجھ جا سنسار سُلجهائڻ لاءِ ئي خدا شاعرن ذريعي بہ پنهنجو پيغام پهچائي ٿو، جئين نادر دايي جي قلم مان اهو الهامي سنديسُ اُپري آيو آهي.

نادر دايو جي تخليق رڳو "وفا" ۽ جفا" جي ناتڪن ۾ الجهيل ناهي پر هن وٽ پيا بہ موضوع آهن، جيڪي بقول هن جي:

**جي ڪولي وار هي ڪارا، وري محفل ۾ تون ايندين،**
**نوان ٻيهر غزل لکبا، مگر آهستي آهستي.**

نادر دايو ٻيهر نوان غزل لکڻ جو ساهس رکي ٿو مگر آهستي آهستي.

**ڪريم ”گل“ دايو** - به شهدادڪوٽ جي پنهنجي همعصر شاعرن جي اثر هيٺ جديد شاعريءَ ڏانهن تيزيءَ سان سفر ڪندڙ شاعرُ آهي. هن جي غزل ۾ پڪن قافين جو ستاءُ ڏيان ڇڪائيندڙ آهي. اڄوڪي گهڻي شاعريءَ ۾ چڱا چوکا وڏا نامور شاعر به قافيي جي معاملي ۾ زير زبر پيش جو فرق ڪري قافيي جي روح کي بري نموني مجروح ڪندي شرمندگي نٿا محسوس ڪن، انهن جي پيروي ڪندي ڪيترا نوجوان شاعر به ”ڪريل قافيي“ کي اپنائي فخر سان پنهنجي شاعريءَ پيش ڪن ٿا، اهڙي قسم جي تنقيد کي تنقيد ئي نٿا سمجهن. جڏهن ته سنڌي ٻوليءَ جو سمورو مزاجُ زير زبر پيش جي فني قالب ۾ پرويل آهي، جنهن جي درست استعمال سان ئي اسان ٻوليءَ جو فني حق ادا ڪري سگهون ٿا، جيڪو ڪريم ”گل“ دايو ادا ڪيو.

**منهنجو هر هڪ سوال ناڪاره،**
**مرڪ تنهنجي جواب جهڙي آ.**

ڪريم ”گل“ دايي ٻين گهڻن شاعرن وانگر پاڻ کي رڳو غزل تائين محدود ناهي رکيو پر هن شاعريءَ جي ٻين صنفن ڏانهن به توجهه ڏنو آهي، جيڪا ڳالهه پڻ سندس ڏاهپ جي نشاندهي ڪري ٿي.

**ويهي ٻور ٿجي،**
**ان کان بهتر آهي ڪو،**
**افسانو لکجي.**

ٽيڙو صنف ۾ سمايل سندس مٿيون خيالُ/پيغام ليکڪ دوست جو پنهنجو پاڻ سان ئي رڳو هم ڪلامي ناهي بلڪ وقت کي ٻوريت جي کوهه مان ڪيڻ سان گڏ، افساني يا ٻئي ڪنهن لکت ذريعي قومي خدمت سان گڏ ٻوليءَ جي بچاءُ ڪرڻ جو به سڏ ڏنو اٿس.

**”نئون نئون مذ آ“** جا سمورا شاعرَ، سنڌي ٻوليءَ جي وسعت ۽ بچاءَ جا وڏا بندَ آهن، جن کي وقت جي ڪا به مها ٻوڏ لوڙهي نٿي سگهي. هيءَ جيڪا سڳنڌي

مڏ شهدادڪوٽ جي گهٽين مان ڦهلجي اُٿي آهي، اُها پنهنجي گهڻ رخي سواد ۽ مواد سان سموري سنڌ تي پرينءَ جي پاڇي جيان ڇانئجي. اها اسان جي دعا آهي.

**سعيد سومرو**

قنبر 16-10-2104

Cell: 0333-7523132

# ڊاڪٽر غلام نبي ”صابر“ سڏايو



پورو نالو: ڊاڪٽر غلام نبي
پيءُ جو نالو: محمد بخش سڏايو
**ادبي نالو: ڊاڪٽر غلام نبي ”صابر“ سڏايو**
ادبي سڃاڻپ: شاعر، نثر نويس، محقق ۽ نقاد.
جنم تاريخ: 12 مئي 1946ع
تعليم: ايم اي سنڌي، ايم اي صحافت، ايل ايل بي، پي ايچ ڊي، (شاهه لطيف جي شاعري جو علامتي جائزو 1989ع)
ڇپيل ڪتاب: (1) شاهه لطيف جي شاعري ۾ علامت نگاري (2) شاهه لطيف جو علامتي شعور (3) نئين روشني (گدائي جي شاعري تي تنقيد) (4) سفر زندگي جو (گدائي جي شخصيت، فن ۽ شاعري) (5) نعراءِ حق (بيدل فقير جي شاعري جو اردو ۾ نثري ترجمو بہ مئہ شرح) (6) جيڪب آباد ۽ جان جيڪب (تاريخ) (7) جيڪبس ٽائون جيڪب آباد انگريزي (تاريخ) (8) سنڌي ڪهاڻي (گڏيل ڪهاڻيڪارن جو مجموعو ترتيب) (9) ٿا چنگ چرن جت چاهت جا (ترتيب) (10) غريبن جو ورثو (ناول تي تنقيدي جائزو) (11) چونڊ سنڌي افسانا (ڪتاب جو تنقيدي جائزو) (12) جديد مضمون نگاري) (8) سچ سونهن وريام وروهه (لوڪ شاعري پن پاڱن سميت ٽوٽل 20 ڪتاب.
اڻڇپيل ڪتاب: عشق ناهي آسان (سچل سرمست جي شاعري ۽ فن)
مليل ايوارڊ: سچل ايوارڊ، شاهه عبداللطيف ايوارڊ، ڊاڪٽر محبت برڙو ايوارڊ ۽ سنڌي ادبي سنگت جو مرڪزي ايوارڊ.
پوسٽل ائڊريس: غريب آباد محلا جيڪب آباد سنڌ
Email: gsasadhayo@yahoo.com
cell: 03337335624

## غزل

پاڪ ڌرتيءَ مٿان ٻاڪ ڦٿندي رهي،
داغ ڌرتيءَ سندا ماڪ ڌوئندي رهي.

گهر ڏياٽيءَ مٿان رات گوليون وسيون،
سوچ خاموش آ جانِ جلندي رهي.

لاش پورين مان ٻيڏوهہ ملندا رهيا،
سُرت سورن ۾ دردن ۾ دڪندي رهي.

سچ سوريءَ تي هر جاءِ چڙهندو ڏٺم،
ڪوڙ ڪلفت جي بازار مچندي رهي.

خون جا لُڙڪ لاڙي ڪو ساري پيو،
سار جي تار هينئڙي ۾ هُرندي رهي.

ڪنهن تہ گلشن آ شمشان پيهر ٿيو،
من ۾ ”صابر“ جي سُرهاڻ سڙندي رهي.

❊❊

## غزل

جِت نينهن نِپي جت پيار پلي،
اُت ڏينهن مسافر گهاري وڃ.

آتو من تو مڪڙي ڪارڻ،
ڪنهن ڏينهن اچي ڏيڪاري وڃ.

آ ڏرتيءَ اجايل پنهنجي پرين،
ڪجهه رت ڦڙا هت هاري وڃ.

جت رات انڌاري ڪاري آ،
اُت ديپ اچي ڪو ٻاري وڃ.

ڪجهه مرده ٿي ويا رند هتي،
ڪي رند نوان پياري وڃ.

”صابر“ پيهر ڪنڌ ڪپائي،
سچ جي سينڌ سنواري وڃ.

❋❋

## غزل

اُٿ ٽوڙ وري زنجيرن کي،
ڪجھ ڏيڄ ڏي دلگيرن کي.

سڀ خالي خالي مئخانہ،
ڪو جام ڪپي مهميرن کي.

وات تي واڳون وات وڏا ها،
تہ بہ سھٽيءَ سوريو سيرن کي.

سچ چيو جن سوريءَ تي پيو،
جس آهي تن ئي ويرن کي.

❋❋

## غزل

وساري چڏيئي جي تہ ارمان ڪونهي،
گهڻا ڏينهن رهندو ڪو مهمان ڪونهي.

ملي درد دل جي دوا ڪين ڪنهن کان،
رهيو هِن زماني ۾ لقمان ڪونهي.

فقط هڪ حسين ٿو رهي منهنجي من ۾،
پسند حور مونکي ۽ غلمان ڪونهي.

سهڻا سونهن تنهنجي جي تعريف سڀ ڪن،
سچڙ تنهنجو ان ۾ ڪو نقصان ڪونهي.

پيو پيچ توسان جڏهن کان آ جاني،
نظر ۾ ڪو سهڻو پيو انسان ڪونهي.

**

## غزل

سينگار خود رکي ٿو دلدار جي ضرورت،
سھڻي کي ڪھڙي آھي سينگار جي ضرورت.

اسرار ڪيڏو آھي، انڪار ڇو ڪرين ٿو؟
دل کي وري آ تنھنجي اقرار جي ضرورت.

فرقت ۾ رات گذري، تانگھيندي توکه جاني،
تنھنجي مريض کي بس، ديدار جي ضرورت.

فصلِ بھار ۾ چو پي پي رَھي اڪيلو،
روئي چوي پپيھو آ پيار جي ضرورت.

پل پل جدائي جو ھي ڏاڍو ڏکيو آ "صابر"
دم دم پوي ٿي دل کي دلدار جي ضرورت.

**

## غزل

سُندر ماٺھو سوپيا وارا،
مک نہ ٿا سي وسرن پيارا.

واتن تي واسينگ ونگن ٿا،
نينھن جا ناتا نيارا نيارا.

چنڊ ڪوماٽو چو اج رات،
ٹمڪن ڪين ٿا اُپ تي تارا.

باغ مان بوءِ اچي ٿي رَتَ جي،
ڳاڙھا ڳلَ ٿيا اج ڪارا.

پيجل ٻڌجي سين ھٽي ڏس،
ڪرندا تو در ڦيرو سارا.

رُج ۾ راڙو ٿئي ٿو روز،
مور مرن ٿا روز متارا.

”صابر“ ٻڌجي رھبو ڪيسين،
پيھر ڪڻ تون ڪرت ڪتارا.

**

## غزل

انب جي وڻ تي سائو طوطو،
چُپ آ ويٺو جهڙو بوتو.

مُکڙي مُکڙي گل گل تاري،
چوندي چوندي هار مون پوتو.

گدڙ سڏائي پل پيو شير،
گڏهه رهندو پوءِ به کوتو.

مندر مڙهيون پيٽڻ سوليون،
ڏکيو پائڻ سامين چوتو.

ساگر کي ٿا سُرک کرن کي،
ڏُک پيري کي کائن گوتو.

سُندر نرمل کومل مکڙو،
”صابر“ صبح جي ماک آ ڌوتو.

❊❊

## غزل

زندگي بي كيف ۽ بيڪار ڪو آهي سفر،
درد جو دارون نہ هت، ڪا پيار جي ناهي خبر.

تنهن پرينءَ دوکو ڏنو، جنهن تي ڪيو هو ناز مون،
بس پيو ماتم ڪجي، هر رات سنجهي ۽ سحر.

پيار جون پينگهون اڏيندي ڪين مون چاتو هيو،
ترت هُو ويندو ڇڏي ائين پيار جي پهرين پهر.

عشق منزل آهي جنهن جي، سور ان کي چا ڪندو،
سُک سمهي سو ڪيئن سگهي، جنهن کي مليو آهي هجر.

سُک سوين ماڻين پرين تون، شاد شل هردم رهين،
تنهنجي هر هک قول کي ساري، ڪيو "صابر" صبر.

**

## ڪافي

توسان منهنجو پيار،
او سنڌو! توسان منهنجو پيار.

ڪيتي ڪان ڪشمور تائين،
تنهنجو آ وستار،
او سنڌو! توسان منهنجو پيار.

آهن ساڳيا سهڻيءَ سنڌوءَ،
ناهي اڄ ميهار.
او سنڌو! توسان منهنجو پيار.

وسري ڪين ٿي اڄ پيي ڪنهن ڪان،
هوشوءَ جي للڪار،
او سنڌو! توسان منهنجو پيار.

سچل، شاهه ڀٽائي جي ڏس،
جڳ ۾ آ هيڪار،
او سنڌو! توسان منهنجو پيار.

سسئي، مومل، نوريءَ، سورٺ،
ڌرتيءَ جا ڪردار،
او سنڌو! توسان منهنجو پيار.

هوشو، هيمو، دولهه، دودو،
سنڌين جا سردار،
او سنڌو، توسان منهنجو پيار.

❊❊

## آزاد نظم

منهنجي سکي مونکي چيو،
او سانورا او بانورا!
هيءَ گهڙي موٽي نہ ايندي،
سونهن هي ساڳي نہ رهندي،
اڇ تہ گڏجي پاڻ ۾،
ڪبڙن جي ٿڏڙي ڇانوَ ۾،
پڪل پيرون ميڙي وٺون،
پوڪا گهڙي ساهي پٽيون،
نينهن جو دستور آ،
پنڌ ڏاڍو ڏور آ،
دل ۾ جيڪو پور آ،
اڇ تہ ان کي ماڻُ ڏيون،
تون سکي کي ساڻ کڻ،
ميڙي سڀ ارمان کڻ،
هي جوڀن ۽ جواني،
ٿي ويندي ماضي کهاڻي،
او سانورا او بانورا
هيءَ گهڙي موٽي نہ ايندي،
سونهن هي ساڳي نہ رهندي.

**

## نظم

مندر ۾ جا رهي ٿي راڻي،
سُمهي رهي ٿي سانجهي ٽاڻي،
منهنجي ساهه کي آ سيباڻي،
پنهنجو هن کي ميت چوان ٿو،
ان لاءِ پيارو گيت لکان ٿو،

بات ان جي آهي نرالي،
صبح سويري اٿندي آهي،
نام رام جو ڳھنندي آهي،
پنهنجو پاڻ کان پڇندي آهي،
کنهن کي کنهن کي کيان پرنام،
هر صورت ۾ آهي رام.

ڇم ڇم ڇيرون پائي ٿي،
شبد شيوَ جا ڳائي ٿي،
من من کي ريجهائي ٿي،
سندر سُر سُڻائي ٿي،
اهڙي سندر آهي سيتا،
لوک سچو آ ان جي نيتا.

هک ڏينهن راجا آيو رهندو،
بن بن کي واچيندو ڏسندو،
مندر مندر پوڄا پنندو،
پير سيتا جو پڇندو پڇندو،
پيهي آيو ان در ۾،
سيتا واري مندر ۾،
راجا جو سنجوڳ ٿيو،
گهر گهر ۾ آ يوڳ پيو.

## نظم

ڏيري ڏيري آءُ، ڏيري ڏيري آءُ،
تڪڙ تڪڙ جو ڪهڙو فائدو،
وٽي نہ ٿو مون کي ھي قائدو،
ڏيري ڏيري آءُ...
ماڻھو مون لئِ ڏاڍا سکن ٿا،
جانِ بہ پنھنجي مون لئہ ڏين ٿا،
مان توکي ڏيان ٿي ساءُ.
ڏيري ڏيري آءُ...
تنھنجي من جي آهيان راڻي،
پيچ وڌو مون چاڻي واڻي،
ڪو نہ ڪو ھلندءِ راءُ.
ڏيري ڏيري آءُ...
رُس نہ مون سان منھنجا راڻا،
پري نہ ڪر تون مون کي پاڻا،
سھڻا ڪر پرچاءُ.
ڏيري ڏيري آءُ...
”صابر“ توکي روز سنياري،
ڳلن مٿان ٿو ڳوڙھا ڳاڙي،
هيڪر موٽي آءُ.
ڏيري ڏيري آءُ...

**

## آزاد نظم

هڪ شام- اُداس،
جڏهن تون ڏيئي جي لاٽ کي،
پنهنجي زلفن جي پاڇولي ۾
اوجهل ڪري،
هوا جي تيز جهوٽن کان بچائيندي،
منهنجي من مندر کي اجالو ڪرڻ لئہ،
پنهنجي نرم نازڪ هٿن ۾،
کڻي ايندين،
تڏهن ان ڏيئي لاٽ ۾،
تنهنجو مکڙو ٻهڪڻ لڳندو،
ڏيئي جي لاٽ،
تنهنجي ٻهڪندڙ مُک کي،
ڇهڻ جي ناڪام ڪوشش ۾،
رڌل رهندي،
تنهنجي دل جي ڌڪ ڌڪ،
توکي اتاولو ڪري ٿي،
۽ ٻڌائي ٿي
تہ اها ڏيئي جي لاٽ نہ آ،
پر اهو آئون آهيان،
جو تنهنجي جدائي ۾ تڙپان ٿو،
۽ چاهيان ٿو تہ هڪ دفعو،
تنهنجي چمڪندڙ ڦلڙين واري مُک کي،
پنهنجين هٿن ۾ وٺان،
۽ خوبصورت ۽ گلابي ڳلن کي،
سدائين ڏسندو رهان.

# ڊاڪٽر ”حاذق“ جوڻيجو



پورو نالو: غلام سرور
پيءُ جو نالو: حڪيم الحاج نصر الله ”ناصر“ جوڻيجو
ادبي نالو: **ڊاڪٽر ”حاذق“ جوڻيجو**
ادبي سڃاڻپ: شاعر ۽ نثر نويس
جنم تاريخ: 1 ڊسمبر 1939ع
تعليم: سنڌي فائينل 1955ع ۾
جنهن کان پوءِ اردو، فارسي، عربي، ديني تعليم منهنجي والد صاحب کان.
**ڇپيل ڪتاب:** 1979ع ۾
(1) محفل عشق
(2) گل دستہ محمدي
(3)جوش جگر
(4) مناجات سرهندي نقشبندي
**اڻڇپيل ڪتاب:** (1) نم جا ماڻڪ
(2) گلدستہ ناصر
(3) ڪليات سائل
پوسٽل ائڊريس: پوسٽ آفيس نم شريف تعلقو ڳڙهي ياسين
ضلعو شڪارپور سنڌ.

## نعت

بيشڪ آهي برتر شاهي شان تنهنجو،
خدا پاڪ خود آ ثنا خوان تنهنجو.

مولا پاڪ توکي سڏيو نُور آهي،
سندءِ اسم هر جاءِ ٿيو مشهور آهي.
خدا پاڪ کي ايئن ئي منظور آهي،
ثنا خوان سارو آ قرآن تنهنجو.

نبين سڀن کان تنهنجو شان اعليٰ،
جمڻ کان اڳي ئي تنهنجو مان اعليٰ،
آ انجيل کان تنهنجو قرآن اعليٰ،
مٿي آهه شاهن کان دربان تنهنجو.

ڏنم عشق، سچ ۾ ءِ تارن قمر ۾،
رهي عرش پيي سڪ واري سفر ۾،
رکيو توکي رحمان نوري نظر ۾،
وري حشر تائين آ احسان تنهنجو.

آ ”حاذق“ نمائي جو محبوب احمدﷺ،
اهو خود خدا جو آ مرغوب احمدﷺ.
ملي حوض ڪوثر تي مطلوب احمدﷺ،
”جوڻيجو“ ٿئي ڪاش مهمان تنهنجو.

❊❊

## منقبت

دل تي رهي ٿي طاري حڪايت حسين جي،
ذبح_عظيم آهه شهادت حسين جي.

ماتم ۾ غم امام جو مسلم تي فرض آ،
مومن تي آهِ لازم اطاعت حسين جي
ذبح_عظيم آهي شهادت حسين جي.

بعيت امام ڪئي نہ ظالم يزيد جي،
ظاهر انهيءَ مان ٿئي ٿي غيرت حسين جي.
ذبح_عظيم آهي شهادت حسين جي.

قربان پاڪَ ٿيا سڀئي هن پاڪ دين تي،
اسلام پاڪ سان ڏسو محبت حسين جي.
ذبح_عظيم آهي شهادت حسين جي.

نواسو رسول جو فرزند علي جو آ،
قرآن ڏسو ڪري ٿو حمايت حسين جي.
ذبح_عظيم آهي شهادت حسين جي.

خنجر جي هيٺان جنهن ڪئي آهي ادا نماز،
دنيا ۾ بي مثال اها عبادت حسين جي.
ذبح_عظيم آهي شهادت حسين جي.

جوڙيجو آهِ "حاذق" حبدار آل جو،
مولا ڪراءِ جلد ذيارت حسين جي.
ذبح_عظيم آهي شهادت حسين جي.

❊❊

## ڀٽائي

ڀلارا ڀٽائي ڀلارا ڀٽائي،
پسائي اسان کي نظارا ڀٽائي.

ملي ان کي مفهوم قرآن اڄ پيِ،
اگر ڪوئي سمجهي اشارا ڀٽائي.

ٿيو فيض تنهنجو جبل جهنگ جهر ۾،
نہ اهڙو ڪو ٿيندو ڀلارا ڀٽائي.

فضيلت ۽ آداب سيکاريا تو،
اسان سنڌ واسين کي سارا ڀٽائي.

ڪرم جا ڪڪر سنڌ تي پيا وسن اڄ،
ڀلا ڀاڳ ٿيا اڄ ڀلارا ڀٽائي.

نگاهون تہ ”حاذق“ جون بيتاب آهن،
ڏسن شال تنهنجا منارا ڀٽائي.

❊❊

## غزل

ميوي ڪڙي جو وڻ ڪو، ڦردار ٿيو تہ ڇا ٿيو،
سيرت سٺي جي ناهي، سينگار ٿيو تہ ڇا ٿيو.

ڪهڙو ڀلا انسان جي، آهي اچڻ مان فائدو،
همدرد ناهي هو جي هوشيار ٿيو تہ ڇا ٿيو.

جنهن ڪي نہ آهي دل ۾ هي درد ٻين جي لئہ،
سجدا ڏئي هو ڀلجان سالار ٿيو تہ ڇا ٿيو.

عادت جنهين جي آهي جهيڙو فساد عام سان،
سڀ تي رکي ٿو رعب ڀڳدار ٿيو تہ ڇا ٿيو.

احساس ناهي ڪنهن ڪي مسڪين غريب تي سدا،
**خالي زبان جيءَ اظهار ٿيو تہ ڇا ٿيو.**

راهِ خدا هو گنج مان ڪنهن ڪي نٿو جي خير ڏئي،
قارون ڇئبو سو ئي زردار ٿيو تہ ڇا ٿيو.

آڪڙ وڏائي سان جي گهاري ٿو پنهنجي زندگي،
سو شينهن تي جي آهي هسوار ٿيو تہ ڇا ٿيو.

سڏ ۾ جو سڏ ”حاذق“ ٿو دل ساڻ ٻڌي سو يار آ،
بي فيض جوٽيجا ڪو سردار ٿيو تہ ڇا ٿيو.

❊❊

## غزل

عشق اول ٿو اچي ڪنهن خيال ۽ خمار سان،
جاءِ دل ۾ ٿو ڄمائي ڪنهن وڏي ويچار سان.

ديد ديدن سان ملي ۽ ٿو پوي دل تي اثر،
پو ڪلي خوشبوءَ ڪري ڪيڪار سان گفتار سان.

ٿي ويو دل جو ٽَڪر جي دل ڪنهن سان اوچتو،
يار جو پيشو ڪري هر گام تي رفتار سان.

پيو نهاري راهه رستا روز شب بس يار جا،
دوست ري دم دم ڪٽڻ پيي ٿيو وڏي آزار سان.

آهَه زاريءَ ۾ گذاري ڏينهن سڄو سڏڪا پري،
رات ساري سو گذاري خالي ذڪر_يار سان.

پو ذرو پيي دل نہ سهندي غير سان ان جو ملڻ،
پيو ڪندو هر وقت سو تڪرار بس اغيار سان.

عشق وارو ٿو گذاري ڪيئن پنهنجي زندگي،
ٿي لڳي ان جي طبيعت هو بهو بيمار سان.

ڪو سودائي ٿو سڏي ڪو مست ديوانو سڏي،
هي لقب سڀئي مليا بس عشق جي اقرار سان.

عشق وارن جي اتي ”حاذق“ ٿي بس منزل جتي،
عشق وارن جي هميشہ عيد آ ديدار سان.

**

## غزل

لعل لَب ڳاڙها گلابي يار ٿا موهي وجهن،
جي پوين مُرڪي متا چڻ ڪات سان ٿا سي ڪُهن.

بس تجلو تاب تنهنجو انت ڪان بي انت آ،
مٽُ نہ تنهنجي ڪو چوان شيرين شَڪَر تنهنجو دَهَنَ،

مثل موتي ڏند تنهنجا لعل هيرا چا چوان،
چنڊ جي چانڊاڻ جان چمڪارُ آهي چڻ سندن.

چا پَدَمَ هي پيرُ تنهنجا چا چوان پتلي ڪَمر،
لڪ لهي ٿي لوڏ تنهنجي ناز ٿا توکي ڻَهن.

نينهن ناتو تون نڀاهج يار ”حاذق“ سان اچي،
بس گذارج يار گڏ جي درد غم دل جا لهن.

❋❋

## غزل

باغ ۾ گلڙا ٽِڙن توساڻ هٽ هٽ ۾ هجي،
گل هجن گلزار ۾ گڏ پاڻ هٽ هٽ ۾ هجي.

شوق سان ميون پٽڻ ۾ سج ويو تنهنجو لهي،
مل اچي مونسان متا بس هاڻ هٽ هٽ ۾ هجي.

منهن لڪاءِ ڪين هل منهن تان پردو لاهه تون،
ڪر نہ مونسان ڪابہ تون چڪتاڻ هٽ هٽ ۾ هجي.

تابُ تجلو حسن جو اندلث جيان تنهنجو چوان،
پاءِ سرمو چنبڊ جي چانداڻ هٽ هٽ ۾ هجي.

ديد ديدن سان ملائي داد ڪرِ مل دلرُبا،
پلڪ نا ٿي تون پري واڪاڻ هٽ هٽ ۾ هجي.

ٻاجهہ ڀڳڻ ڪر اچي تون آءُ "حاذق" سان ملڻ،
چو پري توڪان رهان تو ساڻ هٽ هٽ ۾ هجي.

❊❊

## غزل

اڄ زماني جي عجائب چال نياري ٿو ڏسان،
ختم جٿ ڪٿ ٿي وئي تعليم ساري ٿو ڏسان.

سنڌ سان هي ٿي ويو آڄ آهِ پڻ ظلم وَ ستم،
ڪو بہ ڪنهن جو ناهہ ڪوئي ظلم جاري ٿو ڏسان.

ڪو خدا جو خوف ڪنهن کي ناهہ ڪوئي ڇا ڇوان،
ٿي وئي بي داد نگري خوف تاري ٿو ڏسان.

هاءِ هي افسوس آهي ناهہ ڪا تعليم ڪٿ،
جو پڙهائن ڪين ٿا استاد ماري ٿو ڏسان.

علم ري اڄ ٿي ويو اونداهہ ساري سنڌ ۾،
روشنائي ناهہ ڪائي رات ڪاري ٿو ڏسان.

حق جو ڪلمو هي ”حاذق“ آهہ تو بيشڪ چيو،
ڪو بہ ڪنهن جو ناهہ ساٿي باهہ ٻاري ٿو ڏسان.

**

## غزل

اوهان تي جا آئي بهار-شباب،
ڪُلي پيا توهان جي ڳلن جا گلاب.

ڳلن تي زلف چميون ڏيندا رهيا،
ويا مونکان وسري گناهه ۽ ثواب.

نظر ڳاڙهن لبن تي چمي ڏئي وئي،
هٽايو ڪٽي مون لئہ منهن تان نقاب.

گهمين ٿو غير سان جبل ۽ جهنگ،
ملڻ لئہ مون سان ڪيو نہ حجاب.

هوا ۾ تہ وڪري ويا تنهنجا وارَ،
اوهان جو تہ مرڪڻ هو سهڻو سراب.

بدن تي پيل هئي گلابي پوشاڪ،
اچي ياد پئين تون تہ ڏاڍو بي حساب.

ٿئي ”حاذق“ جو صنم سان ملڻ روز،
ملڻ ڪان ئي نٽايو پيا چو جناب.

**

## غزل

ڪيم دانھون مان اُپ ڦاڙي نہ پڌو دلدار منھنجو سڏ،
لنوائي هو ويو جائي ايئن منتار منھنجو سڏ.

صبا منھنجو نہ نياپو نيو نہ ٿيو قاصد ڪبوتر ڪو،
پيلا ڏس تون تہ ڪھڙي ريت وجي ٻي پار منھنجو سڏ.

پڪي خود فڪر ۾ ايندا ۽ درندا ڌهلجي ويندا،
جبل ٿيندا پيجي پرزا جي ٿيو پيھار منھنجو سڏ.

نہ ڪو همدرد دنيا ۾ نہ آ ڪو يار ياور هت،
سُٽي شل مهر سان سهٽو اچي هڪ وار منھنجو سڏ.

اڱڻ آيو پري پيرا ڪيائين عيد ”حاذق“ سان،
رهي قسمت بحمدُ الله نہ ٿيو بيڪار منھنجو سڏ.

**

## ضرورت

اڄ يار آ اسان کي هڪ هار جي ضرورت،
ان هار ۾ آ دُر_شهوار جي ضرورت.
محبوب ماهِ لقا تنهن منثار جي ضرورت،
دم دم پوي ٿي دل کي دلدار جي ضرورت.
رندن جي آهه محفل ساقي ۽ جام گهرجي،
شيشي جي پالڪيءَ ۾ گلفام نام گهرجي
اهڙي خوشيءَ کان پوءِ آ خُمار جي ضرورت.

تصور تہ آهه دل ۾ ظاهر ڏسڻ ٿو چاهيان،
صورت نماٽي ان جي پل پل پسڻ ٿو چاهيان،
هڪ وار آهي دل کي ديدار جي ضرورت.
جاڪون ويو آ وچڙي ابتر آ حال منهنجو،
سڀ کو سڏي سودائي خاصو نہ خيال منهنجو،
دلدار جي آ دل کي آڌار جي ضرورت.

گلشن بہ آهِ ساڳيو نظري نہ ٿي بهاري،
ڪوماٽي ٿو ڏسان گلشن جي تاري تاري،
گلشن ۾ بلبل کي آ اڄ گفتار جي ضرورت.

خالق خزان ڪُتائي موٽي اچي بهاري،
حاصل قرار ٿئي شل ٿئي دور بيقراري،
ان راهہ ۾ فقط آ اقرار جي ضرورت.
راضي رضا تي آهيون دانهن مان ڪجهہ نہ ٿيندو،
جيڪي لکيل قضا ۾ اهو ئي پيش ايندو،
تقدير ۾ نہ ”حاذق“ آ تڪرار جي ضرورت.

**

## گيت

اڪيون ڪجليون ڪجل ڪاريون هڻن ڪهري پيون ڪانَ،
نهارڻ سان نِهوڙي تون ڪرين ناحق پيو خانَ.

ڪسي دل تون وئين مونکان ڪرين چو ٿو قهر يار،
وئي ٿي زندگي ساري خدا چاڻي زهر يار،
ڪري تو قيد زلفن ۾ ڇڏي منهنجي تہ آ جان.

نہ ڪائڻ نہ ڪي پيئڻ اٿم توريءَ پرين چو جو،
دلاسن تي ڏني دل مون ڪري توکي پرين پنهنجو،
مگر تون بيوفا ٻڻجي ڪرين چو ٿو ايئن زيان.

ڇڏي هي سنگدل شوخي وفا وارا وفا ڪر تون،
جياري جيءُ جڏو منهنجو شفا وارا شفا ڪر تون،
ايئن هٿ توکي چا ايندو سچاٽج پنهنجو تون شان.

ملي هڪ وار ”حاذق“ سان ڪري آغوش پنهنجي ۾،
پيارج جام الفت جو رهي جيئن گود تنهنجي ۾،
نشانبر نانءُ ٿئي تنهنجو سخا جو ڪر اهو تون دان.

❋❋

## غزل

ڏنم پنھنجو سڄڻ ساموڻ مٿو مٿنار محفل ۾،
ڪيم دلبر سان جھٽ ويھي مٺي گفتار محفل ۾.

صبا منھنجو ڪٺي پيغام وئي دلبر کي پھچائڻ،
پڏي يڪدم ھليو آيو دلي دلدار محفل ۾.

ڏسي جانب جي جلوي کي لڪي پيو چنڊ ڪڪرن ۾،
ڪري آيو سڄڻ منھنجو عجب سينگار محفل ۾.

اچي دلبر مليو مونسان ويا ارمان پورا ٿي،
محبت جو ڪيو محبوب اڄ اظھار محفل ۾.

خدا جي مھرباني ٿي ملي محبوب ويو مونسان،
پلي آيو پلي آيو مٿو مٿنار محفل ۾.

پلا ٿيا پاڳ "حاذق" جا ٿو ڳايان شعر لڪ ھاٽي،
ڏسو اڪيون پٽي پنھنجون آھي نروار محفل ۾.

**

# ”ناشاد“ رشيد سنڌي



پورو نالو: عبدالرشيد
پيءُ جو نالو: شاهه رکيو مستوئي
ادبي نالو: **ناشاد رشيد سنڌي**
جنم تاريخ: 1 جنوري 1971 ع
تعليم: سنڌي
ادبي سڃاڻپ: شاعر
شاعري ۾ استاد: استاد پيرل قمبر
لکڻ جي شروعات: 1988 ع کان
ڇپيل ڪتاب: مرڪ پبليڪيشن شهدادڪوٽ پاران ڇپيل ڪتاب ”برکا بوند بهار جي“ ۾ ڇپيل
هاڻوڪي رهائش: باقر آباد محلا شهدادڪوٽ
پوسٽل ائڊريس: آفيس نئين آس مئگزين شهدادڪوٽ
Email : nashadrasheedsindhi@gmail.com
03316065911

## غزل

ڏکڻ واءُ ٿي چنڊ ڪکر مان ڪيو،
سمونڊن جيان سڪ لهر مان ڪيو.

سچائي مٿي ڪنڊ ڪان دوستو،
رڳو لوڻ چو ٿا ڪلر مان ڪيو.

ڏسي عيد جي چنڊ کي پو پلي،
اوهان ديد دلبر جي در مان ڪيو.

اهو گلَ ۾ خار سمجهو نہ ٿا،
هلي هاڻ ٿر کي ڏکر مان ڪيو.

سدا زندگي ۾ ڪِلو ۽ مِلو،
اداسين کي دل جي مندر مان ڪيو.

غزل گيت ”ناشاد“ تڙپي لکيا،
اوهان ئي تہ شاعر نظر مان ڪيو.

**

## غزل

آ برابر پرينءَ جي چمڪ چنڊ ۾،
منهنجي محبوب جهڙي جهلڪ چنڊ ۾.

هي جي سانوڻ ۾ اُڀ تي ڪڪر ٿي ڪِڙن،
پو پهر جي بہ ڪاتي آ پڪ چنڊ ۾.

سانوريءَ جي گلابي اکين ۾ ڏٺم،
جيئن پيمانا ڇُلڪن ڇَلڪ چنڊ ۾.

رات سپني ۾ هُس صبح سوچن ۾ مان،
هٿ ڪڪرن مٿان منهنجو چڪ چنڊ ۾.

سونهن سُرهاڻ ساري گواهہ آ پرين،
چاندوڪيءَ جي بہ سمجهو ڏنڪ چنڊ ۾.

چنڊ منهنجي ڪان چوڏهين چورائي چمڪ،
اڄ تہ سارو تڪي ٿو فلڪ چنڊ ۾.

معجزو آ مٺا مرڪ تنهنجيءَ جو،
دلنشين دل ڪشي آ مهڪ چنڊ ۾.

مان چڪور ئي تہ ناهيان جو اڏري سگهان،
جيءَ جذبن جي پو بہ اٽڪ چنڊ ۾.
سوچ ۾ سنڌ آ ديد ۾ دلربا،
ديس منهنجو "رشيد" آ بيشڪ چنڊ ۾.

## غزل

حال نہ ڄاڻي هينئڙي جو ڪو،
تڙپيو ڪو مدهوش ستو ڪو.

ڏينهن مهينا سال صديون ٿيون،
ونگ وڇوڙن اهڙو وڌو ڪو.

قول هئا سي ڪوڙا سپنا،
پيار هيو چڻ ڏوڪو ڏوڪو.

موت کي مرڪي مات ڏنائين،
سوليءَ تي منصور چڙهيو ڪو.

قوم تي سوچان سونهن لئہ سڏڪان،
دل جو پنهي سان آ رشتو ڪو.

هونءَ تہ هرڪو هام هڻي ٿو،
نينهن نڀائڻ آ سولو ڪو؟

جيئن "رشيد"مون سور سَٺا هن،
ايئن نہ آ ڪنهن سور سَٺو ڪو.

**

## غزل

چڏ پکي پڇرو پرَن جو خير گهُر،
درد دل جي پيچرن جو خير گهُر.

تون هتي صياد وٽ زندان آن،
رو نہ پنهنجي دلبرن جو خير گهُر.

رات ٿيندي آ ڏکهي هر سال جي،
صبح سج جي سوجهرن جو خير گهُر.

باهہ ساڙيندي سُڪا ساوا مگر،
منهن اٿس ڪاڏي برَن جو خير گهُر.

سِر سلامت آ تہ پو ٿينديون ونيون،
ڪر نہ الڪو هي وَرَن جو خير گهُر.

دور اڄوڪي ۾ تحفظ آ ڪٿي،
مسجدن ۽ مندرن جو خير گهُر.

ويا ڇڏي پيرل، بخاري ۽ اياز،
سنڌ جي تون شاعرن جو خير گهُر.

مارو منهنجي ملڪ جا ڏتڙيل هتي،
هٿ کڻي ڪو بي گهرن جو خير گهُر.

جي گهُرين ”ناشاد“ تون سنڌ لئہ دعا،
دنيا ساريءَ جي ترَن جو خير گهُر.

❋❋

## غزل

نہ شڪوہ ڪوئي قدرت ڪان،
نہ مان مايوس قسمت ڪان.

پهاڙن ڪان بہ پختو آ،
پُڇو انسان جي عظمت ڪان.

هي دل آهي چري منهنجي،
جو تنگ ٿي آهي غُربت ڪان،

مسلسل موت جي ويجهو،
ڊُڪيو آهيان قيامت ڪان،

ڪريان ڪيئن الوداع يارو،
ڪٽان ڪيئن ساهہ سنگت ڪان،

جي سنڌ ڪعبو ڪفر آهي،
مٿيان منهن چو نہ جنت ڪان.

قيامت ٿا گهرن ماڻهو،
اهڙي جيوت جي ذلت ڪان.

ملي آ ذات ورثي ۾،
نصيبن واري نعمت ڪان.

لڪان سنڌ سونهن جي صدقي،
چڱي آ لوچ عظمت ڪان.

”رشيد“ الفت جي اوتر ۾،
حماقت چا حقيقت ڪان.

## غزل

سوچ سُرهو سفر لوچ لهجو تہ ٿيو،
عشق ارڏو سهي فِڪر ڦٽڪو تہ ٿيو.

من بہ ماندو رهي، اک بہ آلي رهي،
ڳل تي ڳوڙها ڪِريا ساهہ سُڏڪو تہ ٿيو.

باهہ شعلا مچن جهومي جذبا نچن،
چا هيو سلسلو برهہ پڙڪو تہ ٿيو.

پيار جو پاسبان مهربان ٿئي نہ ٿئي،
چاهہ چسڪو مگر عشق الڪو تہ ٿيو.

سِر ٿيو ڪارگر رائگان ڪين ويو،
سونهن ۽ سنڌ تان ڪيس صدقو تہ ٿيو.

منهنجي سڏڪن سان پرچن نہ پرچن پرين،
ها روئڻ سان رڳو هانءُ هلڪو تہ ٿيو.

❊❊

## غزل

چاھہ چمان ٿو چانڊوڪيءَ ۾،
توسان ملان ٿو چانڊوڪيءَ ۾.

لال لبن جا جام پيري مان،
روز پيان ٿو چانڊوڪيءَ ۾،

تون نہ اچين بي چين صفا مان،
گھتيون گھمان ٿو چانڊوڪيءَ ۾.

چنڊ ستارن ڪرڻن کان پوءِ،
تنھنجو پڇان ٿو چانڊوڪيءَ ۾.

توتي ناھيان گيت غزل مان،
شعر لکان ٿو چانڊوڪيءَ ۾.

تنھنجي گھر جي پِٽ کان بيھي،
توکي ڏسان ٿو چانڊوڪيءَ ۾.

ڏيئو ناھيان لاٽ ڪري جو،
پاڻ ٻران ٿو چانڊوڪيءَ ۾.

روئي روئي ”رشيد“ اوھان سان،
پرچي پوان ٿو چانڊوڪيءَ ۾.

❊❊

## نظم

نہ محشر جي سُڌ آ نہ محشر ٿو آڻي،
الله پيو ٿو ڄاڻي.
هي قدرت بہ قادر جي هٿ آ ميون ٿا،
اميري غريبي ڪٿي ٿو سڄاڻي.
الله پيو ٿو ڄاڻي.
ڪو پيري فقيري مان رب ٿو ريجهائي،
هزارن ۾ منزل اها پو ٿو ماڻي.
الله پيو ٿو ڄاڻي.
اها ڪاڪ ڪاري ڪئين ٿي پتو چا،
الائي تہ مومل الئہ ڪئي آ راڻي.
الله پيو ٿو ڄاڻي.
اجا ڏينهن قيامت ۾ آهن الئہ چا،
يا سالن مهينن يا ڏينهن ۾ آڻي.
الله پيو ٿو ڄاڻي.
الئہ رب ڪي ريچڪ وٽي ويو جهان جو،
تڏهن آقا مهدي نہ ٿو جي اماڻي.
الله پيو ٿو ڄاڻي.
هو منصور سچ چئي تہ سولي ٽنگيو ويو،
بلاول بہ چا لئہ پيو نيٽ گهاٽي.
الله پيو ٿو ڄاڻي.
هو مسجد ۾ ويهي ڪري واعظ ڪيڏا،
الئہ چا ٿئي هاٽي ٿئي چا سپاٽي.
الله پيو ٿو ڄاڻي.

”رشيد“ آس ۾ اج ٻہ روئي ڏنوسين،
ڏنا ٿهڪ هوندا الاٽي فلاٽي.
الله پيو ٿو ڄاڻي.

تو جي پڪ آ ڏني پيار ۾ او سڪي،
زندگيءَ سان وري دوستي ٿو ڪيان.
تنهنجي خاطر مٺي شاعري ٿو ڪيان.
مون کي جيئڻ جو نئون ڪو بهانو مليو،
فڪر تنهنجو ۽ تنهنجو فسانو مليو،
تون مليئن ساري جڳ جو خزانو مليو،
حال دل جو مان توسان اچي ٿو ڪيان.
تنهنجي خاطر مٺي شاعري ٿو ڪيان.
هي غزل گيت ۽ نظم وايون لکي،
توکي ارپيان ٿو ٽيڙو ۽ ڪافيون لکي،
هي اجايون نه چئو مون سجايون لکي،
تنهنجي نالي سموريون سچي ٿو ڪيان.
تنهنجي خاطر مٺي شاعري ٿو ڪيان.
تون مڃين ٿي ته تنهنجو مان شاعر هجان،
عمر ساري مذر گيت توتي لکان،
تنهنجي پر ۾ ويهي توکي ڏسندو رهان،
ذڪر تنهنجو پرين هر گهڙي ٿو ڪيان.
تنهنجي خاطر مٺي شاعري ٿو ڪيان....
تون اٿين ٿي اٿي مان ييهان ڪي پهر،
ٿو ادب تنهنجو اهڙو ڪيان ڪي پهر،
جي وڃي راهه تنهنجي چمان ڪي پهر،
آجيان تنهنجي ايندي اٿي ٿو ڪيان.
تنهنجي خاطر مٺي شاعري ٿو ڪيان.
سنڌ جي سونهن تو ۾ سمايل هجي،
تنهنجي نيڻن جو ”ناشاد“ گهايل هجي،
تنهنجي پيرن ۾ پازيب پايل هجي،
سونهن تنهنجي کي سجدا جهُڪي ٿو ڪيان.
تنهنجي خاطر مٺا شاعري ٿو ڪيان.

## وائي

درد اُپري تہ پو...!
نينهن نبري تہ پو.!
چا ڪجي چا ڪجي ؟
چا ڪجي دوستو؟
هُو ٿي مَن ۾ رهي،
جي نہ نڪري تہ پو.!
چا ڪجي چا ڪجي ؟
چا ڪجي دوستو؟
مون وساريو گهڻو،
ڪين وسري تہ پو.!
چا ڪجي چا ڪجي ؟
چا ڪجي دوستو؟
پيار پلجي نہ ٿو،
سڪ بہ سنجري تہ پو.!
چا ڪجي چا ڪجي ؟
چا ڪجي دوستو؟
ساهہ سڪ جو پڪي،
جي نہ اڏري تہ پو.!
چا ڪجي چا ڪجي ؟
چا ڪجي دوستو؟

**

تاريخ گواهہ رهندي، هر ڪنهن کي خبر آهي.
ها سنڌ امر آهي.
هن سنڌ کي لٽڻ ڌاريا، ارغون سوين آيا،
ڪي نسل ويا متجي، هڪ نسل مگر آهي.
ها سنڌ امر آهي.
دنيا کي ڀڏائڻ جا، ڪي پيا بہ طريقا هن،
پر وقت ڀڏائيندو، ٿيو ڪنهن جو حشر آهي.
ها سنڌ امر آهي.
ڌرتي جي سپين دودن شاعرن ۽ اديبن کي،
پٽ شاهہ، سچل، سامي، جي ايم تي فخر آهي.
ها سنڌ امر آهي.
اي وقت جي مجبوري، تون راهہ نہ جهل منهنجي،
آواز پڙاڏن ۾، مظلوم جو گهر آهي.
ها سنڌ امر آهي.
سنڌ چائين سان ڪيسين، پيو ڪيس ڪندو ظالم،
حق سچ جي ڌنم سيني، قاتل جو خنجر آهي.
ها سنڌ امر آهي.
”ناشاد“ جي شعرن کي، ڌئي باهہ چڏيو ساڙي،
پر پونءِ سچي منهنجي، شاعرن جو شهر آهي.
ها سنڌ امر آهي.

**

## تيڙو

مرڪين تہ گل مرڪيا،
هي ٽيو تنهنجو معجزو.
مُردن ڪان ڪيئي زنده.
....
آٽيندئي الله،
تنهنجي منهنجي نينهن جو،
ٽيندو نيٽ نباهہ.
....
شاعر سوچ ويچار،
اهڙي ڪر ڪا شاعري،
مظلومن لئہ پڪار.
....
موتي آ مون ڏي،
جيون جيڪو تيل آ،
تيلي تنهن کي نہ ڏي.
....
ڪوڙ سمجهم ڪو نہ،
جلوه تنهنجا جوهري،
جرڪيا سيئي سون.
....
القا عبرت ناڪ،
آئيندي کي امن جي،
پهرايو پوشاڪ.

❊❊

## بيت

سيد تنهنجي سوچ جا، سپنا ٿين ساپيان،
جوڏا جهد جوان، جوڙيندا هن جوءِ ۾.

❊

جوڙيندا هن جوءِ ۾ جوڏا جهد جوان،
گهر گهر تي ڳاڙها جهنڊا، نعرا نينهن نوان،
پنهنجي پو هن پورنءِ کي، سنڌو ديش چوان،
”سنڌي“ سچ لکان، سمجهي کو هن سوچ کي.

❊

جلسا جهد جهان ۾، جيون جهد جهان،
دلدل ۾ دل هيکلي، ڪشتي سمنڊ طوفان،
سنڌڙي آ ارمان، آزاديءَ جو آخري.

❊

آزاديءَ جو آخري، اهڙو آ ارمان،
سنڌو ديش مهان، سيد تنهنجي سوچ جو.

❊❊

# اڪبر ڪرل



نالو: اڪبر حسين
پيءُ جو نالو: غلام محمد ڪرل
ادبي نالو: اڪبر ڪرل
جنم:
شاعري جي شروعات: 1997ع کان
وفات: 24 محرم الحرام 1435هه بمطابق 29 نومبر 2013ع
آخري آرام گاهه: ڪڙڪ مقام شهدادڪوٽ
ادبي سڃاڻپ: شاعر ۽ نغر نويس
شاعري ۾ استاد: عبدالله شاهه "اطهر"
ڇپيل ڪتاب: ڪو به نه
اڻڇپيل: عشقيه شاعري سان گڏو گڏ مذهبي طور تي نوحن ۽ قصيدن سميت پڻ ڪتابن جو مواد

## غزل

هي بہ جيون عجيب تر آهي،
جو نہ ڪتجي اهو سفر آهي.

جنهن ۾ پونرا نہ گُل آ خوشبوءِ،
هيءُ جيون خزان نگر آهي.

غم تہ ورثي ۾ هن مليا مون کي،
پر خوشين جي نہ ڪا خبر آهي.

جنهن ۾ انسان ٿي وڃي پاڳل،
عشق ۾ ايترو اثر آهي

چو ٿو صحرا ۾ جهوپڙي ڻاهي،
هيءُ محبوب جو نہ تر آهي.

ڪاڏي بر منهن ڏئي ويو "اڪبر"
ان جي گهر جو ڪليل جو در آهي.

**

## غزل

ٽڏيون هيءُ ڪيڏيون ڳُهلن ٿيون هوائون،
منهنجي من اندر ڪي ڇُهن ٿيون هوائون.

سڄڻ جنهن بہ رستي تان گذري وڃين ٿو،
انهن ئي ڏڳن ڪي چُمن ٿيون هوائون.

وٺي پاڻ سان گڏ پرين تنهنجي خوشبوءِ،
سمونڊي ڪٺي هي اچن ٿيون هوائون.

مٿان تنهنجي گهر جي اچي هي اڏامي،
ادب ساڻ گذري وڃن ٿيون هوائون.

الائي هي جاني مون وانگي محبت،
لڳي ٿو تہ توسان بہ ڪن ٿيون هوائون.

مقرر نہ "اڪبر" هنن جو آ ٽائيم،
جڏهن چاهين توکي ڏسن ٿيون هوائون.

**

## غزل

درد سان پرپور آهي زندگي،
ٿي پئي ناسور آهي زندگي.

تو بنا هيءَ روز ڇٽندي ٿي وڃي،
انب جو ڇڻ پور آهي زندگي.

درد جا هي بار ٿي کڻندي وتي،
ڇڻ تہ هي مزدور آهي زندگي.

هڪ چڪر مون کان هٽي وڃ دلربا،
پو ڪني منظور آهي زندگي.

ڪوئلي جهڙي آ منهنجي زندگي،
تنهنجي ڪوهِ نور آهي زندگي.

دل ٽٽڻ کان پوءِ "اڪبر" هيءُ ڏس،
يار چڪنا چور آهي زندگي.

**

## غزل

پاڻ کي مان پيلائي سگھان ٿو مگر،
توکي پيلجي وڃڻ هاڻ ممڪن نہ آ.

ديد ۾ تون سمايل رهين ٿي سدا،
پئي ڪنهين کي ڏسڻ هاڻ ممڪن نہ آ.

نانءُ تنهنجو چپن ساڻ چنبڙي پيو،
پئي جو نالو کڻڻ هاڻ ممڪن نہ آ.

ياد تنهنجي بنا اي مٺي سچ پچين،
هڪ پهر پي ڪٽڻ هاڻ ممڪن نہ آ.

تون مٺيءَ جي اندر پورجي آن وئي،
منهنجو پاهر جيئڻ هاڻ ممڪن نہ آ.

روح پنهنجا مرڻ کان پو "اڪبر" مليا،
ڌار تن کي ڪرڻ هاڻ ممڪن نہ آ.

❊❊

## غزل

تنهنجي تصوير کي مان ڏسي ٿو روئان،
ننڊ مان آءُ تو لئه اٿي ٿو روئان.

تون ڪبوتر جيان يار اڏري وئين،
توکي ساري اڃا اجنبي ٿو روئان.

منهنجا سنگتي جي نالو ٿا تنهنجو وٺن،
نانءُ تنهنجو مٺا مان ٻڌي ٿو روئان.

خط ويڇهڙ ۾ تنهنجو جڏهن آ مليو،
سِٽ تنهنجي پڙهي آخري ٿو روئان.

تون ضروري پرين مونڏي ايندين وري،
هام مان دوستن سان هڻي ٿو روئان.

عيد جو چنڊ پيا ٿا ڏسي خوش ٿين،
چنڊ کي آءُ ”اڪبر“ ڏسي ٿو روئان.

❊❊

## غزل

دل اندر درد محسوس ٿئي ٿو پيو،
هو جڏهن ياد مون کي اچي ٿو پيو.

خود بہ خود پير منهنجا ٿا اڳتي وڌن،
جڇڻ تہ محبوب جو در ڇڪي ٿو پيو.

ڪوئي هن کي بچائي وٺي جلد ۾،
عشق جي سمنڊ ۾ هو ٻڏي ٿو پيو.

هن کي ڪنهن آدميءَ جو سهارو نہ آ،
پوءِ پيو پوڙهو لٺ تي گهمي ٿو پيو.

هو جڏهن ڪان ملڻ مون سان ويو آ ڇڏي،
رنگ زندگي جو ڦٽندو وڃي ٿو پيو.

مون کي ”اڪبر“ جهان ۾ اڪيلو ڏسي،
موت پيو روز سڏڙا ڪري ٿو پيو.

**

## غزل

اجنبي پنهنجو نالو ٻڌائي ويو،
پنهنجي رُخ تان تہ پردو هٽائي ويو.

چو ڏسي! پنهنجو چهرو پري ٿا ڪيو،
ديد سان ديد دلبر ملائي ويو.

ڪجھ نہ ٿو مان توهان ڪان گهران بس رڳو
هڪ دفعو نانءُ منهنجي سڏائي ويو.

مان حياتي توهان جي تہ نالي ڪيان،
موت جي ساز تي پل نچائي ويو.

ڪوئي محفل ۾ آيو نہ آهي اجا،
هي ٻريل ڏيئو پلجان وسائي ويو.

جي خوشي ڪو نہ "اڪبر" ڏئي ٿا سگهو،
درد جو مينهن ئي پل وَسائي ويو.

**

## غزل

روح کي راحت ملي توکي ڏنو،
اڄ تہ آ قسمت کلي توکي ڏنو.

توکي ڏسندي ڏينهن ڪافي ٿي ويا،
آ اداسي وئي هلي توکي ڏنو.

راتيون روئڻ ۾ اڳ گذريون پئي،
اڄ ڏنو آ مون کلي توکي ڏنو،

هونئن تہ جهولي يار ساڙي هو ڇڏيو،
هير ٿذڙي آ گهلي توکي ڏنو.

جنهن گهٽيءَ سان اڄ گذر تنهنجو ٿيو،
چنڊ جان چمڪي ڳلي توکي ڏنو.

سور مظبوطيءَ سان جڪڙي هو جهليو،
اڄ رسي ٿي وئي ڍلي توکي ڏنو.

ڳل گلابي ڀي لڳن ٻي رنگ پيا،
تن کي آ رنگت ملي توکي ڏنو.

تون نہ هئين ”اڪبر“ ستائن درد پيا،
خاڪ ٿي ويا غم جلي توکي ڏنو.

❊❊

## غزل

هن قدم جو رکيو صحن ۾ آ،
ٿي اضافو ويو خوشين ۾ آ.

هن جو پاھن جو هار پارايو،
ساھ پئجي ويو لڳن ۾ آ.

ڪيئن هن کي پلا وساريندس؟
هو تہ رهندو سدا اکين ۾ آ.

جيڪا خوشبوءِ هن ۾ هوندي هئي،
ساڳي خوشبوءِ سندس خطن ۾ آ.

ڪھڙو تڪرار ۾ مزو آهي،
جيڏو هن پيار ۽ امن ۾ آ.

پيار جيڏو آ سنڌ پنهنجي ۾،
ايڏو ”اڪبر“ نہ ڪنهن وطن ۾ آ.

**

## غزل

سخت سردي ۾ ٻاهه ٻاري ٿو،
ڪنهن ڪي روئي چريو سنڀاري ٿو.

مان هتي پٽڪندو وتان ٿو پيو،
ڪير مون کي هُتي پڪاري ٿو،

رات جو ٿئي جئين انڌيرو ٿو،
ياد جو بلب ڪير ٻاري ٿو،

چنڊ ماٽي سڳهان توکي جيڪر،
تارو حسرت منجهان نهاري ٿو.

’توکي چاهيوسي‘ ڳايو آ ’شبير‘،
هي غزل هر پهر روئاري ٿو.

جنهن جا پَر پاڻ هُن پٽيا هٿ سان،
سو پکي ڪيئن چريو اڏاري ٿو.

ڪاري ٽيل رت سان آ رڱيل ناري،
ٻار تنهن ماءُ کي اٿاري ٿو.

**

”توکي چاهيوسي“ ـ شبير سمون جو ڳايل گيت

## غزل

سنڌ تان جان بہ آ قربان،
تَنَ من دولت ملڪيت مان.

لوڏو اچي نہ سگهي ٿو سنڌ کي،
جنهن جو قلندر آ نگران.

سنڌ جي شاهہ جو تنبورو ۽،
ٽوپي اجرڪ آ پهچان.

رب جو مان ٿو شڪر ادا ڪيان،
مون ملي ويو ديس مهان.

رت ۾ ريٽيل ڳاڙهو جهنڊو،
سنڌ جو هي آ خاص نشان.

سنڌ کي خوشحال ڏسان "اڪبر"
هي بس منهنجو آ ارمان.

❊❊

## غزل

اڄ آيو آ يار اچانڪ،
دل تي پئي آ بهار اچانڪ.

دردن جي درياءَ ۾ لڙهندي،
نيٺ تہ ٿيندس پار اچانڪ.

نيڻ ڪٽي جو مون ڏي ڏٺائين،
نظرون ٿي ويون چار اچانڪ.

مون ڏي ساڻ ڪٽي آ آيو،
خوشين جا انبار اچانڪ.

چنڊ جيان ڪڪرن ۾ لڪي ويو،
اڄ تي پيو نروار اچانڪ.

رنگا رنگي "اڪبر" سارو،
روشن ٿيو سنسار اچانڪ.

**

## وائي

هُن جي چادر ويا ڪسي،
جا هئي پردي دار،
وقت اچي ڪھڙو ويو!
ماڻھو ماڻھو لئہ ڪري،
رت سان ٿو سينگار،
وقت اچي ڪھڙو ويو!
پئسن عيوض ڏيءَ جو،
پيءُ ڪيو واپار،
وقت اچي ڪھڙو ويو!
ھاڻي ظاھر ٿي پيا،
قيامت جا آثار،
وقت اچي ڪھڙو ويو!

**

# بشير آچو



اباڻو نانءُ: بشير احمد آچو
ادبي نانءُ: **بشير آچو**
ولديت: حاجي پير محمد آچو
جنم: 10 جون 1968 ع
ادبي سڃاڻپ: ڪهاڻيڪار/نقاد
تعليم : بي اي
جنم جاءِ: ڳوٺ آچا، تعلقه قنبر
ڪرت: سرڪاري نوڪري
ايڊريس: ڊي سي هائوس قنبر
فون نمبر: 03133702898

## غزل

ارمانن کي چيري ڦاڙي،
ڪنهن تہ چڏيو جذبن کي ساڙي!

تون چو باک جي آس تي آن،
سج سستيءَ ۾ چڏيئہ لاڙي!

ڪنهنجي مُک تي مرک جا موتي،
نير اکين مان ڪو پيو ڳاڙي.

هونئنءَ تہ آ ويران هي ويڙهو،
تون نہ هجين جي پنهنجي پاڙي.

هيٺي تي آ هرڪو شينهن،
بازُ بہ پيو جهرڪيءَ کي تاڙي.

نصيب اسان جو ”بشير“ اهڙو،
وئي چمن کي خزان اجاڙي!

❊❊

## گيت

جَنمِنِ جي ڪيڏي دوري، صدين جو فاصلو آ،
پو بہ تہ هن جي آيو يادن جو قافلو آ.

هڪ موڙ تي تو مرڪي هٿڙن جو ڪيو اشارو،
ڏنڌ جي تهن مان جرڪي، سو نقش پيو آ سارو.
اکين ۾ اٿل آئي، ڌڙڪن ۾ زلزلو آ.

هر بسنت جا بهاري، توريءَ مون ڪئين گذاري،
پل پل اداسيءَ ۾ اکڙن مان آب جاري،
بوندون نہ بس ڪنديون هي سانوڻ جو سلسلو آ.

مايوسيءَ جي کنڊرات ۾، مان ناهيان اڪيلو،
پانيان ٿو تصورات جي دنيا ۾ ڪو ميلو،
وک وک تي چڻ وڌايو مرڪي تو حوصلو آ.

هن اميد جي سهاري، پيو ٿو ”بشير“ گهاري،
ڪنهن موڙ تي وري من منهڙو پرين ڏيکاري،
هيڏي تہ بس جيئڻ لئہ هڪ آسرو ٺلهو آ.

**

## غزل

مان ئي ناهيان المين جي شهر ۾،
آ لڳو پيو لوڪ سارو قهر ۾!

رات پيي نيٽن مان برسي ماڪ پئي،
ياد جي چولي اٿي دل - نهر ۾!

تو سوا ڏسُ وقت ڪيڏي دير ڪئي،
ڪنهن سمايون هن صديون هڪ پهر ۾!

مست ويرن جي ويون سپ ور چڙهي،
ڪا ڏسين ٿو دور پيڙي بحر ۾!

جُون جي گرمي ۽ نتهڻ اُس ۾،
ڪو تہ پچڙن لئہ پُسيو پيو پگهر ۾!

شوخ لفظن جا اهي لهجا ”بشير!“
چڙ هنيائين تير ٻوڙي زهر ۾.

**

## غزل

اڳڻ ۾ اميدن جو ٻاري ڏيئو،
غمن سان وڙهي مرڪي مرڪي جيئو.

ارادي اٽل ۽ بلند حوصلي سان،
پهاڙن جيان ويري آڏو بيهو!

پلي دور منزل هجي ڪيتري پر،
رکو حوصلي جي ته گولن ۾ سيهو!

جهڪي بار ڪنهن ڪان نه هستي سا، تون-
پائي ڏس اندر جي اکين ساڻ ليئو.

سُتيون سور سمجهي پيا ڪتب آڏيو،
دوا جيئن گهوٽي ڏکن کي پيئو!

قدم سمجهه سان کڻ تون هر هڪ 'بشير!'
ته دشمن به سگهندو رسائي نه ڇيهو.

❋❋

## غزل

مان صحرا جي ڪا واري هان،
يا وسندڙ ڪڪري ڪاري هان.

جت پنڇي جو هو آکيرو،
سا وڻ جي ٽٽل ٽاري هان.

ڪنهن ظالم جي ته خانن ۾،
مان گهايل جيوت ساري هان.

جا بيدريءَ سان بسمل آ،
معصوم سنڌياڻي ناري هان.

جت جنمن ڪان ڏيئو نه جليو،
سا اجڙيل گهرَ جي جاري هان.

جو قرضن مرضن ۾ ڦاٿل،
سو جيل نجيءَ جو هاري هان.

جا پيسن تي آ پيءُ ڏني،
سا نياڻي قسمت ماري هان.

ناهي ساوڪ جو ڪو تيلو،
کهڙي ”بشير“ مان ٻاري هان!

❋❋

## غزل

خماريل اکين کي ڪٽي جو ڏنائين،
پري مڌ جا پيالا ڀري مون کي ڏنائين.

نظر منجهه ڪينچل جا ڪرڻا ڀري مرڪيا،
۽ لبڙن تي شبنم جا سجدا سدائين.

ڏني رات کي مات زلفن جي نانگن،
سنوارڻ لئہ رُخ تي جو چوڙي چڙهيائين.

ستارن جان سهڻا، مهڪ موتئي جي،
اکر فيئر بڪ تي نہ ڪهڙا لکيائين.

ونڻ درس ٻوليءَ جو ڪويل ڀري آئي،
هلڻ هنجڙن کي خوشيءَ سان ڏَسيائين.

اهو وقت ڪيئن مان وساريان ”بشير“
جڏهن پيار جو هٿ دل تي رکيائين.

**

## غزل

مور نہ موتيا ماڳن تي آ رات انڌيري چائنجي وئي،
ملٽو هاٽي ڀاڳن تي آ رات انڌيري چائنجي وئي.

آس جا ڏيئا ٻاري اکين ۾، ويٺي آ هوءَ ويچاري،
پيڙو آهي جهاڳن تي، آ رات انڌيري چائنجي وئي.

وڳر ڪري هُو وريا هن، جي صبح سويلي نڪتا ها،
ويٺا ٿارن ساڳن تي، آ رات انڌيري چائنجي وئي.

ڪانبي ۾ هوءَ ڪئين نہ وجهي ٿي پئي سرنهن ۾ چانيي جا پنَ،
سندس گذارو ساڳن تي، آ رات انڌيري چائنجي وئي.

ميلي تي مانڊاڻ مچائڻ، تبلي، چپڙي، يڪتاري سان،
بي سُريا هليا راڳن تي، آ رات انڌيري چائنجي وئي.

ها فائر جا آواز چوڌاري، تي رُت سان ذرتي ڳاڙهي وئي،
وڙهيا خسيس مهاڳن تي، آ رات انڌيري چائنجي وئي.

**

## چوسٽا

آسن جي اکڙين ۾ ڪا غم جي شام لٽل،
پيڙا جي پرهه ڦٽي ۽ دل جي آس ٽٽل.
دردن جي دنيا سان بشير اهڙو رشتو،
سڏڪا ساريون راتيون ۽ ڳلڙا روز پنل.

❊

من کي موهيندڙ جي منظر اکين منجهه سمايا ها،
طبقاتن جي ظلمي ريتن انا ساڻ سي ڍاهيا ها!
حالتن جا وحشي حاڪم ڪجهه نه ڪري ٿي سگهيا پر،
تنهنجي خوشين خاطر ئي بشير لڙڪ وهايا ها!

❊

جدائي جو اهو منظر ڏکائي ڪيڏو ٿو دل کي،
لوڏي هنڌڙو چوڻ ”ٽا ٽا“ ، جلائي ڪيڏو ٿو دل کي!
چاڙهي سر ساهہُ سوليءَ تي، لُٽي ارمان وڇوڙو ٿو،
سچڻ! احساسُ دوريءَ جو، ستائي ڪيڏو ٿو دل کي!

❊

نہ سمجهو وقت ٿو گذري، حياتي هي اجاڙي ٿو،
لڳي سانوڻ جي آتش جان، سُڪا ۽ ساوا ساڙي ٿو.
نہ هي ارمان يا ڳوڙها نہ ڪنهن جي ٻيوسي سمجهي،
پائي پاهڻ هي پيرن ۾، ٽيئي وحشي لتاڙي ٿو!

❊

## نثري نظم

هي دنيا گهڻي وڏي آ
پر
مون کي
سڀ ڪجهہ
تنهنجي پيرن ۾ ئي
ڏسڻ ۾ ٿو اچي
تہ
مان ڪاڏي وڃان!؟

❋

تنهنجي محبت جي سجدي کي
مون عبادت سمجهي
ڪڏهن بہ قضا نہ ڪيو.

❋

## نثري نظم

اي بهار جي تريل رات!
تنهنجون روحاني رمزون
مون تي عيان ٿي ويون آهن.
هاڻي بي چئي ننڊ جي
آغوش ۾ اچڻ کان ڊڄان ٿو!

❊

اي بي درد وقت!
زندانن ۾ اجڙيل زندگين جا
مرثيا پڙهڻ چاهيان ته ڪٿي
پڙهان!؟

❊

## نثري نظم

جدائي جا دردا!
آزار جي فهرست ۾ توکي ڪائون
نمبر ڏيان!؟

*

خزان جي ڇڻيل پنن واري وڻ
تان
پکي
پنهنجو آکيرو
ڪٿي آ هٽائيندو؟!

*

# شيخ فرازي



پورو نالو: سڪندر علي
پيءُ جو نالو: غلام نبي شيخ
ادبي نالو: **شيخ فرازي**
جنم تاريخ: 2 آگسٽ 1973 ع
تعليم: مئٽرڪ
ڪرت: پرائيويٽ ملازم
ادبي سڃاڻپ: شاعر
لکڻ جي شروعات: 1989 ع کان
ڇپيل ڪتاب: (1) سمنڊ تري آيا
اڻڇپيل: شاعري جي ٻن ڪتابن جو مواد سهيڙيل
هاڻوڪي رهائش: لاڙڪاڻو
پوسٽل ائڊريس: رابيل ڪتاب گهر لاڙڪاڻو
03463382299

## غزل

اوهان جي پار جا سپنا،
اسان جي پيار جا سپنا.

اسان جي نام سائل کي،
نہ ڏي آزار جا سپنا.

اوهان جو ساٿ آ مون سان،
مليا سينگار جا سپنا.

جدا توکان تنهنجي سهڻي،
مئا ميهار جا سپنا.

ٿيس ٿر مان سوا تنهنجي،
ڏيو ملهار جا سپنا.

پلي پيليو ”فرازي“ دل،
اتم هاڪار جا سپنا.

❋❋

## غزل

ڪا رات گلابن جهڙي آ،
ڪا رات عذابن جهڙي آ.

ڪا رات گناهن سان ڀريل،
ڪا رات ثوابن جهڙي آ.

ڪا رات ڪليل چهري جهڙي،
ڪا رات نقابن جهڙي آ.

ڪا رات ٻڪايل ٻار جيان،
ڪا رات ڪبابن جهڙي آ.

ڪا رات ”فرازي“ پيار ڀري،
ڪا رات حجابن جهڙي آ.

**

## غزل

وجي رت پئي روئندي اُنن جي پٽيان،
خوشي هوءَ ڏسي پئي ڏکن جي پٽيان.

گهريو جنهن بہ توکي گهٽي کان گهٽو،
ڏسان ٿي نہ سي مان سُکن جي پٽيان.

بنا سبب جنهن بہ پنهنجو گهر ڇڏيو آ،
اها پئجي وئي آ غمن جي پٽيان.

پيو نانءَ سسئي آ جنهن جي مٿان،
اها پئي رلي ٿي ڏڱن جي پٽيان.

اهي نانگ رَڙڪي ويندئي سونهن کي،
نہ هل سمجهہ ڪر وسوسن جي پٽيان.

”فرازي“ حسن جي اکين جو قسم،
سڙي وئي خوشي فاصلن جي پٽيان.

**

## غزل

روز وڏن ٽا پار ڏکن جا،
ڪير ڳڻائي بار ڏکن جا.

سُک جا ڪافي هوندا آهن،
باقي ٿورا يار ڏکن جا.

جيڪي هن شاديءَ تي پاتا،
سي ٻڌيا سينگار ڏکن جا.

وڏندي تنهنجي ڪاوڙ آهي،
وڏندا آهن وار ڏکن جا.

جنهن لئہ خوشيون گهرندو هئس مان،
شام وجهي وئي هار ڏکن جا.

تون جو ناهين "شيخ فرازي"
ڪير ڇڏائي چار ڏکن جا.

**

## غزل

پاڻ پنهنجي خوشيءَ لئہ ٿاندا،
ايئن نہ ٿيو دوستيءَ لئہ ٿاندا.

پروسي جي اکين چيو ٻڌيا،
آدمي، آدميءَ لئہ ٿاندا.

تون نہ آن شاعري جي موسم ۾،
ٿو ڏسان شاعريءَ لئہ ٿاندا.

ڪجهہ نہ ٿيڻ جي ميار ها چلهہ ۾،
هن رکيا جي ڪُنيءَ لئہ ٿاندا.

تو وئي ڏڳ وتو ”فرازي“ جو،
سو ٿيو زندگيءَ لئہ ٿاندا.

❋❋

## غزل

مون کي پيي آسمان آ پنھنجو،
شاعراڻو جھان آ پنھنجو.

سونھن اھڙيءَ سان اک اڙي آھي،
ٿي ويو لامکان آ پنھنجو.

سنڌ تي مان جڏھن بہ لکندو ھان،
تازو ٿيندو ايمان آ پنھنجو.

کو اگھڻ تان ٻُکيو وجي موتي،
ھي"فرازي" نہ شان آ پنھنجو.

**

## غزل

زندگي جو بچاءُ آ پيارا،
ساٿ تنهنجو سجاءُ آ پيارا!

بي وفائي ڪيان اوهان سان مان،
هي غمن جو دٻاءُ آ پيارا!

جان منهنجي جو تون حصو آهين،
هي نہ سمجهو وڏاءُ آ پيارا!

ڏي تہ اونداهہ مان وجان گذري،
ساٿ تنهنجو شعاءُ آ پيارا!

اڄ ”فرازي“ کي هي وجائي ٿو،
جو وڇوڙي جو واءُ آ پيارا!

**

## غزل

شام جي احساس جهڙي شاعري،
توسوا مان آهيان اهڙي شاعري.

جنهن نموني جي رياضت آ ڪندو،
سو ڪوي لکندو آ تهڙي شاعري.

سوچ هن جي ايئن لڳي ايمان سون،
ديس لئہ هوشو جان وِهڙي شاعري.

سونهن جي پاسي وٽي جيڪا نہ وئي،
سا "فرازي" آهي ڪهڙي شاعري.

**

## غزل

ادائن جو اظهار سمجهي نہ ٿو،
چريو آ منهنجو پيار سمجهي نہ ٿو.

چوي ٿو اسان کي پلايو پلي،
ٿيان ڪيئن گنهگار سمجهي نہ ٿو.

نہ تو لئہ مان سنوران ڪڏهن پي هتي،
اهو منهنجو سينگار سمجهي نہ ٿو.

تون ئي ڪافي آهين ”فرازي“ هتي،
ٿيو ڇا جي سنسار سمجهي نہ ٿو.

**

## غزل

سونهن ڏسي دل ناريان ويٺو،
پاڻ ايئن ٿو جياريان ويٺو.

اڇڻ وڇڻ تون بند ڪري وئين،
اوندهہ منجهہ گذاريان ويٺو.

ياد تنهنجي ڪي پائي پاڪر،
دل جا درد وساريان ويٺو.

ڪنهن ڪان مولا پيار نہ وڇڙي،
تو در هيءَ پڪاريان ويٺو.

ايندين ڪڏهن تون”شيخ فرازي“
راهہ اوهان جي نهاريان ويٺو.

**

## غزل

اک جا اُلڪا، فرازي!
زهر ٿيا رشتا، فرازي!

تو وئي سڀ زندگيءَ جا،
ڪيلَ ٿيا اُلٽا، فرازي!

پيار ظاهر ٿيو اوهان جو،
جيئڻ وڳا سُرندا، فرازي!

انقلابي آدمين جا،
نيڻ ٿئي ڳاڙها، فرازي!

غور سان ڏس ٻيوڙن جا،
پار ٿئي پڌرا، فرازي!

آهي لاٻارو اڇڻ تي،
هٿِ ڪر ڏاتا، فرازي!

پيار سسئي جو ڪٽي ويا،
ڏير ءِ ڏاگھا، فرازي!

ذائقو ٿئي ڪير اک جو،
با حوس بوسا، فرازي!

**

## غزل

ڪيترو ڪمزور آهيان دوستو!
سونهن آڏو ڪجهه به ناهيان دوستو!

مفلسي آ پنهنجي پاڪر ۾ پريو،
قرض ڪنهن جو ڪيئن لاهيان دوستو!

غور سان منهنجي اکين ۾ ڪو ڏسي،
آهي ظاهر ڇا ٿو چاهيان دوستو!

جو اڏيو آ محبتن لئہ ظالمن،
ڪوٽ رسمن جو ٿو ڊاهيان دوستو!

شوق آهي جلد منزل ماڻيان،
ان ڪري ٿو ڪوهہ ڪاهيان دوستو!

شاعري جي روپ ۾ مان سونهن لئہ،
پيار جو ٿو محل ٺاهيان دوستو!

**

## غزل

تو پنيائون راهہ ۾ گم ٿي وئي،
زندگي ويساهہ ۾ گم ٿي وئي.

جا سمنڊ کان ٽپي آئي هئي،
سا تہ وهنڊڙ واهہ ۾ گم ٿي وئي.

محبتن جي پيچرن تي چانڊني،
موت واري چاهہ ۾ گم ٿي وئي.

ڪا نہ لاهي پير تي ڪٿ تان ڪڍهن،
ڪا ويچاري گاهہ ۾ گم ٿي وئي.

جو نہ سمجهي وقت کي هليو تہ ان جي،
شاعري وهہ واهہ ۾ گم ٿي وئي.

اڄ ”فرازي“ هو پڇيو آڪاش کان،
ڳالهہ چو هو ڳاهہ ۾ گم ٿي وئي.

**

# وفا ٻرڙو



پورو نالو: محمد بخش
پيءُ جو نالو: حاجي عبداللطيف ٻرڙو
ادبي نالو: **وفا ٻرڙو**
جنم تاريخ: 1 اپريل 1975 ع
جنم پومي: ڳوٺ حاجي ماٽڪ ٻرڙو تعلقو ٺل ضلعو جيڪب آباد
تعليم: انٽر
ڪرت: سنڌ پوليس ۾ وائرليس آپريٽر
ادبي سڃاڻپ: شاعر ۽ نثر نويس
لکڻ جي شروعات: 1990 ع کان
شاعري ۾ استاد: وسيم سومرو
هاڻوڪي رهائش: ٺل ضلعو جيڪب آباد سنڌ
پوسٽل ائڊريس: عيني فيشن ٽيلرنگ هائوس لڳ ٽائون ڪاميٽي ٺل ضلعو جيڪب آباد سنڌ.
Email :m.buxburiro@yahoo.com
03029738036-03423949972

## غزل

تو پڄاڻان عذاب پوڳيان ٿو،
ڳٽپ ڪان بي حساب پوڳيان ٿو.

زندگي جڻ تہ ڪو تماشو آ،
ھي سزا لاجواب پوڳيان ٿو.

توکي ھڪڙو سوال مون ھو ڪيو،
ھاڻ ان جو جواب پوڳيان ٿو.

تھمتن جو ڪلي پيو اتھاس،
درد جو انتساب پوڳيان ٿو.

تنھنجو پاڪر ڪڏھن نصيب ٿئي،
آرزو جا گلاب پوڳيان ٿو.

توکي پوڃي ”وفا“ مشھور ٿيو،
ھاڻ ان جو ثواب پوڳيان ٿو.

**

## غزل

نيڻن جو پنڌ پرينءَ ڏي،
پيرن جو پنڌ پرينءَ ڏي.

ذهن ۾ ڪي سوچون آهن،
سوچن جو پنڌ پرينءَ ڏي.

ساپيان تہ ٿيندو آخر،
ڌڙڪن جو پنڌ پرينءَ ڏي.

لفظ ٿو جوڙيان ويٺو،
لفظن جو پنڌ پرينءَ ڏي.

وفا جي ذهن ۾ سپنا ڊوڙن،
سپنن جو پنڌ پرينءَ ڏي.

❊❊

## غزل

دل جو درد پڏايان توکي،
پنهنجو ميت ٻڌايان توکي.

روئندي روئندي رات ٿي ڪنجي،
پنهنجو حال پسايان توکي.

پنهنجي ڏک ۾ پاڻ جلان مان،
ڪڏهن به ڪين جلايان توکي.

دل جي آس ”وفا“ آ ڪيڏي،
ساهن منجھ سمايان توکي.

**

## غزل

رات جذهن هوءَ آئي،
چانڊوڪي ڏاڍو شرمائي.

منڙي منڙي ڪن ۾،
هن ڪا ڳالھ سڻائي.

هن ڪي جيون ارپيم،
ڪنهن ڪي چاڙ نہ ڪائي.

سنڌو لهرون تي ويو،
گونجي شاھ جي وائي.

پنهنجا مارو ڳائن،
نيٺ تہ ٿيندي سڻائي.

”وفا“ جي دل ۾ سچ آ،
ڪانهي ڪا بہ پيائي.

**

## غزل

دل ۾ تنهنجي سار او سائين!
تو بن من مونجهار او سائين!

اجڙيل اجڙيل دل جو گلشن،
تون آئين ٿي بهار او سائين!

تنهنجي ياد عبادت مون لئہ،
تون ئي ساهہ سينگار او سائين!

جيون ”وفا“ جو توسان جڙيل،
تون ئي منهنجو يار او سائين!

**

## غزل

دين ڌرم ڌرتي آ،
پياري سندر سرتي آ.

هن جا رکوالا آهيون،
جا پنهنجي بستي آ.

جيون سارو هن لئه منهنجو،
هيءَ ئي منهنجي سرتي آ.

پل قيد ڏين مان ڪاٽيندس،
”وفا“ وات اها ورتي آ.

**

## غزل

تنھنجا سپنا تنھنجون سارون،
تــو بــن ھينئـڙو ڦارون ڦارون.

ڪير ڪندو دردن جي رُت ۾،
تو بن منھنجي دل جو دارون.

ڪيڏو ٿيون واجھائن پيارا،
منھنجون توڪئ نيڻ نھارون.

ڪاٿي آھين آءُ ھلي آ،
منھنجون پڏي تون پرين پڪارون.

لُڙڪ ”وفا“ جا ايئن ٿا برسن،
جيئن ڪي برسن مينھن جون لارون.

**

## غزل

جيئن جو گيت چپن کو ڳايو،
تنهنجو چهرو اڳيان آيو.

ڪوئل گيت گلن جا ڳايا،
جوڀن رُت جو موٽي آيو.

سدا سکن ۾ رهين او سنڌڙي!
تون ئي مارن جو سرمايو.

تنهنجي اچڻ کان پوءِ او پياري!
موت هي جيون آ جرڪايو.

دل جا سارا سور هليا ويا،
”وفا“ ٿيو آ سکن جو سايو.

**

## غزل

ڏينھن اوھان، جو رات اوھان جي،
مون کي آھي، تات اوھان جي.

لُڙڪ اکين مان، وھن ٿا لارون،
آھي ڏنل برسات اوھان جي.

وسرين ڪين مٺا ٿو مون ڪان،
روز لبن تي بات اوھان جي.

ھي تہ ”وفا“ آ سادو سادو،
اوچي آھي ذات اوھان جي.

❊❊

## غزل

هي حسرتن جا لاشا، ڪٺون ڪيستائين،
جيئڻ جي ڪا آشا، ڪٺون ڪيستائين.

نہ تون پار آن، جو نہ سمجهي سگهين،
نئين ڪا ٻي ڀاشا، ڪٺون ڪيستائين.

اوهان جي شهر جون اسان تي ٽٽوليون،
اوهان لئہ تماشا، ڪٺون ڪيستائين.

سدا هٿ زخمي ڪري هن جهان ۾،
”وفا“ دل جا شيشا، ڪٺون ڪيستائين.

**

## غزل

نيڻن کي اوجاڳا ٿي پيا،
لُڙڪ اکين جا واڪا ٿي پيا.

تون هٿ لوڏيا مون سمجهو ڪو نہ،
ڇا تہ ڇيئي پئي الڪا ٿي پيا.

نيڻ ڪٽي تو ڦيري ڇڏيا،
دل جا الڪا سڏڪا ٿي پيا.

تو بن اندر ايڏي پيو آ،
من جا ڪيئي ذرڙا ٿي پيا.

تنهنجي سڪ اکير ۾ سائين،
باهہ بدن جا پڙڪا ٿي پيا.

❊❊

## غزل

مرڪن جا موتي تون ميڙي هلي آ،
ڪل پيار مون لئہ سهيڙي هلي آ.

سوا تنهنجي جانان پيو ڪير آهي،
ڪڪر جهڙا گيسو پڪيڙي هلي آ.

آهي عيد آئي اچ ملڻ لاءِ جاني،
مڪڙي مرڪن جي ٽيڙي هلي آ.

ڌرتيءَ آهن رنگين ويس اوڍيا،
سونهن تون مون لاءِ سهيڙي هلي آ.

”وفا“ جو آهي تو ۾ ساهہ سرتي،
زماني کان پاڻ نڪيڙي هلي آ.

**

## غزل

تو بن جيون منهنجا سائين!
ڳوڙها ڏک ۽ سڏڪا سائين!

چالڪ منهنجي قسمت آهي،
دڙڪا، ڏِڪا ڏوڪا سائين!

پل پل مون تہ ڪئي آ ويهي،
دل سان تنهنجي پوڄا سائين!

دل جو گلشن اجڙي ويو آ،
وکري ويا سڀ سپنا سائين!

توکي مون جي سڏ ڪيا سي،
موتي آيا روئندا سائين!

يار ”وفا“ وٽ ڪڏهن اچين ٿو،
هيل تہ ڪر ڪي واعدا سائين!

**

# اشفاق چانڊيو



پورو نالو: اشفاق احمد
پيءُ جو نالو: اظهر حسين چانڊيو
**ادبي نالو: اشفاق چانڊيو**
جنم تاريخ: 1 آگسٽ 1988ع
جنم ڀومي: ڳوٺ حاجي جان خان چانڊيو دوست علي روڊ قمبر
تعليم: ايم اي سنڌي، ڊپلوما انِ اليڪٽريڪل سيڪنڊ پوزيشن
ڪرت: پرائمري استاد
ادبي سڃاڻپ: شاعر
شاعري ۾ استاد: استاد نذير حسين نورياڻي
لکڻ جي شروعات: 2005ع کان
ڇپيل ڪتاب: (1) نمائش اسان جي
(2) شفق رنگن جي مينهوڳي
هاڻوڪي رهائش: چانڊيا ڪالوني قمبر
پوسٽل ائڊريس: پائو در محمد لائبريري قمبر
Email :ashfaqchandio307@yahoo.com
03312016307

## غزل

پِپر جي پنن جيئن ڇڻي زندگي ٿي،
اوهان ـ بن هي ڪاتي وڍي زندگي ٿي.

اوهان کي جڏهن پيي ڏسن ٿيون هي اکڙيون،
نوان ساهه جڙ هي ڪٽي زندگي ٿي.

ڪيان ياد توکي انهيءَ جي بدلي،
هتوڙن جا ڏکڙا هٽي زندگي ٿي.

سُکن کي جنم کو نہ ڏيئي سگهي، پر،
ڏکن کي ڏهاڙي جڻي زندگي ٿي.

اڙي يار ”اشفاق“ اها موت ـ وينا،
سرنهن جي ڪڻن جئان ڳڻي زندگي ٿي.

❋❋

## غزل

ڪو تہ ڪڪرن کي چئي وسو يارو،
منهن ٽرين جا لٽل ڏسو يارو.

ساپيان جي پچر پو پليجان ڪيو،
خواب کي پهريان پسو يارو.

ڪوئي تہ ڪنهن لئہ روئي اٿيو آهي،
آسمان ٿو لڳي پسو يارو.

مان اڏورو اجا پيو آهيان،
ڪاٿي آ منهنجو پيو حصو يارو.

عشق آهي خدا جي سرمستي،
عشق کي ٿا چئو ڪسو يارو.

هو اجا ڏور ڏور آ ”اشفاق“
ٿو وڏي روز وسوسو يارو.

**

## غزل

لُڙڪن سان تَر ٻٽيل ها، منهنجا هي نيڻ ها،
تنهنجي اڳيان جهڪيل ها، منهنجا هي نيڻ ها.

افسوس تو تہ ھڪڙو، ناھي ڪڏھن پڙھيو،
ھي جي منهنجا غزل ها، منهنجا هي نيڻ ها.

توتي رکي ميار کهڙي، دلربا ڇڏيان،
مون لئہ ازل، اجل ها، منهنجا هي نيڻ ها.

هڪڙي بہ منت لاءِ ڪئي ننڊ ڪين ٿِن،
بي چين چارئي پل ها، منهنجا هي نيڻ ها.

**

## غزل

خدايا! حسن وارن لئہ هميشہ روئڻو پوندو،
سدائين سوچ ۾ گم سم ائين ئي جيئڻو پوندو.

اڙي عيسيٰ، اڙي گوتم، خبر ڏي ڪا خدا ڪارڻ،
عمر ساري حياتيءَ جو زهر ڇا پيئڻو پوندو.

نہ ڪڏهين آب رکيو آ سُتل توڙي هجن جاڳيل،
اکين جي روز لُڙڪن سان ڳلن کي ڌوئڻو پوندو.

صرف دل کي نہ هي دلبر،وڇوڙي تنهنجي جو هر هر،
اکين ۾ ماس، هڏ، چم کي ستم هي پوڪڻو پوندو.

حوالي هاڻ بستر جي ٿيو ”اشفاق“ آهيان مان،
ڇڏي توکي، خدا کي ياد ڪيان، اڄ سوچڻو پوندو.

**

## غزل

وساريم گهڻو ئي مگر ياد آيو،
اوهان جو چيل هر اکر ياد آيو.

هُري مشڪ عنبر جي خوشبو هوا ۾،
مٺي مون کي تنهنجو پگهر ياد آيو.

ڇُهي تو سڄي سونُ دنيا ڪئي آ،
مگر هي نه توکي بشر ياد آيو.

ٻه ٽي لڙڪ اکڙين مان برسي پيا ها،
توسان وين وارو سفر ياد آيو.

جڏهن کان ٽُڏيو تو، انهيءَ وقت کان پو،
نه گهر ياد آيو نه در ياد آيو.

ڏنا نيڻ تنهنجا پريل آب کان ها،
وسڻ وارو مون کي ڪڪر ياد آيو.

جتي پيي ويس مان اتي يار ”اشفاق!“
اوهان جي ئي دل جو شهر ياد آيو.

❋❋

## غزل

قلم ڪيئن ڪيا تو سر، پڇين ٿو ڇا ڪيو آهي،
شهر ڪيئي ٻڏايئہ ٻرَ، پُڇين ٿو ڇا ڪيو آهي.

محل ڪيئي ڪروڙن جا ٿيا ڪنڊرات جا منظر،
ڏنا ڪنڊا ڦٽا ٿن سرَ، پُڇين ٿو ڇا ڪيو آهي.

پگهر پنهنجو ٻہ پيئڻ لئہ نہ ڏئين ٿو ڇو وڏيرا تون،
سڪايا تو سوين هن جَرَ، پُڇين ٿو ڇا ڪيو آهي.

ظلم ڇا وڏم ٻہ ٿيندو آ،زماني ۾ پڌايو هي،
نچايا تو ننهن تي نَرَ، پُڇين ٿو ڇا ڪيو آهي.

سُري ڪاڏل هڏا منهنجا لڳن ايئن اڄ مونکي،
رڳن ڪي تو ڏنا هن وَرَ، پُڇين ٿو ڇا ڪيو آهي.

لٽون نونشا هٽي ڪُک ۾ ڪيا تو بند سپ نک ۾،
ڪيرايئي پيٽ وارا ڦَرَ، پُڇين ٿو ڇا ڪيو آهي.

ڏسي ويران سارا گهر لڳي تن کي ويا هن ڇر،
دلين جا سپ پڳا تو دَرَ، پُڇين ٿو ڇا ڪيو آهي.

لهو سارو وئين پيئي غريبن جو غلامي سان،
کسي ڏوڪڙ پريا تو پرَ، پُڇين ٿو ڇا ڪيو آهي.

ٽڪر ڍوَ تي گهرون ٿا جي، ننڍين ٻارن جي لئہ توڪان،
ڪٽين ٿو نانگ وانگر ڪَرَ، پُڇين ٿو ڇا ڪيو آهي.

وجهين ٿو وات ۾ واڳون ڳپل ٿيو چار منهن ٿاڪون،
ڏني تو ڪين آهي ڍرَ، پُڇين ٿو ڇا ڪيو آهي.

پڄي هوڙون پيون آهن نهي اوڙون پيون آهن،
هلايان هانءُ تي ٿو هرَ، پُڇين ٿو ڇا ڪيو آهي.

شڪر آهي اهو ”اشفاق“ اونڌا تنهنجا ڪيا هن طاق،
خبر ڏي مونکي اج سوئَرَ، پُڇين ٿو ڇا ڪيو آهي.

**

## غزل

ڪتابن کي هاڻي پڙهي ڪير ٿو،
دريا جي ڪُنن ۾ گهڙي ڪير ٿو.

لڙائي هي ايڏي وڏي آ وئي،
خبر ناهي ڪنهن سان وڙهي ڪير ٿو!

بلاول ۽ منصور ناهن رهيا،
ڏسان اڄ سوليءَ چڙهي ڪير ٿو

تباهي جنهين ۾ ٿئي ديش جي،
کهاڻيون قتل جون گهڙي ڪير ٿو!

مفادن پنهنجن لاءِ ٿين گڏ پيا،
غريبن جي لئه هٿ وڙهي ڪير ٿو!

پين لاءِ ”اشفاق“ ٿو مان چوان،
پريل مڇَ ۾ هٿ گهڙي ڪير ٿو!

❋❋

## غزل

زندگي توکان گهريو مون ايترو،
وقت تنهنجو منٺ هڪڙي جيترو،

وقت چا مونکي پڏائي ٿو سگهين،
وقت ڏس مون وٽ بچو آ ڪيترو،

هڪ حياتيءَ جي سڄي ٻوليءَ مان،
تو نڀايو لفظ ”پيِ“ نہ جيترو..

جو ڪٽي پيِ در تنهنجي تي پيچرو،
سو نہ آهي مون وساريو پيچرو،

ڏس ٻٽي خوراڪ آ دونهون، مٽي،
روڊُ رستو آهي پنهنجو بسترو،

❋❋

## غزل

پاري ۾ پيي پگهر نڪتو،
تنهنجو جڏهين ذڪر نڪتو.

منهنجي اڳيان تون نڪتينءَ،
سورج اڳيان ڪڪر نڪتو.

مون جنهن کي هو خدا مڃيو،
سو انسان مان پٿر نڪتو.

پڙڪي ڪوڙ ڪبوتر اُڏريا،
شيوالي مان شاعر نڪتو.

خالي ڪوکي دماغ مان من!
ڪين اوهان جو فڪر نڪتو!

ڪيڏي ڪوشش ڪئي مگر،
ڪين زبان مان اکر نڪتو.

❊❊

## غزل

ٻار کي مان ٻارُ ٿو ڪچ ۾ ڏسان،
سئو مٽن جو ٻارُ ٿو ڪچ ۾ ڏسان.

هوءَ سڄي ئي ڳار ٿي ويندي ڳري،
جڻ اهو ئي ڳار ٿو ڪچ ۾ ڏسان.

اي خدا مونکي پيو ائين لڳي،
تخت کي ڪو دارُ ٿو ڪچ ۾ ڏسان.

ٻار کي هڪ ٻاُر پرچائي پيو،
پيو نہ ڪم ڪو ڪار ٿوڪچ ۾ ڏسان.

ڇا ڇئي مان ڇا ڇوان انسان کي،
هي نئون جڻ وار ٿو ڪچ ۾ ڏسان.

هاءِ ڦٽڪي چاڙ هوءَ ويندي مري،
ويڙهيل هي چار ٿو ڪچ ۾ ڏسان.

پرورش آهي ڏکي ”اشفاق“ هي،
هڪ نہ ٻہ پر چار ٿو ڪچ ۾ ڏسان.

❋❋

## غزل

پھريان توکان پچي ٿي،
پو هوا توکي ڇھي ٿي.

جنھن طرف ٿي هوءَ نهاري،
روشني تنھن طرف ٿئي ٿي.

سونهن هن جي آھ اھڙي،
جئين پوک گلن جي پچي ٿي.

سار سھڻي جي لڳي ائين،
آڳ جئين من ۾ مچي ٿي.

مور جھڙي ٿور هن جي،
ناچڻي جئين ڪا نچي ٿي.

❋❋

## نظم

هزارن جي هجومن ۾،
تنهين جي ڏنڊ پاڇن ۾.
اوهان کي مون پئي ڳوليو،
اوهان کي مون پئي ڳوليو،
کندا ڇا جون جاجهولا،
شروع تنهنجي کيم ڳولا،
نہ نتهڻ اُس نظر آئي،
پٽي ڪاٽي نہ مون ساهي،
اگهاڙا پير ها منهنجا،
سوين رستا هئا تنهنجا،
کنڊن شيشن مٿان گهمندو،
وتان ٿو توکي ڳوليندو،
کٽي توکي کٽي ڳوليان،
پيو ٿو پاڻ کي روليان،
سمنڊ ڳوليو سحر ڳوليو،
گهٽي ڳولي مون گهر ڳوليو،
نظر ڪاٽي نہ آئين تون،
گهٽو ٿو ڏور پائين تون
هزارن جي هجومن ۾،
اُهو ئي ڏنڊ پاڇو مان ...
اُهو ئي ڏنڊ پاڇو مان ...

❋❋

# انجم قاضي



پورو نالو: دين محمد قاضي
پيءُ جو نالو: گل حسن قاضي
ادبي نالو: **انجم قاضي**
جنم تاريخ: 15 فيبروري 1974ع
تعليم: مئترڪ
ڪرت: پنهنجو ڪاروبار
ادبي سڃاڻپ: شاعر
شاعري ۾ استاد: قاضي مقصود گل،
علي دوست عاجز ۽ غلام نبي گل
لکڻ جي شروعات: 1992ع کان
هاڻوڪي رهائش: نئون ديرو سنڌ
پوسٽل ائڊريس: قاضي محلو
نئون ديرو ضلعو لاڙڪاڻو سنڌ
موبائل:03342778935

## غزل

پنهنجا هوندي بہ ڪٿي پنهنجا رهيا،
نانءُ ۾ ويڙهيل رڳو رشتا رهيا.

زندگي تي درد جي ڏاڪڻ لڳي،
ڏاڪي اڳيان چڙھ تہ ڏاڪا پيا رهيا.

تون نہ منهنجو تي سگهين ٿي ڳالهہ آ،
منهنجا ڳوڙها بہ نہ اڄ منهنجا رهيا.

جيئڻ تتل واري ڪي هوندي پياس آ،
نيڻ تاسا تو سوا ساڳيا رهيا.

ڪين ماٺيندي ڪڏهن ترقي اها،
قوم جنهن ۾ هن سدا درجا رهيا.

اي خدا، تنهنجي تہ جوڙيل ڏيهہ ۾،
بس غريبن جي ئي گهر سڏڪا رهيا.

يادگريون لُڙڪ ۽ ايذاءُ ڪجھہ،
دوست تنهنجي پيار جا تحفا رهيا.

ٿي ضميرن جي لڳي بازار هت،
مون ڏٺا پئي آدمي سستا رهيا.

ڇا وڃي "انجم" جو دنيا سان پرين!
سارا ناتا توسان سڀ رشتا رهيا.

❋❋

## غزل

کيئن الائي هَئي ڪتا منهنجي هُئي،
روز ڪائي نئين سزا منهنجي هُئي.

سي اڳي منهنجا پڪا هونئن يار ها،
جن ڪئي توسان ڳلا منهنجي هُئي.

جام خالي ٿي ويا سڀ اوچتو،
پياس توڙي جو اجا منهنجي هُئي.

لهجو هن جو تير ٿي دل تي لڳو،
عمر ڀر جنهن کي دعا منهنجي هُئي.

تنهنجي وڇڙڻ بعد جڻ ٻڌجي وئي،
شاعري سٽ سٽ قصا منهنجي هُئي.

شل اچين، منهنجو ٿئين،تنهنجو ٿيان،
بس دعا هڪ ئي اها منهنجي هُئي.

تو کلي"انجم" ڪيڪاريو غير کي،
اوچتو ٿي دل ڀڳيا منهنجي هُئي.

**

## غزل

جنهن سمي هوءَ سانوري وچڙي وئي،
ايئن لڳو چڻ هر خوشي وچڙي وئي.

اج ڪٽي اڪڙيون ڏسي ئي ڪو نہ ٿي،
ٿي ڪڏهن مون لئہ چري وچڙي هئي.

چڻ ڏٺو هڪ خواب هو هڪ رات جو،
اڪ تہ ڪلندي ڪا پري وچڙي وئي.

اوچتو شاعر گذاري رات ويو،
۽ قلم کان شاعري وچڙي وئي.

آسرن جي راهہ تي رلندي مون سان،
پو اچانڪ زندگي وچڙي وئي.

ڪيترائي رنگ جيون ۾ پري،
خوبصورت چوڪري وچڙي وئي.

نفرتون انجم“ ڊگهيريون ٿي ويون،
محبتن کان دوستي وچڙي وئي.

**

## غزل

گهڙي لاءِ اهڙو نهاريو هيئہ،
حياتي سڄي ئي جياريو هيئہ.

نہ آيو مون کي هوش آهي اڃا،
کهڙو جام جاني پياريو هيئہ.

سڄو ساھ سرهاڻ منهنجو ٿيو،
جڏهن سڪ منجهان پئي نهاريو هئي.

هي تنهنجي هنر جو ئي آهي ڪمال،
مئي من کي جرڪي جياريو هيئہ.

اڪيون پير توڏي ڪري مان وڏيس،
ڏئي ڪوٽ جڏهين تہ ساريو هيئہ.

پکي کو نہ واپس وريو شام ٿي،
بلنديءَ تي جنهن کي اڏاريو هيئہ.

رهي چانوَ ”انجم“ نہ آهي اُتي،
رهيا وڻ نہ جاتي گذاريو هيئہ.

❊❊

## غزل

ڪڏهن پنهنجي ضد تان هٽيو ڪو نه هو،
گهڙي هڪڙي ضد تان لٿو ڪو نه هو.

هيءَ هيڏي حياتي ٻه ٽوري لڳي،
ٽيو تو مان منهنجو ڏيو ڪو نه هو.

رڳو پيار پنهنجي ضرورت رهيو،
زماني کان پيو مون گهريو ڪو نه هو.

رکيو پاڻ بس دوستيءَ جو ڀرم،
تڏهن ئي اسان ڪجهه ڪڇيو ڪو نه هو.

خوشي هئي ته سڀ دوست پنهنجا هئا،
ڏک ۾ ڪو پنهنجو رهيو ڪو نه هو.

نئين روپ ۾ روز نئون هو ستم،
هي هڪڙو، يا ٻهريون دفعو ڪو نه هو.

مجائي ويو ڳالهه "انجم" اها،
مري ويو مگر ڪٿ جُهڪيو ڪو نه هو.

**

## غزل

نہ ٿو درد جيسين جي پائي اُهو،
ڇا محبت جر معنيٰ ٻڌائي اُهو.

هُجي دل جنهين جي ڪشادي تہ پو،
پلي عشق ڏي وک وڌائي اُهو.

جو ڄاڻي سمورو تہ ئي ڳوٽ ٿو،
پيو ڳالھ سائي لڪائي اهُو.

اڪيون منتظر هن حڪم جون رهيون،
ڏئي ڪوٽ جڏهين گهرائي اهُو.

ڇئي سامهون جيڪو نہ ٿو مان سگهان،
ورائي پُڇي ٿو ورائي اُهو.

سجي زندگي جنهن جي پوڄا ڪئي،
ويو شخص مون کي رُلائي اُهو.

رڳن ۾ جو رلجي وڃي ساھ جان،
ڪجي ڇا جي ”انجم“ ڏکائي اُهو.

❊❊

## غزل

اکين ۾ اچي عشق داخل ٿيو هو،
سڄي پنهنجي هستي کي پائي ويو هو.

اجهاميل سڄو ئي لڳو ڇهري مان پئي،
کٽي پاڻ پنهنجو وڃائي وريو هو.

نوان روپ وک وک تي جيون ها ماڻيا،
اُهو آيو سامهون نہ جو سوچيو هو.

اُڏامي هوائن ۾ ويا هٿ ڇڏائي،
کٽي کين سايو کو تن جو مليو هو.

ڏئي کا نہ ترتيب خود کي سگهياسين،
سدا عشق پنهنجو جنوني رهيو هو.

ٻَرن ۾ بلائون ۽ شهرن ۾ دهشت،
نہ کاٿي کو آرام پل ٻي مليو هو.

مڙياسين نہ ”انجم“ کنهين جي چوڻ تي،
حياتي سڄي ئي پئي ڀوڳيو هو.

**

## وائي

اڳتي گاڏي تي وڏي،
پُٺتي جڙ رستو..
ساٿ ڇڏيندو تو وجي.
تون جو آهين روبرو،
مون کان هر جملو..
ساٿ ڇڏيندو تو وجي.
ڪوئي ترسي ئي نہ ٿو،
هڪ هڪ تي لمحو...
ساٿ ڇڏيندو تو وجي.
تنهنجو نڪتو جيئن ذڪر،
اکڙين جو ڳوڙهو...
ساٿ ڇڏيندو تو وجي.
گهري ڪا گهرو هجي،
ڪيڏو پيل رشتو...
ساٿ ڇڏيندو تو وجي.

❊❊

## وائي

ڪوئي ڪونهين ڪو،
پنهنجو پاڇو ساڻ آ.
ساٿي سڀ وڇڙي ويا،
باقي رهجي ويو...
پنهنجو پاڇو ساڻ آ.
جيون جي هر گام تي،
رهندو هر ويلو،
پنهنجو پاڇو ساڻ آ.
گڏجي ٿو مون سان هلي،
وڪ وڪ تي ويجهو..
پنهنجو پاڇو ساڻ آ.
تنهنجو ٿو ڳالهيو ڪري،
اڪثر هو ويٺو...
پنهنجو پاڇو ساڻ آ.

❊❊

# ضمير ”حيدر“ چانڊيو



پورو نالو: ضمير حسين چانڊيو

ادبي نالو: ضمير حيدر

والديت: حاجي نياز علي چانڊيو

تعليم: انٽر

ادبي سڃاڻپ: شاعر

جنم ڏينهن: 02-04-1981

لکڻ جي شروعات: 2005ع کان

ادبي صنفون: غزل، گيت، وايون، چوسٽا، نثر، نظم

اڻ ڇپيل ڪتاب: ٻن ڪتابن جو مواد

پسنديده صنف: غزل/نظم

پسنديده شاعر: شاهه لطيف، استاد بخاري

مستقل رهائش: ڳوٺ دريا خان چانڊيو

ضلع قنبر شهدادڪوٽ

فون نمبر: 03003432767

## غزل

توسان جو اج پاڪر پاتم،
سنڌوءَ مان جڻ وهنجي نڪتم.

آءُ پڪي آزاد هيس پر،
پيار جي قنڌ ۾ تو وٺ قاتم.

ننڍڙي خطا جي معافي ڏيندم،
نيٺ تہ آهيان ابنِ آدم.

نينهن اوهان جي ناچو ٻڌايو،
ڳليءَ ڳليءَ ۾ تولئہ ڳاتم.

دنيا سان پل ڪيئن بہ هلان پر،
تنهنجي سر جو آهيان خادم.

خبر نہ پئي هُو پيير ڪيڏي ويا،
دوکو ڏيندا دوست، نہ ڇاتم.

تحفا منهنجا ڪونہ قبوليئہ،
پنڌ ڪري جي تولئہ آندم.

**

## غزل

وک وک تي ڪانڊيرا آهن،
دردن جا رڳي ديرا آهن.

جيون اُس جي وَر چڙهي ويو،
پاڇا ڪُل پاسيرا آهن.

آمن جا پنڇي ڪاڏي اُڏي ويا،
خالي اڄ آکيرا آهن.

ڏارين تي ڪهڙو ڏوهه ڏيان مان،
پنهنجن جا ئي پيرا آهن.

ڪين اچان تنهنجي محفل ۾ مان،
ڪيڙا قاتل ميرا آهن.

قسمت جو بہ قصور آ ڪهڙو،
پاڳن جا پي ويرا آهن.

ڪنهنجي ڪنهنجي پويان ڊوڙون،
سڀّ ”ضمّير“ لٽيرا آهن.

❊❊

## غزل

تنهنجون ڳليون ۽ هي چاهتن جا سفر،
مون لئہ آهين سدا راحتن جا سفر.

مان نہ آهيان ٽڪو پنڌ توڙي ڪري،
تنهنجا درشن ۽ پيو زيارتن جا سفر.

سي تہ ڪيڏا نہ پيارا هيا پل پرين!
جيڪي ٻچپن ۾ ڪيا محبتن جا سفر.

ڇامشوري جون ڪيڏيون هوائون ٿڌيون،
ساٿ ۾ تون ۽ مان حُجّتن جا سفر.

سنهڙا توکي لتا وار وڪريل متي،
ٻانهون تنهنجون ڳلي بارشن جا سفر.

تو سوا ٻاٽ ساري حياتي ”ضمير“
تون وئين تہ ويا روشنين جا سفر.

**

## غزل

جهانجهريون پيرن ۾ پائي مان پرين نچندو رهيم،
تنهنجي آمد جو ٻُڌي مان کنوڻ جيان کلندو رهيم.

موج مستيءَ دل جي وستي آهي جرڪائي ڇڏي،
مست ٿي مان رقص ۾ ئي خواب کي ڏسندو رهيم.

دل جي ڌرتيءَ تي خوشيءَ جي ناچڻي نچندي رهي،
جيئن ڇمڪو ڇير جو ٿيو، تيئن خوش ٿيندو رهيم.

مهڪ وکري واءُ ۾ جئن، ساهه سرها ٿي ڪڇيم،
پيار جا گلڙا ٽڙي پيا پوئنر جيان پُرندو رهيم.

اڄ خوشي اهڙي خوشي ٿي پيار ورچيوسي "ضمير"،
مرڪ جا تحفا ڏنئه امرت ڪري پيئندو رهيم.

**

## غزل

جيڪي لار ڪري لبڙن تي لڙيا، لڙڪن جو قدر توڪان نہ پڳو،
جُهري جيءُ پيو او چنگارون ڏنم، سڏڪن جو قدر توڪان نہ پڳو.

هر آهٽ تي پئي چرڪ پريم، هِن مَن ۾ اچي مانڌاڻ متو،
ڏيئي درد ڪري زخمي وئين، زخمن جو قدر توڪان نہ پڳو.

تو مزا ماڻيا پئي ڪرسيءَ مان هِت خون سان سنڌو لال ٿيو،
هئا رت سان رڱيل روڊن تي پيل لاشن جو قدر توڪان نہ پڳو.

تو پر ۾ ويهاريو ڏارين کي، تنهنجي سدائين تاڙ ۾ ها،
سمجهين نہ سگهين بي سمجھ اجا، پنهنجن جو قدر توڪان نہ پڳو.

مشهور ٿيم سڄي ڏيهہ اندر هڪ تنهنجي خاطر ساجن مان،
جيڪي راتيون جاڳي تولئہ لکيم، گيتن جو قدر توڪان نہ پڳو.

**

## غزل

اکيون! تڪيو نہ راهہ، هاڻي ڪير ايندا،
چو ٿو سَٿون ڪائين ساهَہ! هاڻي ڪير ايندا!

نہ مالهي نہ بلبل، نہ ئي يار گلشن،
گُل سُڪي ٿيا پاهہ، هاڻي ڪيرُ ايندا!

اڙي چنڊ! ڪهڙي ڪتا تون پڇين ٿو،
ويا لنگهي ڪيئي ماهہ، هاڻي ڪيرُ ايندا!

آڌي ويلي روئين پيو چو تون شاعر!
ڪنهن لئہ پرين پيو آهہ، هاڻي ڪيرُ ايندا!

رڳو غم جي محفل ”ضمير“ آ جيون ۾،
پوءِ پيي چڏيو ناهي چاهہ، هاڻي ڪيرُ ايندا!

**

## غزل

قرب منهنجي کي ڏني تو موت آ تڪرار جي،
پر اسان وٽ آ سدائين ڳالهه پياري پيار جي.

نفرتن سان ڪين جُڙندو، محل آهي پيار جو،
آچ ڪر، ڏِڪندو اچان مان پيار ۾ اقرار جي.

جام ڏي مرڪي محبت ساڻ، تون شوخي  چڙهي،
ٿي وڃي وَهواهه اگر دل پل جلي سنسار جي.

ڏرتي سرتيءَ جو قسم ٿئہ سونهن پنهنجي ميڙ ٿئہ،
ڪر هڳاءِ خوشبو جيئان، اچ مهڪ ٿي هيڪار جي.

چنڊ چوڏهن چاهه جا چمڪي پون ”ضمير“ اچ،
ٿي اگڻ اُجرو پوي جي تون اچين سينگارجي.

**

## غزل

حَسين ماڻھو حَسين شامون، ڪڏھن گذاريو اسان سان گڏجي،
اوھان سان آھي اسان جي محبت، گھڙي ڪا گھاريو اسان سان رلجي.

اسان جي من ۾ آڙاھ باھيون، اوھان جو پاڇو اسان تي ڇائون،
متان ڪو روڪي اوھان کي ٽوڪي، اوھان وڃو پو اسان کان رُڪجي.

اوھان جون ڳالھيون گلن جون تاريون، اوھان جون مرڪون اوھان جان پياريون،
اوھان جي ناھيو مچي ٿو ماتم، ملڻ اوھان جي سان غم ٿو گھٽجي.

ھجي گناھ ڪو، ڏيو سزا پل، ثبوت ظاھر متا ڪيو سپ،
اوھان بہ دوڪا ڪرڻ سکيا ھو، خبر نہ آھي تہ ڪنھن سان رلجي.

سُڪن جو لمحو وَري پوي جي "ضمير" گُلڙو ٽڙي پوي جي،
ڏيان مان سجدا شڪر پڙھان ڪي وڏيڪ ڏسيو ڇا ڇا پيو ڇئجي.

**

# غزل

نانگ نظرن جا بچي ڪيئي چڏيئه،
مان نه هڪڙو پر ڏنگي ڪيئي چڏيئه.

دانهن ڏيان ڪنهن کي تنهنجي اي موت مُئا!
گهوٽ مائَن کان ڪسي ڪيئي چڏيئه.

تون ڪري سينگار نڪتي منَ جڏهن،
واٽ ويندڙ پيي ونگي ڪيئي چڏيئه.

چاهہُ تنهنجي ست رنگي چوليءَ جيان،
چاهَہ اهڙي ۾ رنگي ڪيئي چڏيئه.

تو نهارڻ لئه ڪٽي اک جو ڏنو،
تير نظرن سان انگي ڪيئي چڏيئه.

**

## غزل

سهڻا سونهن تنهنجي ڏسڻ جي ڪيان ٿو،
چو پردو ڪرين ٿو ملڻ جي ڪيان ٿو.

مٿان رُخ جي ويڙا اٿئہ نانگ ڪارا،
ڏنگن ڏور ڪان ٿا، ڇهڻ جي ڪيان ٿو.

گهڻو دل کي روڪيم، گهڻو دل کي ٽوڪيم،
مگر بي پلي آ پلڻ جي ڪيان ٿو.

ڪا اهڙي امر ٿي مون تاريخ ٻڌجي،
اوهان جي تہ دل ۾ رهڻ جي ڪيان ٿو.

غمي روز شب ۾ اڪڙيون رهن ٿيون،
اوهان ڪان جي منهڙو مٽڻ جي ڪيان ٿو.

چون ٿا تہ سجدو ڪفر سونهن کي آ،
مگر پوءِ پيي سجدي ڪرڻ جي ڪيان ٿو.

آئي ياد مئڪش ”ضمير“ آ اوهان جي،
پيري پيالو هر پل پيئڻ جي ڪيان ٿو.

**

## غزل

زندگي توکي ڏنم، تو ڇا ڏنو؟
هر خوشي توکي ڏنم، تو ڇا ڏنو!؟

زندگيءَ جي هر پرين مان موڙ تي،
بندگي توکي ڏنم، تو ڇا ڏنو!؟

هر مزو مون لئہ زهر آ ٿي پيو،
دل لڳي توکي ڏنم، تو ڇا ڏنو!؟

مون اکيون پوري قبولي دوستي،
جيءُ پيو هي توکي ڏنم، تو ڇا ڏنو!؟

مقتلِ الفت سندي ميدان ۾،
سرُ رکي توکي ڏنم، تو ڇا ڏنو!؟

خونِ دل توکي پيئياريندو رهيم،
مئڪشي توکي ڏنم، تو ڇا ڏنو!؟

مرض دل جي کي نہ تو ڄاڻين ”ضمير“
دل دکي توکي ڏنم، تو ڇا ڏنو!؟

**

## غزل

عشق اوتر جيان پيو ٿو اڏندو اچي،
نينهن ناسور ٻڻجي ٿو وڌندو اچي.

پورو بخمل بدن ۾ پيو ليڙون لٽا،
پيو ڪفن ڪان سوا لاش لڙهندو اچي.

سڀ ڪچا ۽ پڪا ويا متي ٿي متي،
وقت ويري ٿو جوڙن کي ڇنندو اچي.

ويو وسامي آ ڪنهنجي تہ گهر جو ڏيئو،
ڪنهنجو گهر روز روشن ٿو ٿيندو اچي.

ساٿ جو سڏ ستايل کي جي ڪنهن ڏنو،
ان ئي جذبي تحت عشق اٿندو اچي.

باب بيداري وارا پيا ورجايون،
سنڌ جو سور دل ۾ ٿو چپندو اچي.

ظلمتن جي گهڙين سان ڏئي مُنهن ”ضمير“
قوم جو هر الم غم ٿو سهندو اچي.

❊❊

## گيت

درد جاڳي پيا رات ساري رنم،
ننڊ وئي آ ڦٽي، ڏاڍو پيارا لڃيم.

ياد ايندي رهي درد ڌُڪندا رهيا،
نير برسات جيان ئي تہ وسندا رهيا.
روئي اکڙين جو تو لاءِ پاڻي وهيم.

توکي ڏاڍو سڏيم، ڪونہ سڏ ڪو مليو،
چنڊ تارا ڪَٺي ءِ هي ٽيڙو ڪِليو،
پئہ سمهي او چريا! رات ڏاڍو چيم.

تون ڏکن ۾ ڏسي چو ڇڏي آن ويو،
پور ٻڏجي ويم، غم گڏي آن ويو.
چو ڪرين ٿو پيو تون اجان پيو ستم.

ساھ سڏڪي پيو، توکي ويندي ڏسي،
تو ڏٺو ڪونہ مون کي ڪيئہ بي رخي،
چوٽ گهري ”ضمير“ پوءِ ڏاڍي لڳيم.

**

# علي رضا



پورو نالو: علي رضا
پيءُ جو نالو: علي گل ميمڻ
ادبي نالو: **علي رضا**
جنم تاريخ: 9 جنوري 1991 ع
تعليم: ايم اي ايڪانامڪس
ادبي سڃاڻپ: شاعر نثر نويس
لکڻ جي شروعات: 2000 ع
ڪرت: ڪمپيوٽر آپريٽر ڪاتب پرنٽنگ پريس لاڙڪاڻو
هاڻوڪي رهائش: ڳوٺ عاقل نزد شاهه يارو لاڙڪاڻو
پوسٽل ائڊريس: ڪاتب پرنٽنگ پريس پر ڳڙي پلازا
جي-پي- او روڊ لاڙڪاڻو.
Email :aliraza.arm@gmail.com
03313908629

پنهنجيءَ دل تي
حيراني ٿيندي آ.
رهي سيني منهنجي ۾
ءِ ڏڙڪي هُن جي لاءِ.

**

مان هر شيءِ سنڀالي رکندو آهيان
تو جيڪو ڪجهه ڏنو آهي
او جانان!
ايتري تائين
جو
مان تنهنجا غم به سانڍي رکيا آهن.

**

تنهنجي لاءِ هر شيءِ
لُٽائي سگهان ٿو.
متان چوين تہ جان...؟
توسان سڄي عمر گڏ رهڻ ٿو چاهيان.
**

خوشيءَ تي
ايترو خوش نہ ٿي
خوشيءَ کي زندگي نہ آهي
۽ زندگيءَ ۾ توکي
غم ڪڏهن بہ
اڪيلو نہ ڇڏيندا.
**

مونکي ان ڏينهن
ڏاڍو ڏک ٿيو
جڏهن تو مونکي
ستارو چيو.
او چري!
تون تہ منهنجو چنڊ آهين،
چا چنڊ ۽ ستارا،
ڪڏهن....
هڪ سيج تي ويٺي ڏٺا اٿئي!!؟

**

ڪچهري ڪنداسين
چانهہ پيئنداسين
کلنداسين
روئينداسين
هُن مون سان
سياڻي ملڻ جو واعدو ڪيو آهي
ان کي خبر ناهي
سياڻو ڪنهن ڏٺو ئي ناهي.

**

جيئن ننڍڙو ٻار
پيٽ ۾ سور پوڻ ڪري
روئيندو آهي
پر ٻڌائين نہ سگھندو آ
ڇو ٿو روئي.
مان تنهنجي
وڇوڙي ڪان پوءِ
بلڪل ائين روئندو آهيان.
❋❋

مون سنڀالي رکي آهي.
تون ياد ڪر..!
تنهنجي پايل
ڪِٿي ڪري پئي هُئي؟
❋❋

ڪڏهن ڪڏهن
سوچيندو آهيان!؟
مونکي اهو خوف
وڪوڙي ويو آهي
تہ تو چو؟
ڪنڊي جيان ڪيڏي
ڦتي ڪري
گل ڪان ڌار ڪيو ٿي.

❊❊

روز رات جو ايندو آ
ننڊ ۾ ڏسي موٽي ويندو آ.
منهنجو ڪيڏو خيال ٿو ڪري
اٿاريندو بہ ناهي.
ڏک منهنجي هٿن
۾ خوشي هُن جي
پيرن کي چُمي ڏيندي آهي.
تون زندگيءَ جي
سوال نامي جو
لازمي سوال آهين
جنهن جو جواب
هن وقت تائين
ڪنهن وٽ بہ ڪونهي ڪو.

❊❊

رات ڏاڍو پريشان ٿيس،
ائين لڳو
هُن جي اکين جي آڱر تي
پاڻ وساري آيو آهيان
۽ هاڻي مان پريشان ٿيڻ
ڇڏي ڏنو آهي.
❊❊

پنهنجي زندگيءَ جو بوڪ،
پڙهي، پڙهي
ٿڪجي پيو آهيان.
ڪو نئون نظم
ٻڌاءِ تہ
منڙي ننڊ ڪري وٺان.
❊❊

زندگيءَ کان وڌيڪ
توسان پيار ڪندو آهيان
اهو هُن کي
سمجهائيندي، سمجهائيندي
منهنجو،
پنهنجو ئي زندگيءَ سان
اختلاف ٿي ويو آهي.
❋❋

توکي
منهنجي تحرير
سمجهہ ۾ نہ ٿي اچي
يا
توکي سمجهہ ئي ڪونهي؟
❋❋

موت
ايترو خراب تہ نہ آهي.
زندگي ايتري ستي هجي ها تہ
ٻار ڄمڻ سان
روئيندو نہ اچي ها.
**

هُن جي چهري تي
تر جو نشان آهي
جيئن رات جي چهري تي چنڊ.
**

تنهنجيون اکيون منهنجي مٿان
پؤنرن وانگر پيرا ٽيون ڏين
چا انهن کي خبر نہ آهي
تہ مان مرجهائجي ويو آهيان.

**

تو چيو هو
’موٽي ايندس‘
مان رستن سان
ٽاريون رکائي چڙيون
هاڻي انهن کي ماڻهو
’سمبارا‘ ٿا سمجهن
ڪنهن چيو هو
مان موهن جي دڙي جي مٽي آهيان.

**

توکي چا چا وڻندو آهي؟
ڪيئن چوان
تہ
هيٺان زمين
مٿان آسمان ڪونهي
اگر چوين ها
۽ تون پڇين مونکان
توکي چا وڻندو آ؟
منهنجو آسمان بہ تون آن
منهنجي زمين بہ تون آن.

❋❋

محبت جي سائنس
اهو ثابت ڪري چڪي آهي
اک انڌي ٿيندي آهي
تنهنجي ڳولها
نڪتل منهنجي اک
جي روشني تون ئي تہ آهين
تون ئي منهنجو سج آهين
تون ئي منهنجو چنڊ آهين.

❋❋

گهڻو سوچيو اٿم
۽ گهڻو پيو ڳڻيو اٿم
هُن جي لاءِ
دل اندر نفرت رکان
نفرت رکڻ جي باوجود بہ
هُن سان محبت ٿي ويندي آهي.

**

دنيا جي تاريخ جا
اربين صفحا
توتي لکيل آهن
چو تہ تون
دنيا
تاريخ
انسان
۽ محبت جو
مخالف رهيو آهين.\

**

دل جي ڌرتيءَ تي
زلزلو محسوس ٿيو
مان سمجهي ويم
توئي ياد ڪيو آهي.

**

سانوري شام.
درياءَ ڪناري تي.
پڇيو مانس:
ڪيتري محبت ٿو ڪرين؟
پاڻيءَ ۾ پٿر اڇلائيندي
هِن جي گهرائيءَ جيتري.!

**

9 جنوري
جنم جو ڏينهن
جڏهن ياد ايندو آ.
اُهو احساس
ڏياريندڙ آهي.
تہ
زندگيءَ جا
سيئي سال.
مون گذاريا آهن
تنهنجي عبادت ۾.

**

خواب ۽ خوشبو
ٻئي آزاد روح آهن.
ٻئي قيد نہ ٿي سگهندا
منهنجا خواب
تنهنجي خوشبو...!

**

# خيرل سيلرو



پورو نالو: خير محمد
پيءُ جو نالو: احمد علي سيلرو
ادبي نالو: **خيرل سيلرو**
جنم تاريخ: 14 آگسٽ 1972 ع
تعليم: ايم اي پوليٽيڪل سائنس
ادبي سڃاڻپ: شاعر
شاعري ۾ استاد: عبدالله شاهه ”اطهر“
لکڻ جي شروعات: 1990 ع کان
هاڻوڪي رهائش: سيلرا ڳوٺ شهدادڪوٽ
پوسٽل ائڊريس: ناظم، سرتاج ڪرياڻه اسٽور رتوديرو روڊ شهدادڪوٽ
Khairmuhammad447@gmail.com
03337505187-00966598014186

## غزل

گذري ويل صدي جا، تازا زخم رکيا هن،
هن نئين صدي اچي اُت، پنهنجا قدم رکيا هن.

مونکي تہ ياد آهن جنهن جنهن کيون چگهايون،
دل تي پرين اُکيري سارا ستم رکيا هن.

آڻيندا نيندا جي ها خطڙا اسان جا قاصد،
اڄ تائين سي ئي مون وٽ کاغذ قلم رکيا هن.

پوڇا کندي اوهان جي مونکان خدا بہ وسريو،
منهنجي وفا تي پو پِي تو ئي وهم رکيا هن.

مجبور ٿي اچان پيو جهٽڪون جهلي وران پيو،
تحفا اهي اندر ۾ سانڍي صنم رکيا هن.

کوئي نہ ڀروسو آ کنهن جي وفا سخا تي،
منهنجي اڳيان فريبي کوڙا قسم رکيا هن.

❊❊

## غزل

پوڻ ڏاڍي تتي تيز تکڙا هلو،
آڳ من ۾ متي تيز تکڙا هلو.

ربط ۽ ضبط سان وک وڌايو تِکي،
آ سفر فطرتي تيز تکڙا هلو.

لات پرندي رهي گام وڌندي رهي،
ٻات ۾ ٿي ٻَتي تيز تکڙا هلو.

هوش ۽ ولولي سان آکابر هلو،
جيئڻ لهي نا کَتي تيز تکڙا هلو.

ڏور منزل نہ آ هاڻ هاريو متان،
پنڌ باقي پَتي تيز تکڙا هلو.

هٿ ۾ هٿڙا ڏيو جيئڻ کڙي ۾ کڙي،
مون نہ رت جي رتي تيز تکڙا هلو.

**

## غزل

روز راهون تڪي جُهري پئي آ،
تنهنجي يادن سان دل پُري پئي آ.

ڏينهن ۾ ڏهه دفعا هئين ڏسندو،
بند هاڻي اها دري پئي آ.

عمر پر لئہ جدا ڪري وينين،
ڪا نہ تنهنجي خبر وري پئي آ.

رات چانڊوڪي ۾ مٺان مرڪون،
دل تي تصوير سا تري پئي آ.

واعدن جو پرم رڪيم ڏاڍو،
پوءِ بہ تو وٽ وفا مري پئي آ.

غير من ۾ رکي سگهيو ناهيان،
پوءِ بہ دنيا سڄي ٻري پئي آ.

ڳالهہ ”خيرل“ پرين چٽي تو ڪري،
دل ٿي تو بن صفا چري پئي آ.

**

## غزل

کنهن جو جلوو ٿي زلزلو آيو،
منهنجي جذبن ۾ ولولو آيو.

اهڙو گم ٿي ويم نگاهن ۾،
بند در ٿيو تہ هوش پو آيو.

عشق جو ڪوهہ ڪاف ڏي رستو،
جو بہ آيو تہ هيڪلو آيو.

ڪو هٽائي نقاب چهري تان،
اڄ ڏسڻ پنهنجو حوصلو آيو.

شان ان جي ۾ ٿئي نہ گستاخي،
لفظ واتان نہ چلولو آيو.

اوچتو ئي هجوم ڪيڏو ٿيو،
ڪير محفل ۾ من چلو آيو.

هو جو مرڪيو ڏسي تہ چنڊ ڪڙيو،
واهہ پيارو ڪو سلسلو آيو.

**

## غزل

توسوا آ ڏکي زندگي،
آهي جڙ خود ڪشي زندگي.

تون نہ ايندين پڏم اوچتو،
پو لڳي بي وسي زندگي.

موج مستيون ڦتي هن ويون،
هاڻي ٿي بي چَسي زندگي.

چوطرف آهي ويران شهر،
ٿي پئي بي ڪَسي زندگي.

مان اڪيلو نہ ٿو جي سگهان،
هيءَ هيڏي ڏکي زندگي.

سيلرا سور ”خيرل“ ڏنئي،
باهہ تي وئين رکي زندگي.

**

## غزل

رات روئندي ڪٽي ياد توکي ڪندي،
ننڊ پيي وئي ڦٽي ياد توکي ڪندي.

تون نہ آئين اجا انتظاري ۾ هي،
زندگي وئي ڪٽي ياد توکي ڪندي.

اُڀ جا تارا تَڪي آهہ سان ايئن چيم،
آ تہ قسمت ڦٽي ياد توکي ڪندي.

جيسين رهندي حياتي توکي چاهبو،
منهن تي ايندي مٽي ياد توکي ڪندي.

ڏوهہ ”خيرل“ ڏيو نانءُ تنهنجو وٺم،
سيلرا پئي چٽي ياد توکي ڪندي.

**

## غزل

خاموش زندگي آ، خاموش هر خوشي آ،
تنهنجي وئي کان پو ٿي بي نور هر گهڙي آ.

اونداهي آهي پکڙيل منهنجي تہ هر طرف کان،
تنهنجي جدائي کان پو مون وٽ نہ روشني آ.

ميندي جي بدران منهنجو هٿڙن تي خون لاتئي،
پو پيي ڪئي مون تنهنجي اڄ تائين بندگي آ.

تنهائي سيلري کي يادون ۽ بند ڪمرو،
سک جو مليو انعام آ "خيرل" نہ ڪا ڪمي آ.

❋❋

## غزل

تڪا نيڻ ناهن اجا روئي روئي،
نہ مان ئي ٿيو هان خفا روئي روئي.

رنو آسمان پڻ آ منهنجي ڏکن تي،
هي رستا بہ ٿي ويا سجا روئي روئي.

جتي پي رُنس مان ڦٽي گاهہ پيا اُت،
هي درياءَ ۽ بادل ڪُتا روئي روئي.

رڳون روح روئن وٺي نانءُ هن جو،
اندر ۾ ئي سڏڪا ڏنا روئي روئي.

هيا ناز ڪيڏا محبت تي ”خيرل“
اهي سيلرا سپ رُنا روئي روئي.

**

## غزل

هيءَ ڏکن ۾ زندگي ساري ٿي گذري، ڇا ڪجي،
يار تنهنجي ياد دل تان ڪين وسري، ڇا ڪجي.

مان عذابن ۾ ٿو پوڄيان هر گهڙي تنهنجي ڪري،
هاءِ منهنجو ساهه سيني مان ٿو نڪري، ڇا ڪجي.

روز شب آليون اکيون بوندن جيان برسي پون.
ڪئن پڏايان سچ بہ سورن جو ٿو اپري، ڇا ڪجي.

مان نصيبن جو ستايل هر ڪو هٿ مون ڏي کڻي،
هن دنيا جي آ چڏيو ماڻهن بہ نظري، ڇا ڪجي.

ڇا وفائن جا تہ منظر عشق پنهنجي ۾ هئا،
هاڻ تو بن ڪا خوشي هٿ پي نہ نسري، ڇا ڪجي.

ترِ گُتي سوَ چوٽ ڪائي هاءِ ڙي هي ڇا ٿيو،
ڪو جدائي ۾ نئون ٿو سور سنجري، ڇا ڪجي.

هن حياتي ۾ ازل ڪان عشق آ تحفو ڏنو،
سو نبيرڻ سان نہ ٿو جو نينهن نبري، ڇا ڪجي.

**

## غزل

سونهن سان سِرڙو لڳي هر هر مٺا،
سونهن تان قربان آ سر گهر مٺا.

خوبصورت سڀ شيءِ پياري لڳي،
هر ڪوئي آ سونهن جو نوڪر مٺا.

عشق سڪندر ۾ ڪيئي ڪونڌر ڪُٺا،
سونهن پيي گهايا آهن قلندر مٺا.

هن بهارن ۾ بي منظر سونهن جا،
سونهن جي حد ناهي ڪا مقرر مٺا.

سونهن جي دلبر اکين ۾ منڌ پريل،
ساقي وٽ اهڙو نہ آ ساغر مٺا.

سونهن تي مان ڇا لکان تخيل نہ آ،
قلم جو اهڙو نہ آ مقدر مٺا.

سونهن تان "خيرل" فدا مان ٿي وڃان،
سيلرا منصور ٿيان جيڪر مٺا.

❊❊

## گيت

شهدادڪوٽ پيارن ماڻهن جو آستانو،
جنهن جي وفا سخا تي حيران آ زمانو.

هڪ پيرو ئي هلي آ هر ڪنهن سان تون ملي ڏس،
شهدادڪوٽ ڏي اچ هڪ وار بس گهُمي ڏس،
هر ماڻهو جي زبان تي آ پيار جو ترانو.

هت گل چمن جا بُلبل هر چهرو خوبصورت،
حسن وَجمال هلچل ناياب هر ڪا صورت،
۽ سونهن جي اکين ۾ رکيل شراب خانو.

هت مصري شاهه آهي ميان صديق پيارو،
سوالي نه موٽي خالي سڀ جو ٿئي پلارو،
رحمت جو در اهو آ هر ڪو اچي ديوانو.

آ ماهتاب اهڙو فردوس ۾ به ناهي،
هي شهر سيلري جو شهدادڪوٽ آهي،
ڪوٺو موٺو جي رونق ”خيرل“ گهمي روزانو.

**

## گيت

جو وفادار ٿئي يار اهڙو ڪبو،
هن صدي ۾ وري پيار اهڙو ڪبو.

يار ننيڙو ۽ نازڪ سچو پيو هجي،
جيڪو واعدي وفا جو پڪو پيو هجي،
ٿئي نہ مونکان ڪڏهن ڌار اهڙو ڪبو.

ايندي محبت ۾ مشڪل متا جي ڪتي،
جنگ جاري ڪبي عشق جي بس اتي،
هر ڏکي مهل کي پار اهڙو ڪبو.

ريس دنيا هي جنهن تي ڪري ۽ مري،
پنورَ جان پيرا هن تي هر ڪو ڪري،
زندگيءَ ۾ تہ دلدار اهڙو ڪبو.

هي حياتي بہ ”خيرل“ مان ڏيندم ڪٽي،
سر جو سودو ڪبو بازي ڪتندم ڪٽي،
سيلري سان تہ اقرار اهڙو ڪبو.

**

## گيت

نہ سھڻن ۾ اھڙو ڪو سھڻو سُجھي جو،
ڏئي ديد ديدن ۾ ماري وجھي جو.

اشارن جي جيڪو اثر سان کھي بس،
دنيا مان ڪري گم نظر سان ڏسي بس،
ڪسي دل نہ واپس ورائي وٺي جو.

وڏي ڏيل سان ڏاھ جنھن جي ڏسائي،
تني عشق تي سونھن وچ جان وسائي،
مڃان ميڻ وانگر مڃائي مڃي جو.

وڏو ڪاٺ قد ۽ ڳچي مور وانگر،
پنيا وار واسينگ شھزور وانگر،
گھمي جيئن تي ھرڻي قدم ايئن کڃي جو.

ھجوم آ حسينن جو سيلرا نہ ھڪڙو،
نظر آيو "خيرل" نہ دلدار جھڙو،
سڄڻ جي نہ پيرن جي مٽ ڪيان ھجي جو.

**

# ماريہ ڪنول



پورو نالو: سلمہ ڪنول
پيءُ جو نالو: محمد اسلام
ادبي نالو: **ماريہ ڪنول**
جنم تاريخ :11.11.1975
تعليم : ماسٽر
ادبي سڃاڻپ: شاعره
شاعري ۾ استاد : وقت وڏو استاد آهي.
لکڻ جي شروعات : 1995 ع
پوسٽل ائڊريس: گلشن اقبال ڪراچي.
هاڻوڪي رهائش: دبئي.
Email: Salmakanwal1975@hotmail.com

## غزل

هوءَ جا ڪامڻي آهي.
سا ئي تہ وڻي آهي.

آ شهر سڄو پاڳل
خوشبوءَ جو ڇڻي آهي.

مان ٻانهي صاحب جي،
هو ڀاڻ ڌڻي آهي.

سوَ ڪوڙ زماني جا
سچ هڪ ڪڻي آهي.

در طاق ۾ اٽڪي پيا،
هوءَ ڇا تہ ٻڻي آهي.

هو ڪا ڪاري ماري،
پر سنڌ ڇڻي آهي.

”ڪنول“ لئہ مقدس هي
سنڌوءَ جي پٽي آهي.

**

## غزل

جو پيار بنا هوندو،
سو وقت قضا هوندو.

تنهنجي راهہ ۾ جو ايندو،
سجدو سو ادا هوندو.

منهنجو جو ڪو نہ ٿيو،
ڪنهن جي تہ صدا هوندو.

تنهنجو چهرو مون لاءِ چڻ،
دردن جي دوا هوندو.

هر در تي وڪامي ٿو،
نالي ۾ وفا هوندو.

❊❊

## غزل

پيار ڪان تون ڏار ناهين او پرين!
سار ڪان تون ڏار ناهين او پرين!

پل ۾ رسين ٿو، پل ۾ ٿو پرچين،
پار ڪان تون ڏار ناهين او پرين.

وقت آ بي رحم ڏوٽي ٿو پيو،
ڏار ڪان تون ڏار ناهين او پرين.

ماڪ ۾ مرڪي ٽڙيا گل هئا،
خوشبو ڪان تون ڏار ناهين او پرين.

درشني الجهي پئي، مون کي ڏسي،
سينگار ڪان تون ڏار ناهين او پرين.

تو خريدي ڇڏيو مون کي پيار ۾،
واپار ڪان تون ڏار ناهين او پرين.

فاصلا ئي فاصلا پل هجن پر،
نهار ڪان تون ڏار ناهين او پرين.

ساز ڪوئي تنهائي ڇيڙي پئي،
سِتارَ ڪان تون ڏار ناهين او پرين.

ڪا انا مان روح ۾ ناهي رکي،
دل يار تون ڏار ناهين او پرين.

اڪيون ”ڪنول“ ميگهه ٿي برسن پيون،
ملهار ڪان تون ڏار ناهين او پرين.

## غزل

پيار ۾ اُٽي پئي،
سار ۾ اُٽي پئي.

هُيو خزان ۾ پيلو،
بهار ۾ اُٽي پئي.

آئيندي جا خواب ڏِس،
ٻار ۾ اُٽي پئي.

ڪيئي سنيها ڇيڳري،
نار ۾ اُٽي پئي.

ڪنپ ڪنهن جي پيار جو،
اُڏار ۾ اُٽي پئي.

هي وڇوڙو ۽ دردِ دل،
تڪرار ۾ اُٽي پئي.

ڏِس ”ڪنول“ جي ڪائنات،
چار ۾ اُٽي پئي.

**

## غزل

تنهنجي راهه ۾، نيڻ اٽڪيا رهيا،
جڙ تہ ساهه ۾، نيڻ اٽڪيا رهيا.

موڪلاٽي ڪئي سين، ڪلي هئي مگر،
پر نگاهه ۾، نيڻ اٽڪيا رهيا.

تنهنجي ٻانهن ۾ جا، گذري زندگي،
ان پناهه ۾، نيڻ اٽڪيا رهيا.

اڄ هن جي ٻُڪي پئي آهي مگر،
ها ونواهه ۾، نيڻ اٽڪيا رهيا.

سمنڊ سان نيٺ هي ٻہ ملندو وڃي،
تار درياهه ۾، نيڻ اٽڪيا رهيا.

❊❊

## غزل

شهرتن جي ڊوڙ ۾ زندگي رهجي وئي،
ڪٿ ۽ جوڙ ۾ زندگي رهجي وئي.

ڪير ٿو ڪنهن سان نڀائي ساھ تائين،
واعدن جي توڙ ۾ زندگي رهجي وئي.

درد جي دل هئي مان هيم صرف مان،
روح جي وڪوڙ ۾ زندگي رهجي وئي.

واءُ خوشبوءَ چانڊوڪي توکي چنبڙيون ٿيون وتن،
آ چڳن جي چوڙ ۾ زندگي رهجي وئي.

هو تہ وچڙي ويو آهي توکان ”ڪنول“
بس انهي موڙ ۾ زندگي رهجي وئي.

**

## غزل

تو تہ چيو هو منڙا سائين،
منهنجو پهريون پيار تون آهين.

جيون منهنجو ڪچو گهڙو،
چو ٿو تون تنهن کي ڏاهين.

هر ڪو تنهنجو نانءُ کڻين پيو،
چا تون منهنجو ناهين ناهين.

گل پيي آخر تو ۾ ٽڙندو،
چو ٿو ماڪ کان شرمائين.

ڪنول تہ توکي جان ٿي سمجهي،
تون چو ان کي دور ٿو پائين.

❊❊

## نظم

فقيري رنگ ۾ رڱجي.
اميري نيٺ وسري وئي.

وڏي هئي هوڏ مايا تي،
لڏي سين لوڏ مايا تي.
مئي جا ڪوڏ مايا تي،
اسيري نيٺ وسري وئي.

جواني پور هو چاڙهيو،
اسان توکي نہ هو ماڙهيو.
زماني تير هو ماڙهيو،
پيري نيٺ وسري وئي.

دل جو دنگ کهڙو هو،
حقيقي رنگ کهڙو هو.
”ڪنول“ هي سنگ کهڙو هو،
اڪبري نيٺ وسري وئي.

**

## آزاد نظم

پيار ۾ جا پري تي پئي،
سا چوڪري چري تي پئي،
سونهن جنهن جي سهيلي هئي،
پيار ۾ سا ڳهيلي هئي،
نيٺ وئي آ ڪُلي،
هن جي نڪ قلي،
آهي جهتجي وئي،
راهه ويندي اها نت لتجي وئي،
راه متجي وئي،
پيار آ چار آ،
پيار پيارو چوان،
رات ڏاڍي ڏکي،
ماءُ سورن چٽي،
پيءُ سرجيا هئا،
سنگ ڪيئي سڏا،
پنڌ ڏاڍو پري،
هن جو جوين پري،
پيار آ چار آ،
هن جي ڪيئن پئي سري،
چير چمڪا ڪيا،
ماءُ جي مات تي،
پيءُ ڏاڍو پري،
سنگ ساري پيو،
پاڙ ڏاري پيو،
پاءُ پاڳن پيري کي به وسري ويو،

ساھہ ڇڙ ڪو شرين مان نڪري ويو،
پيارﮋ جا پري،
ھوءَ جا ڇوڪري،
گھر کان نڪري وئي،
واءُ ھئي واءُ تي گذري وئي،
آءُ زمانہ پيلا،
پيار پرٽو ڪيو
پويان ڇاھي رھيو،
پيڻ ماري وئي،
تي جا ڪاري وئي
ساھہ صدقي ڪيانءِ،
ماءُ واري وئي،
مند ڪھڙي ”ڪنول“
گل جي مڙھجي ويا،
ويل بھارن بہ ڪئي،
ڪير روڪي بہ ڇا..
پيار جي انڌ ڪي
ھيءُ گھوڙا پيلا،
مھارون بہ ڪئي،
ڳالھہ نيٺ اھا،
تاري وئي
پيار ۾ ھوءَ تي،
ڪاري وئي..!

## آزاد نظم

دنيا چوي ٿي مان بيقدر
بي رحم بي حس ۽ پٿر دل آهيان..!
مگر دنيا کي ڪيئن سمجهايان،
تہ سچو پيار ماڻهن،
ازل کان بيوفا شين سان ڪيو آهي.
۽ شايد تون مون سان پيار ڪيو،
منهنجو قصور..؟؟
نہ نہ بلڪل نہ تنهنجي زندگي جي محبوب،
منهنجي ڪجھ جذباتي ٻولن جي ڪري،
توسان بيوفائي ڪري وئي.
منهنجو جرم تہ فقط ايترو هيو،
جو مون ان احساس کي تڏهن سمجهو،
جڏهن تنهنجون اکيون متيءَ ۾ سانت ٿي ويون.
۽ تنهن مرڪن جا جلترنگ هاڻ،
ڪوبہ آواز ۽ آلاپ نہ ڏئي سگهندا.
سو اها احساس محرومي،
مون کي نہ ڪنهن جو ٿيڻ ٿي ڏئي..!!
۽ نہ زندگي ۾ ڪنهن کي اچڻ ٿي ڏئي.
اها سزا آهي منهنجي،
جيڪا شايد مون پنهنجي لاءِ پاڻ تجويز ڪئي آهي.

**

## آزاد نظم

اڄ ڪنهن پيار جو اظهار ڪيو تہ،
من ۾ سڌڪن جو سمنڊ اٿلي پيو.
چوڏهن سال گذرڻ کان پوءِ سوچيم،
تہ منهنجي ارپيل پيار کي،
مان بہ ڪنهن ارپنا ۾ ڏئي ڏسان..!
زندگيءَ کي اٿلائي ڏٺم،
تہ احساس جي صحرا ۾
ڪجهہ نظر نہ آيم.!
ڪجهہ اڪ هيا اڃا ۾ وانگڙائي،
جنهن جون مکڙيون اڃان ڦٽيون ناهن،
يا تہ انتظار ڪيان چيٽ جي موسم جو،
جيئن برسات وسي،

ڪجھ موسمي گل ٿئن،
پر موسمي گل تہ جلدي مرجھائجي ويندا آهن.
چو نہ اڪ جا ئي گل ڏيان..!
جيڪي ٻارنھن ئي مهينا ٽڙيا رهندا آهن.
منھنجي دل جي صحرا ۾،
تنھنجي پيار جو
ڪو مذهب تہ ڪو نہ هيو..
پر تنھنجي اچڻ ڪان پوءِ،
مون تنھنجي پيار جو ذڪر،
هڪ عبادت وانگر..!
بناوضو جي ڪڏهن بہ ناهي ڪيو.
هاڻ تہ تنھنجي پيار ۾
آنءُ پانڌيئڙي وانگر آهيان.
جنھن وٽ نہ صبح جو احساس آهي
نہ رات جو ڏپ..!
هاڻ تنھنجو پيار منھنجي زندگيءَ ۾،
سري گهاٽ جي انھن درين جيان،
بي رنگ آهي،
جتي روح پرواز ڪري ويندو آهي.
۽ جسم جلندو آهي.

❊❊

# ايم يونس جمالي



پورو نالو: محمد يونس
پيءُ جو نالو: محمد اسحاق جمالي
ادبي نالو: **ايم يونس جمالي**
جنم تاريخ: 3 جنوري 1985 ع
جنم يومي: ڳوٺ مير پنهل خان جمالي، نزد امام بخش جمالي شهدادڪوٽ
تعليم: انٽر
ڪرت: پنهنجو ڪاروبار
ادبي سڃاڻپ: شاعر
لکڻ جي شروعات: 1998 ع کان
تنظيمي وابستگي: پريزيڊنٽ ”سنڌ نيشنل پارٽي“ ڪيا ماڙي ٽائون ڪراچي
مستقل ميمبر ”پيرل قمبر ادبي سماجي سنگت“ شهدادڪوٽ
پوسٽل ائڊريس: جمالي هوٽل جيئي سنڌ چوڪ يو سي 7 عبدالرحيم ڳوٺ نيو ڪراچي سنڌ
03333754319-03012150611

## غزل

يار جو ديدار مون لئہ ڪافي آ،
عشق جو اظهار مون لئہ ڪافي آ.

جام نيڻن جو پياري تو چڙهيو،
قرب ۾ هي قرار مون لئہ ڪافي آ.

ٻي دنيا مون ڪان ڪسي ڇڏجو ڀلي،
بس پرين جو پار مون لئہ ڪافي آ.

دل جي دنيا بس رهي آباد شل،
۽ سڄڻ جو پيار مون لئہ ڪافي آ.

مان تہ ان جو هو بہ پنهنجو ٿو چوين،
تنهن جو هي آڌار مون لئہ ڪافي آ.

حسن کي سجدا ڪيان دل ٿي چوي،
سونهن جو سنسار مون لئہ ڪافي آ.

سڪ بہ هن جي سيني ۾ سانڍي رکيم،
۽ سڄڻ جي سار مون لئہ ڪافي آ.

سنڌ تي سر مان "جمالي" گهوريان،
ماءُ جو هي پيار مون لئہ ڪافي آ.

❊❊

## غزل

ناھ اڳتي لاءِ ڪجھ آھين ھتي مھمان تون،
خالي ھٿ ويندين ڪٽي پوءِ ڪندين ارمان تون.

ڪر وڏائي ايتري جا ڳالھ رب ڪي پيي وٽي،
پل گھڙي ڪن ڪيل دنيا پو ٿيندين پشيمان تون.

جي نبي جي آھين امت پيروي ان جي تي ھل،
ايئن نہ توڪي ٿو جڳائي وياج وٺ مسلمان تون.

ڳولي لھ "يونس" ادا تون ھاڻ پنھنجو پاڻ کي،
ڇا آھيان مان ڇا آھيان جي آھين پڪ انسان تون.

**

## غزل

واهہ رنگي جا رنگ ڏٺاسين،
مستو مست ملنگ ڏٺاسين.

ڪن کي سون ۾ گاڏيون بنگلا،
ڪيئي ڏاڍا تنگ ڏٺاسين.

ڪن کي بخمل پهريل آهن،
ڪي تہ اگهاڙا انگ ڏٺاسين.

پنهنجا راز تہ پاڻ تو جاڻي،
ماڻهن ۾ وڏا ڍنگ ڏٺاسين.

ويرانين کي وسنديون ناهيائين،
شهر جتي اتي جهنگ ڏٺاسين.

نينهن جا نانگ ڏٺاسين ڪيئي،
ڪن کي هٽندي ڏنگ ڏٺاسين.

باهہ برهہ جي اندر "يونس"
پچندي ڪيئي پتنگ ڏٺاسين.

❋❋

## غزل

انتظاريءَ جون گهڙيون ڪتجن نہ ٿيون،
بيقراريءَ جون گهڙيون ڪتجن نہ ٿيون.

هي تہ پل سڪرات وانگي ٿا لڳن،
آهہ زاريءَ جون گهڙيون ڪتجن نہ ٿيون.

چڙ زبان تي تالا آهن بس لڳل،
ڪنهن ويچاريءَ جون گهڙيون ڪتجن نہ ٿيون.

ڪلندي ڪلندي هو رسي آهي ويئو،
دل آزاريءَ جون گهڙيون ڪتجن نہ ٿيون.

خون جي عيوض ڏنائون نياٽيون،
ڪنهن تہ ڏاريءَ جون گهڙيون ڪتجن نہ ٿيون.

آهي نتهڻ اُس ”جمالي“ جو سفر،
پنڌ واريءَ جون گهڙيون ڪتجن نہ ٿيون.

**

## غزل

حياتيءَ  کي ڪو ئي سهارو ڪپي ٿو،
لڳي دل آ جنهن سان سو پيارو ڪپي ٿو.

سمنڊ جيڏي سورن ڪيو ساهہ ساڻو،
ٻڏان ۽ تران ٿو، ڪنارو ڪپي ٿو.

قدم جي ڪٽان ٿو تہ روڪي ٿي دنيا،
هلڻ لاءِ مون کي ڪو چارو ڪپي ٿو.

آهين چنڊ تون ۽ چڪور آهي ”يونس“
تنهنجي سونهن جو بس نظارو ڪپي ٿو.

**

## غزل

سرنهن ڦولاري آهي دلبر مون سان اچي تون هاٽي مل،
مند بهار جي موٽي آئي، درشن لئہ ديواني دل.

جهر جهنگ سارو هي ساوڪ آ ساهہ کي تو لاءِ سڪ آ،
جهومي ڪڪرن جهمريون لاتيون ڪنوٽين آهي ڪئي ڪيچل.

ٿڌڙي اُتر جي هير گهلي آ، مستيءَ ۾ ٿو مور ٽلي،
هيڪل من هي ماندو آهي، آءُ هلي تون سور کي سل.

سال پروڪي وانگر جاني، هيل بہ مند هلي نہ وڃي،
پنهنجي سر جو قسم اٿئي ۽ ميڙ پڻائي، سامي، سچل.

❊❊

## غزل

مان مسجد ۾ مندر وڃان ڪو نہ ٿو،
قلب جي ڪعبي مان نڪران ڪو نہ ٿو.

پائي جيءَ ۾ جهاتيون ٿو سجدا ڪيان،
تڏهن ڪاٿي سجدا ڪيان ڪونہ ٿو.

ڏسي ۾ پسي ٿو جوڙيو جنهن جهان،
اکيون بند ڪري مان ڏسان ڪونہ ٿو.

پڙهي تسبيون ظاهر زمانو سڄو،
ذڪر ڪيان مان باطن ڏسيان ڪو نہ ٿو.

ٿا نيت جا ڀرا ”جمالي“ ملن،
ڪڏهن ڪنهن اڳيان هٿ ٽنگيان ڪو نہ ٿو.

**

## غزل

پري پردو هٽائي ڇڏ لڪين ڇو ٿو حجابن ۾،
ملي وڃ روبرو منڙا نہ ملندو ڪر خوابن ۾.

نہ موتيو مٽ آهي تنهنجي نہ مکڙي آ مثل تنهنجي،
نہ رابيل آهي تو جهڙو لڳين ٿو گل گلابن ۾.

نہ سيرت جي ڪمي آهي نہ صورت جي ڪمي آهي،
ڏٺي صورت نہ اهڙي مون پڙهيو ناهي ڪتابن ۾.

اچين سامهون جڏهن ”يونس“ تہ دل ٿي زور سان ڌڙڪي
پڇين ٿو سوال جڏهين تون تہ لرزان مان جوابن ۾.

**

## غزل

جنگ جهيڙي وارا ماڻهو دربدر،
ڏاڍو برو ٿئي ٿو انهن جو حشر.

پيار جا پنڇي رهو ٿي ديس ۾،
خير جي هر هنڌ پُڄايو بس خبر.

پوٽو دهشتگردي جو پاڙان پٽيو،
چمن پوکيو پيار جو دل جي اندر.

ڪنهن جو قتل ڪائنات جو آهي قتل،
خوف ڪو دل ۾ خدا جو دوست ڌَر.

امن جو هٿ ۾ ڪڻو "جمالي" جهندو،
سنڌ جنت وارو ٿئي جيئن منظر.

**

## گيت

ڪو تنهنجي حسن جو جواب نہ آ،
هڪ ڪجليون اکيون پيو نقاب نہ آ.

هت پير امير ويا مير ڪُسي،
ويا واڳ ويندا ممير ڪُسي،
ويا ايڏا ڪُسي جو حساب نہ آ.

هت حور پَريون شرمائن ڏسي،
آ حسن تنهنجي جي ڇاڪ هلي،
جوڀن جو جمال حجاب نہ آ.

اکين جو شرابي جام مليو،
جلوو جي ڏنم ويو هوش هليو،
هي سچ آ "جمالي" خواب نہ آ.

**

## چوسٽا

سنڌ وطن تان ٿيان قربان مون کي سنڌ اندر دفنائجو،
منهنجي آخري وصيعت ياد ڪجو اجرڪ جو ڪفن پارائجو،
ان موت تي مون کي فخر ٿيندو جي سنڌ جي لاءِ سِر ڏيندس،
وقت اچي جي سنڌ مٿان سوَ پيرا سسي ڪترائجو.

❊

ظلمن جي زنجيرن کي ٽوڙي هلبو ٽوڙي هلبو،
دشمن جي دل ۾ خنجر کوڙي هلبو کوڙي هلبو.
بيغيرت سان ڪائڻ پيئڻ جمالي حرام آهي،
اهڙن ماڻهو کان منهڙو موڙي هلبو موڙي هلبو.

❊

ماءُ ۽ پياءُ جا رشتا سنڌ سان،
پنهنجي ساھ جا رشتا سنڌ سان.
ڪنڌ تي توڙي ڪات جمالي،
پر ويساھ جا رشتا سنڌ سان.

❊

ايمان بہ منهنجو سنڌ آهي،
ارمان بہ منهنجو سنڌ آهي.
سچ پڇو جي مون کان جمالي،
داستان بہ منهنجو سنڌ آهي.

❊❊

# نادر دايو



پورو نالو: نادر علي
پيءُ جو نالو: شفيع محمد دايو
ادبي نالو: **نادر دايو**
جنم تاريخ: 26 جون 1990ع
تعليم: مئترڪ
ڪرت: پرائيويٽ ملازم
ادبي سڃاڻپ: شاعر
شاعري ۾ استاد: اڪبر ڪرل
ادبي سرگرميون: بيورو چيف ”نئين آس“ مئگزين قمبر شهدادڪوٽ
لکڻ جي شروعات: 2005ع کان
هاڻوڪي رهائش: ڊرب محلا شهدادڪوٽ
پوسٽل ائڊريس: آفيس نئين آس مئگزين شهدادڪوٽ
Email :wafanadirdayo@yahoo.com
03113631819

## غزل

زندگي هي عذاب ساري آ،
مون کان پُڇ ڪيئن مون گذاري آ.

چڙ تہ ٽانڊن مٿان قدم آهن،
ڪيئن مقدر هي باهہ ٻاري آ.

ڪنهن جو روشن سفر حياتيءَ جو،
ڪنهن جو هر هڪ قدم انڌاري آ.

منهنجو جيون سڄو ٽُٽي بيشڪ،
ڪين مون کي حيات پياري آ.

مون کي ڇڏ مان مزو وٺان ماٺي،
مرڪ هڪڙي ملي اڌاري آ.

هونئن تہ جيون سڄو ٽَٽي ڌرتي،
تنهنجي سامهون هي پل ڀاري آ.

**

## غزل

ڪنهن بہ پل ڪين موت ٽاري ٿو،
ڇڻ تہ ازرائيل پيو پُڪاري ٿو.

حادثو هي نہ پر حقيقت آ،
هر ڪو مهمان ٿي گذاري ٿو.

ڪو نہ اونچو مَقام آ ڪنهن جو،
هر بشر ڪي مُقام ساري ٿو.

پير پنهنجا بہ هن قبر ڏاران،
موت امڪان پيو ڏيکاري ٿو.

پاڻ مالڪ ئي راز ڄاڻي ٿو،
ڪيئن ”نادر“ جياري ماري ٿو.

**

## غزل

تو خدائي اجان ڏني ناهي،
ڪير قدرت مان آسرو لاهي.

رنگ چهرن جو زرد ٿي ويو آ،
پو بہ اڳتي ٿو هر ڪوئي ڪاهي.

دل جي دنيا ڊٺي پئي آهي،
ڪو نہ محبت مڪان پيو ٺاهي.

من ۾ نفرت ۽ منهن مٺو ماڻهو،
ڪير ڪنهن کي نہ دل سان ٿو چاهي.

ياءُ ياءُ جو ٿو ٿئي دشمن،
ڏوڙ "نادر" نہ منهن ۾ ٿو پائي.

**

## غزل

اکين کي اوسيئڙو ڏيئي،
هاڻ الائي ڪاڏي ويئي.

مرڪ چپن تي خوب سجايل،
چهرو وسريو ناهي سوئي.

منهنجي من جو مالڪ تون آن،
پاڻ چيائين مون کي اچي هي.

رنگ رسيليون ڳالهيون ان جون،
ياد پون ٿيون هاڻ سپيئي.

**

## غزل

تنهنجي در تي ٿيندا سجدا مگر آهستي آهستي،
ڪندو مولا پنهنجا ميلا، مگر آهستي آهستي.

جي ڪولي وار هي ڪارا، وري محفل ۾ تون ايندين،
نوان پيهر غزل لکبا، مگر آهستي آهستي.

سجائي مرڪ چپڙن تي، ڏنو جنهن پل تو جنهن جنهن ڏي،
چريا سڀ چاهه ۾ ٿيندا، مگر آهستي آهستي.

رڳو "نادر" نہ ديوانو اڳيان تنهنجي سڄڻ سائين،
سوين ڪن سونهن کي سجدا، مگر آهستي آهستي.

**

## غزل

وفائن جي بدلي جفا ٿي ملي،
عجب عشق ۾ هي سزا ٿي ملي.

خدا ڄاڻي ڪهڙي هوا وئي گهلي،
نہ ڪنهن مان بہ ڪائي وفا ٿي ملي.

نہ ڪنهن ۾ محبت ۽ ماڻهپو آ،
رڳو نفرتون ۽ دغا ٿي ملي.

رڳو غم ئي "نادر" اسان کي مليا،
خوشي پر نہ ڪنهن کي "وفا" ٿي ملي.

❊❊

## غزل

دل ۾ ڪھڙي اجا خوشي آھي.
ٿي زھر ھي زندگي آھي.

دل جو گلشن ويو سڄو اجڙي،
ڪِ نہ گلڙن ۾، تازگي آھي.

چند لمحن کي زندگي سمجھم،
مون ۾ ڪيڏي نہ سادگي آھي.

ھر قدم ھر گھڙي وڃي دل سان،
مون ڪئي ھن جي بندگي آھي.

ھن کي ڏسندي جا مون ڪئي ”نادر“
دل جو آواز شاعري آھي.

**

## غزل

سھڻن جو سردار مٺا تون،
منھنجو آن منٺار مٺا تون.

تنھنجي چا تعريف ڪيان مان،
گلڙن ۾ گلزار مٺا تون.

منھنجي سِر جو آھين سھارو،
دل جو آن دلدار مٺا تون.

”نادر“ تو ۾ ساھ آ منھنجو،
اکڙين جو آن ٺار مٺا تون.

❋❋

## چئوسٽا

پيار جي بدلي پٽر نہ گھرجي،
اھڙو مون کي شھر نہ گھرجي.
جنھن ۾ ھار مان ڪائي ويھان،
ھرگز اھڙو سفر نہ گھرجي.

❊

ڪارا ڪارا وار سڪي جا،
روز ٿين ديدار سڪي جا.
مونکي پل پل موھن ”نادر“
سورنھن ئي سينگار سڪي جا.

❊

غمِ فِراق جو سفر ڪٽجي نہ ٿو،
ٿاندا ڪٽي ھٿن ۾ ڪو مرڪي نہ ٿو.
مونکي وساريو جنھن آ پل ۾ ”نادر“
سو ھمسفر مون کان تہ وسري نہ ٿو.

❊❊

تنهنجي نالي جو احترام آهي،
ذڪر تنهنجو لبن تي صبح شام آهي.
منهنجي جيءُ سان ويو جڙجي جو،
سو مٺي تنهنجو ئي ڪلام آهي.

❇

پير قبر ڏي سري رهيا آهن،
خواب سارا وڪري رهيا آهن،
اجا منزل پري آهي "نادر"
ڳوڙها اکين مان ڪري رهيا آهن.

❇❇

# ڪريم ”گل“ دايو



پورو نالو: محمد ڪريم
پيءُ جو نالو: محمد يعقوب دايو
ادبي نالو: ڪريم ”گل“
جنم تاريخ: 22 مارچ 1991ع
تعليم: بي- ايس- سي
ڪرت: پنهنجو ڪاروبار
ادبي سڃاڻپ: شاعر
لکڻ جي شروعات: 2003ع کان
هاڻوڪي رهائش: فيض الاهي مسجد شهدادڪوٽ
پوسٽل ائڊريس: فيض الاهي اسڪول
ڊرب محلا شهدادڪوٽ
Email: kareem.guldayo1@yahoo.com
03342009628

## غزل

توسان دلڙي قاتل آهي،
سينو سارو گهايل آهي.

تنهنجي يادن من تڙپايو،
دل هي توکئ پاڳل آهي.

هر شيءَ ۾ تون نظر اچين ٿو،
عڪس اکين ۾ سمايل آهي.

ايڏو چو انياءُ ڪرين ٿو،
روح اڳي ئي ستايل آهي.

❊❊

## غزل

دل جا رشتا ٽوڙي وئي آ،
مون کان منهڙو موڙي وئي آ.

غير جي هٿ ۾ هٿ ڏئي هو،
خنجر دل ۾ کوڙي وئي آ.

پاڻ خوشين سان لائون لڏائين،
مونکي غمن سان جوڙي وئي آ.

هيءَ حياتي صحرا ٿي وئي،
سيئي خوشيون ميڙي وئي آ.

**

## غزل

ديد تنهنجي ئي عيد منهنجي آ،
اڄ ٿي پوري اميد منهنجي آ.

زندگي تو سوا زهر آهي،
هر خوشي ٿي شهيد منهنجي آ.

مان نہ هڪ پل وٺي سگهيس تنهنجو،
تو ڪئي زندگي خريد منهنجي آ.

هن جي نيڻن جي پُر ڪشش موسم،
بي اثر ”گل“ هي ديد منهنجي آ.

❊❊

## غزل

مون کي توسان پيار جانان،
اڄ ڪيو مون اقرار آ جانان.

مون کان دور جو ٿيندي آهين.
پو تہ ستائيندي سار آ جانان.

هونئن حياتي خزان خزان آ،
تنهنجو ساٿ بهار آ جانان.

”گل“ کي پنهنجو پيار ڏئي وڃ،
تولئہ ئي بيقرار آ جانان.

❋❋

## غزل

دور ٿي وئين پرين، ڪا خوشي ڪو نہ آ،
غم ڪان واندي منهنجي، ڪا گهڙي ڪو نہ آ.

مون کي اونداه جو وئين سفر تون ڏئي،
تو سوا منهنجي لئہ روشني ڪو نہ آ.

ڪوئي آٿت ڏيڻ ڪو نہ آيو هلي،
توڙي پنهنجا اٿم اجنبي ڪو نہ آ.

مان تہ ڳوڙهن سان بستر پسايو آ ”گل“
يار برسات ڪائي پئي ڪو نہ آ.

**

## غزل

سونهن تنهنجي ثواب جهڙي آ،
تنهنجي خوشبوءِ گلاب جهڙي آ.

منهنجو هر هڪ سوال ناڪارهه
مرڪ تنهنجي جواب جهڙي آ.

تنهنجي ٻولي ۾ گفتگو سائڻ،
شاعري جي ڪتاب جهڙي آ.

منهنجي نيڻن ۾ عشق چولي ”گل“
اک تنهنجي عقاب جهڙي آ.

**

## غزل

تنهنجي يادن ۾ عمر گذري وئي،
ٻالهه هڪڙي آ دل ۾ رهجي وئي.

دل جي ڌڙڪن ۾ تون آهين جانان،
توسوا منهنجي دنيا اجڙي وئي.

تنهنجي پيرن جي خاڪ آهيان مان،
زندگي منهنجي آهي وکري وئي.

ڏينهن سارو سفر ۾ ڪاٽيو "گل"
تنهنجي در تي آ رات پئجي وئي.

**

## غزل

تنهنجي راهه نهاريان ويٺو،
لُڙڪ اکين مان هاريان ويٺو.

ايندين ساجن مون ڏي ڪڏهين،
ان لئه پاڻ جئاريان ويٺو.

نيڻ هي تنهنجي راهن ۾،
ديپ ڪري مان ٻاريان ويٺو.

تنهنجي اچڻ جي آس رکي ”گل“
ايئن اندر ٿو ناريان ويٺو.

**

## آزاد نظم

واهڻ واهڻ وستي وستي،
خوب ڏنو آ مون واجهائي،
ڪو نہ خوشي ڪو ڪنهن کي ڏئي ٿو،
هر ڪو پيو ٿو درد ورهائي،
ڪنهن کي مرڪ چپن تي ناهي،
سڀ ڪو ويٺو نير وهائي،
ماڻهن ڪان ٿي ڪڪ هليا ويا،
ڪاڏي الائي ٿهڪ هليا ويا،
ابتڙ ٿو انسان هلي پيو،
ڪيئن الاءِ جهان هلي پيو،
بدليل سب ڪردار ڏسون ٿا،
قيامت جا آثار ڏسون ٿا،
ڪهڙو الاءِ سبب ٿو جاڻي،
ڳالهہ سچي هي رب ٿو جاڻي.

**

## نثري نظم

خوشي !
خوشي هڪ اهڙي شيءِ آهي،
جنهن سان انسان پنهنجا سمورا غم،
ڀلائي ڇڏيندو آ.
خوشي اها خوراڪ آهي،
جيڪا ڪمزور کي ٻه صحت ڏئي ڇڏيندي آهي.
هن سماج ۾ خوشي هڪ خواب جيان آهي !

**

# تيڙو

سامھون ايندي آن،
پائي ڪارو ويس تون،
ڏاڍي ٺھندي آن.

❊

دلڙي جي چئي تي،
گاڏي روڪي مون چڙهي،
تنھنجي رستي تي.

❊

ويھي بور ٿجي ،
ان ڪان بھتر آھي ڪو،
افسانو لکجي.

❊

دل ٿو وندرايان،
گيت ئي پنھنجو لکيو ٿم،
سوئي ٿو ڳايان.

❊❊